

# ديوداس

(ناول)

شرت چندر چيٽرجي

سنڌيڪار: مبين چنا

پيڪاڪ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

دیوداس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ديوداس

(ناول)

شرت چندر چيٽرجي

سنڌيڪار: مبين چنا

پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب نمبر 132

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪو بہ حصو ڪاپي يا شايع نہ ٿو ڪري سگهجي.

# ديوداس

سنڌيڪار: مبين چنا

ڇاپو پهريون: 2019ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهہ

ٽائيٽل: غضنفر

قيمت: 250 رُپيا

ڇپيندڙ

ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي - سنڌ

peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گهر

404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ

فون نمبر: 021-35680607، 021-35682020

peacockbookhouse@gmail.com

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# ارپنا

پنھنجي پياري دوست
محترم قربان چنا
جي نانءُ
جنھن جي اتساھ ۽ همت افزائيءَ
مونکي پڙھندڙن جي اڳيان پيش ڪيو.

– مبين چنا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران

بنگالي ٻوليءَ جو شاهڪار ناول "ديوداس" شرت چندر چيٽرجي 1917ع ۾ لکيو. جڏهن سندس عمر ڪل 17 سال هئي. سماجي ۽ ڌرمي رسمن تي آڌار رکندڙ ان رومانوي ناول پنهنجي دور ۾ وڏي شهرت ماڻي. ڪهاڻي جو هيرو ديوداس، برهمڻ خاندان مان آهي ۽ سندس هيروئن پاروتي عرف پارو هيٺين طبقي سان تعلق رکي ٿي. ننڍپڻ ۾ هو گڏ راند روند ڪن ٿا ۽ هڪ ٻئي سان پيار جا وچن به ڪن ٿا. ڪجهه وقت کان پوءِ ديوداس ڪلڪتي پڙهائي لاءِ وڃي ٿو. اتي سندس ملاقات چندر مکيءَ سان ٿئي ٿي، جيڪا متس موهت ٿي پوي ٿي. ديوداس هڪ طرف پارو ته ٻئي طرف چندر مکي جي محبت ۾ ڦاسي پيو. ڪلڪتي ۾ 13 سال پڙهڻ کانپوءِ موٽي اچي محبوبا سان ملي ٿو. ٻئي شادي لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. پارو جي ماءُ ديوداس جي ماءُ کان سڱ گهرڻ وڃي ٿي. اتي ڪهاڻي نئون موڙ کائي ٿي، جو ديوداس جي ماءُ هيٺين طبقي وارن سان سڱابندي کي عيب سمجهي ٿي ۽ ان کي واپس موٽائي ٿي... پاروتي جي شادي هڪ شادي شد، مرد سان ڪرائي وڃي ٿي. ڪهاڻي جو انجام اهو ٿيو جو ديوداس اداس رهڻ لڳو ۽ شراب واپرائڻ لڳو. آخر دم اچي پنهنجي محبوبا جي گهر جي در تي ڏنائين... جڏهن پاروتي کي اها خبر پئي ته هوءَ ڊوڙندي آئي، پر سندس ماڻهن ڪيس اچڻ نه ڏنو...

حقيقي ڪهاڻي تي آڌاريل ان ناول کي پنهنجي دور ۾ وڏي شهرت ملي، هندي، گجراتي، تامل، تيلگو، اردو، ملائيالم، آسامي ۽ هندستان جي ڪن ٻين ٻولين ۾ ان جو ترجمو ڪيو ويو. ان ناول تي بنگالي ٻوليءَ ۾ 1935ع ۾ فلم ٺهي، جيڪا ڪامياب وئي، ان کان پوءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1955ع ۾ هندي فلم ٺهي، جنهن جو هيرو دليپ ڪمار هو. دليپ ڪمار پنهنجي اداڪاريءَ سان ان ڪردار کي امر ڪري ڇڏيو. ويجهڙ ۾ فلم ديوداس نئين انداز ۾ ٺهي آهي، فلم جو هيرو شاهه رخ خان آهي ۽ پارو جو ڪردار ايشوريا راءِ ادا ڪيو آهي.

ناول جي ان مختصر تعارف کان پوءِ اچون ٿا، مبين چنا سنڌيڪار جي ڪردار تي. ڪيس هر طرح شابس هجي، جو هو هڙان وڙان پيسو ۽ وقت خرچ ڪري ٻاهرين دنيا جي شاهڪار ۽ مشهور ڪهاڻين، ناولن ۽ ٻين ڪتابن جو ترجمو ڪري، ڇپائي ٿو. اڄ جي زماني ۾ اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. مبين چنا ڌرتي جو لائق پٽ آهي، جيڪو پنهنجي ذمي جو ڪم سٺي نموني ڪري رهيو آهي.

هو ترجمي واري ٻوليءَ تي وڏيڪ توجهه ڏئي رهيو آهي. ڪردارن تي به سندس گرفت وڏيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيڪڏهن ادب ۽ ترجمي سان پريت جو اهڙو ناتو رکيائين ته اهي ڏينهن پري نه آهن، جو ڪيس سنڌي ٻولي جي ترجمي نگارن جي پهرين صف ۾ شمار ڪيو ويجي.

مبين چنا صاحب اٺڻ ويهڻ ۽ دوستيءَ جو ننگ نڀائڻ به ڄاڻي، ان حوالي سان سندس يارن دوستن ۽ پڙهندڙن جو وڏو حلقو آهي.

منهنجي معلومات مطابق ان ناول جو اڳ ترجمو ’سانول‘ نالي ڪنهن هندستان جي سنڌي ليکڪ ڪيو آهي. جڏهن ته هري موٽواڻي ۽ نارائڻ ڀارتي پڻ ان ڏس ۾ ڪم ڪيو آهي. پر مبين جو پنهنجو رنگ آهي، يقينن سندس محنت رنگ لائيندي. هن کان اڳ، اسان سندس ترجمو ڪيل ”منٽو جون شاهڪار ڪهاڻيون“ شايع ڪري چڪا آهيون، جنهن کي تمام سٺي موٽ ملي آهي. خاص طرح اسان جي حيدرآباد واري بوڪ اسٽال تلن سٺي انگ ۾ اهو ڪتاب وڪرو ٿي رهيو آهي.

ٻه اکر سائين ننگر چني، بابت لکڻ تي دل گهري ٿي. سائين تمام گهٽو لکيل پڙهيل ۽ عمل وارو اديب آهي. ادب جي شايد ڪا صنف ڪانئس رهيل هجي. مونکي حيرت ٿي، نصير آباد فيسٽيول-2 ۾ منهنجي اسڪولي ٻارن لاءِ تيار ڪيل ”پيڪاڪ اسڪول ڊڪشنري“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دڙي جي کوٽائي جو ڪم ڪرايو هو. ان سان گڏ بنگالي آرڪيالاجسٽ اين جي مجمدار کي به نه وسارڻ گهرجي، جنهن ’جهڪر‘ جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي ۽ سنڌ جي قديم ماڳن بابت ‘Exploration of Sindh’ ڪتاب لکيو. جنهن ۾ هن سنڌو ماٿري جو به هزار ميل ڊگهو سفر ڪيو ۽ هڪ سؤ دڙن ۽ ماڳن جي نشان دهي ڪيائين، ڪيس جوهي لڳ سون ڳولڻ جي شڪ ۾ ماريو ويو.

ڪتاب ’ديوداس‘ جي ڪهاڻي اهڙي شاهڪار ۽ دل کي ڇيندڙ آهي، جو نوجوان ازخود خريد ڪرڻ تي مجبور ٿيندا ۽ ياءُ مبين چنا جي محنت سجائي ٿيندي.

**ڊاڪٽر آفتاب ابڙو**
چيئرمين
پيڪاڪ پبلشرس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌيڪار پاران

دنيا ۾ رڳو بنگالي جادو مشهور ناهي پر اُن کان وڌيڪ بنگالي ادب سگهارو ۽ عالمي سطح تي ناميارو آهي. ذڪر ايشيا ۾ شايد ئي ڪنهن ٻئي ٻولي جو ادب ايترو سگهارو ۽ پڙهيو ويندو هجي جيترو بنگالي ادب پڙهيو ويندو آهي. اُهو بنگالي ادب ئي هو جنهن جي شاعر کي ذڪر ايشيا ۾ پهريون پيرو ادب تي نوبيل پرائيز مليو. اُهو عظيم شاعر جنهن جي شاهڪار کي نوئبل پرائيز مليو. اُهو خوش نصيب رابندر ناٿ ٽيگور هو جنهن جي شاعري واري مجموعي ”گيتانجلي“ کي اُهو پرائيز مليو هو. سنڌ ڌرتي جو عظيم ڪامريڊ ۽ اديب سوڀو گيانچنداڻي رابندر ناٿ ٽيگور جو شاگرد رهي چُڪو آهي. رابندر ناٿ ٽيگور کان علاوه قاضي نذر الاسلام جنهن تي منصور قادر جوڻيجي جو ”بنگالي ٻوليءَ جو انقلابي شاعر قاضي نذر الاسلام“ ڪتاب تازو مارڪيٽ ۾ آيو آهي. ٻڳوتي چرن شرما جنهن جو مشهور ناول ”چترليکا“ رشيد ڀٽي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي، مها شِيويتا ديوي ۽ شرت چندر چيٽرجي بنگالي ٻولي ۾ ادب جا وڏا نالا آهن.

اسان تائين بنگالي ادب جي سڌي سئين رسائي تہ ممڪن ناهي، پر ان تائين پهچڻ جو صرف هڪ ئي ذريعو آهي، اُهو آهي ترجمي وارو، پوءِ چاهي اُهو انگريزي ٻولي ۾ هجي، اردو هجي يا وري سنڌي ٻولي ۾ هجي. ڪافي سارو بنگالي ادب انگريزي ۽ اردو ٻولي مان سنڌي ۾ ترجمو ٿي پڙهندڙن وٽ مقبوليت ماڻي چُڪو آهي. پر اڃا گهڻو مواد ترجمو ڪرڻ جي ضرورت آهي. جنهن لاءِ اسان جي سرڪاري ادارن کي توجه ڏيڻ گهرجي ۽ بنگالي ادب جي شاهڪارن سان گڏ عالمي سطح تي مشهور ادب کي بہ سنڌي ٻولي ۾ ترت ترجمو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائڻ گهرجي تہ جئين سنڌي پڙهندڙ بہ عالمي سطح تي پڙهيو ويندڙ ادب کي پنهنجي سهڻي ٻولي ۾ آساني سان پڙهي سگهن.

شرت چندر چيٽرجي (1938 - 1876) جو ننڍپڻ نانيهال ۾ گذريو، جتي هُن اسڪول ۽ پوءِ ڪاليج واري تعليم حاصل ڪئي. والدين جي وفات کان پوءِ سندس گهريلو نظام درهم برهم ٿي ويو هو ۽ ڪجھ سالن تائين هو بي گهر ٿي اُتر بهار ۾ رهڻ لڳو. 1903 ۾ هو برما هليو ويو جتي رنگون شهر ۾ڪيس هڪ سرڪاري آفيس ۾ ڪلاڪي واري ملازمت ملي وئي. برما وڃڻ کان پهريون هن انعامي مقابلي جي لاءِ هڪ افسانو پنهنجي چاچي سريندر ناٿه گنگولي جي نالي سان لکي موڪلي ڏنو هو. انهي افساني کي پهريون نمبر مليو ۽ 1904 ۾ شايع ٿيو. هن پنهنجي نالي سان هڪ طويل ڪهاڻي "بڙي ديدي" جي نالي سان لکي جيڪا 1907 ۾ "رسالا بهارتي" ۾ شايع ٿي. پر هُو 1913 ۾ اُڀري سامهون آيو. جڏهن هن جا ڪجھ بهترين افسانہ "جمونا" "ساهيتہ" ۽ "بهارت ورش" جهڙن مقبول رسالن ۾ شايع ٿيا. انهن افسانن جي مشهوري کان پوءِ هن جي آمدني ۾ ڪجھ اضافو ٿيو ۽ برما ۾ سندس صحت بہ ڏينهو ڏينهن پوئتي ٿيندي پئي وڃي، جنهن جي ڪري هُو ملازمت ڇڏي واپس هندستان هليو آيو ۽ ڪلڪتي شهر ۾ هن پنهنجي مستقل رهائش اختيار ڪئي ۽ لکڻ کي پنهنجو پيشو بنائي ڇڏيو. هندستان جو هي پهريون ناول نگار آهي جنهن پنهنجي ناولن جي آمدني تي ڪجھ آرام واري زندگي گذاري. سندس ناولن ۾ "ديوداس" جيڪو 1917 ۾ شايع ٿيو. "پري مينا" (شادي شده ڇوڪريءَ) جيڪو 1914 ۾ شايع ٿيو "ٻراج بوَ" (براج جي زال) جيڪو 1914 ۾ شايع ٿيو ۽ "پلّي سماج" (دهياتي سماج) جيڪو بہ 1914 ۾ شايع ٿيو. ٽيگور جي افسانن ۽ خاص ڪري ناول "چوکهير بالي" ۽ "گورا" جو اثر بہ شرت چندر جي ناولن ۽ ڪهاڻين تي آهي. عورت سان شرت چندر کي گهڻي همدردي هئي، ان عورت سان جنهن عورت تي گهر جي ماحول ۾ ظلم ۽ زيادتي ٿيندي رهي ۽ گهر کان ٻاهر بہ جنهن تي سماج بہ ظلم ڪندو رهيو آهي. شرت چندر انهن تہ سخت تنقيد ڪندو هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو گهر ۾ سماج ۾ عورت جي حيثيت کان انڪار ڪندو هو. اج بہ شرت چندر جون ڪهاڻيون ۽ ناول اسلوب ۽ پلاٽ جي ترتيب جي ڪري پڙهندڙن جي دلچسپي کي برقرار رکندا آهن.

ديوداس سندس مشهور ناول آهي جنهن تي هندستان ۾ بہ فلمون بہ ٺهي چُڪيون آهن. اسان ۾ تورن ماڻهن ناول پڙهيو هوندو ۽ گهڻن فلمون ڏٺيون هونديون. ديوداس فلم اچڻ کان پوءِ سنڌ ۾ گهڻن عاشقن کي "ديوداس" ۽ سندن محبوب کي "پارو" جي نالي سڏيو ويندو رهيو. منهنجي گهڻي وقت کان خواهش هئي تہ هن ناول کي سنڌي ۾ ترجمو ڪيان. هن ناول کي سنڌي ۾ ترجمو ڪندي مون وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪري آهي تہ هن کي سولو ڪري پيش ڪيان تہ جئين پڙهندڙهن کي آساني سان پڙهي سگهن، مان اُن ڪوشش ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهيان اُهو پڙهندڙئي ٻڌائي سگهن ٿا.

مان ٿورائتو آهيان پيڪاڪ پبلشرز ۽ پرنٽرس جو جنهن منهنجي پورهئي کي اشاعت جي لائق سمجهي اوهان پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايو آهي. وڏا قرب محترم ننگر چني جا جن هن ناول جو مهاڳ لکي پنهنجو ٿورائتو بنايو ۽ محترم محمد علي پٺاڻ جو جنهن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل لکي ڏنو. اوهان جي راين جو شدت سان انتظار رهندو.

**مبين چنا**

چنا لئبريري دربيلو

# مُبين تہ مُبين آهي!

مان مبين کي ائين سُڃاڻان ٿو تہ هُو هڪ اهڙو ڀيرُو آهي، جنهن کي ڪتابن سان عشق آهي ۽ ڪتابن سان عشق رکڻ وارا ماڻهو هن دَور جي سڀ کان وڏي سوغات آهن. اهڙا ماڻهو حيرت آهي، هن پوڙهي ڏاوَن جي سماجَ ۾، هن بوڪڙُو، پيٽ جي پوڄارين، رشوت خورن، ماڻهو مارَ رواجن ۽ رسمن جي پوئلڳ سماج ۾، ڪيئن بچي ويا آهن!؟ شايد ان ڪري بہ جو جيڪڏهن اهي نہ هجن تہ سماج جي باقي رهڻ جو ڪو بہ ڪارڻ نہ رهي ۽ تباهي جو عمل مڪمل ٿي وڃي. اهي ماڻهو جيڪي ڪتابن جا عاشق آهن، سي اصل ۾ ماڻهپي جا، انسانيت جا، اصولن جا، پريم جا، رِيت ۽ پريت جا، سُکَ ۽ سلامتيءَ جا سفير آهن. علم سان دوستي تہ ڏک سان دوستي آهي. اها سچ جي سنگت اصل ۾ سُورن جي سنگت آهي. مان ۽ مُبين اجاتائين مليا ئي نہ آهيون.

مُبين ۽ منهنجو لاڳاپو فون وسيلي جُڙيَل آهي. هن جي ۽ منهنجي وچ ۾ تعلق جو ڪارڻ رڳو ڪتاب ئي آهن. اهڙا تمام ٿورا ماڻهو آهن جن سان منهنجو لاڳاپي جو هڪ مکيہ ڪارڻ انهن جي ڪتاب دوستي آهي، توڙي جو انهن سان ٻيون روح رچنديون بہ آهن، اهڙن ماڻهن ۾ جمن چنجڻي، ياسر سميجو، سندس پيءُ حفيظ سميجو، آدرش، قدير شيخ، منور سولنگي، اشرف سمون، بخشل ٿلهو، عابد مير، ضمير لاڙ، بخشل ٻاغي، احمد شاڪر، سرگوڌا جو رئوف احمد، مشتاق علي شانُ ۽ پاڻ مبين چنو ۽ سندس مائٽ قربان چنو شامل آهن. اسان هڪٻئي سان جڏهن بہ ملون يا فون تي ڳالهہ ٻولهہ ڪريون تڏهن اهو ضرور پڇندا آهيون تہ: "اڄ ڪلهہ ڇا پيو پڙهين؟" منهنجي نظر ۾ تہ ڪو بہ اديب ۽ شاعر، استاد ۽ ڏاهو، دانشور ۽ صحافي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن پنهنجي ڏهاڙي جي عادتن ۾ مطالعي کي شامل نہ ٿو رکي تہ اهو پنهنجي ذات ۾ اڻ پورو، پنهنجي پيشي ۾ ڪٽل آهي.

مبين جڏهن بہ فون ڪندو آهي تڏهن مون کي 'مائٽَ!' چئي ڳالهہ شروع ڪندو آهي، جيتوڻيڪ سڄي سنڌ جو ڪو شهر مشڪل سان هوندو جتي چنا نہ هجن، پر مونکي ڪا بہ، ڪڏهن بہ اهڙي چنتا يا پرواهہ رهي ئي ناهي تہ هُو بہ ڪو چنو آهي، هِي بہ ڪو چنو آهي!! ڀلا ننهو ڪو چنو هجڻ بہ ڪا فضيلت جي نشاني آهي ڇا؟ هن غلامي جي ڪوڙهہ ۾ ورتل سماج ۾، جتي ماڻهو چاپلوسي، چمچاگيري، خوشامد، ايستائين جو وڏن حرامين جي پڙوت ڪندي بہ هيڪ محسوس نہ ڪندا هجن، اُتي ننهو ڪا ذات ڇا ڪبي!؟

لطيف جي چوڻ مطابق:

ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.

رحمان بابا جي مطابق تہ:

سَڙئي دَ سَڙئي پَہ رنگ، نَہ سَڙئي ڪِي ڳِي
سَڙئي هَگا دَئي چہ خُوئِي دَ سَڙو وِيني....
(ماڻهوءَ جي رنگ هجڻ جي ڪري ڪو ماڻهو نہ ٿيندو آ
پر ماڻهو اُهو آ جنهن ۾ ماڻهن جهڙا گُڻَ ڏسين.....!)

سو مُبين جو مون تہ رڳو هڪ ئي گُڻ ڏٺو آهي، تہ هُو علم ۽ ادب جو چاهيندڙ آهي. هُنَ وٽ دربيلي شهر ۾ هڪ لائبريري بہ آهي، جنهن ۾ هزارين ڪتاب آهن. (پنج هزار ڪتاب). هر ڪتاب نہ رڳو خريد ڪيو اٿائين پر گهڻا تڻا پڙهيا بہ اٿائين. هڪ ننڍي شهر ۾ وڏي لائبريري بہ هن جي ذات جي هاڪاري پاسي جي شاهدي آهي. مان سمجهان ٿو تہ ضرور مبين جي وڏن ۾ اهڙا علم پرور ۽ ڪتاب دوست ماڻهو هوندا، جن جي ڇڏيل نشانن تي هُو اڄ هلي رهيو آهي. منهنجا دوستو! ڪيترا ماڻهو هوندا هِنَ ڇهن ڪروڙن جي آباديءِ واري وطن سنڌ ۾ جيڪي ڪتاب سان دوستي رکڻ تي فخر محسوس ڪندا هوندا!؟ ڪير آهي جيڪو ڪپڙن کان وڌيڪ ڪتابن تي پيسا

ڪپائي؟ ڪير آهي جيڪو بدن تي خرچ ڪرڻ کان وڌيڪ روح تي ڪري ' هني ته آفٽرشيو لوشن جو براند به ماڻهپي جي نشاني آهي ته نائيڪ جي چيڙي، جوراب، بوٽ به وڏي ماڻهوءَ هجڻ جي نشاني آهن.
ڪوئٽا ۾ سائين اختر ڪاڪيپوٽو سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري هوندو هو. جيڪو جيالاجيڪل سروي ڊپارٽمينٽ مان ڊپٽي ڊائريڪٽر جي عهدي تان لٿو آهي. انهن ڏينهن ۾ سنگت جي گهڻن تڻن پروگرامن يا اجلاسن ۾ مامو عظيم بروهي (ٽل وارو) ۽ مان شريڪ ٿيندا هئاسين. اُني هڪڙو رند دوائن جي سيل ڪرڻ وارو به س. ا. س ڪوئٽا جو عهديدار ٿيو هو. ان جي پگهار جيئن ته وڏي هئي ۽ اسان وري مست ملنگ ماڻهو. تنهنڪري هُو پنهنجي اميري محسوس ڪرائيندو هو. سائين اختر ڪاڪي پوٽو چوندو هو. "ادا! هڪڙا ماڻهو بين ماڻهن کي مٿان کان هيٺ ڏسندا آهن ۽ ٻيا وري هيٺان کان مٿي. جيڪي هيٺان کان مٿي ڏسندا آهن اُهي لباس کي ڏسندا آهن. ماڻهپي کي نه ۽ هُو پنهنجو رند به ماڻهپو ناهي ڏسندو." سو ڳالهه هئي ڪتاب دوستن جي ته سنڌ کي اهڙن هزارين نه پر لکين ماڻهن جي گهرج آهي، جيڪي ڪتابن جا ڪوڏيا هجن، علم جا عاشق هجن، جن کي سدائين اها لوري لڳل هجي ته دنيا جهانَ ۾ ڪهڙو نئون ناول آيو، ڪهڙو نئون تنقيد جو ڪتاب آيو. ڪهڙو شاعري جو پلو ڳنڍڪو آيو؟ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ڪير ٿو پلو لکي؟ ڪنهن کي بُڪر پرائيز مليو ۽ ڪنهن کي نوبل پرائيز مليو؟ ته ڪنهن کي فرانس جو وڏو ادبي ايوارڊ مليو ۽ ڪنهن کي جرمني جو؟ ڪنهن کي ساهتيه اڪيڊمي جو ايوارڊ مليو ۽ ڪهڙو ڪلاسڪ وري ڇپيو آهي؟ تڏهن ئي اسان پنهنجي بقا کي ممڪن بڻائي سگهنداسين.
مون کي ايتري خبر هئي ته مائٽ مُبين مون کان ڪتابن بابت پڇندو رهندو آهي ۽ هن کي منهنجن ترجمو ڪيل ڪتابن جو اوسيئڙو رهندو آهي ته اهي ڪڏهن ٿا ڇپجن؟ اها ڏار ڳالهه آهي ته مان ڪو ايڏو وڏو پلو ترجمي ڪار ناهيان، جهڙا اسان جا سينيئر قليچ بيگ، منگهارام ملڪاڻي، ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، مراد

علي مرزا، محمد حنيف صديقي، نورالدين سرڪي، رشيد ڀٽي، عطا محمد ڀنڀرو، ايشور چندر، نجم عباسي، محمد عثمان ڏيپلائي، گوبند مالهي، محبت ٻرڙو، حبيب سنائي ۽ ٻيا آهن. پر اها سندس محبت آهي. تي سگهي ٿو ته هُنَ کي 'مائٽ' هجڻ جي ڪري به اها لوري لڳل هجي، پر جي ائين آهي ته پوءِ ڏاڍي ڏک جهڙي ڳالهه هوندي. پر هن ڀيري ته مونکي وڏيڪ حيرت تڏهن ٿي، جڏهن مُبين ٻُڌايو ته هُنَ هڪ ڪتاب به ترجمو ڪري ورتو آهي. اهو ڪتاب ترت ئي اِي_ ميل وسيلي مون تائين پهتو. هُنَ وينتيءَ سان گڏ اهو ترجمو موڪليو ته انهيءَ تي به اکر لکي ڏيان. اها به وري مبين جي وڏائي جو هن مون کي انهيءَ جي لائق ڄاتو.

ڪنهن زماني ۾ بنگال جي ڪاري جادوءَ جو ڏيهان ڏيهه نالو هو. اهو ڪالي ماتا جو ڏيهه بنگال، چٽاگانگ جي گوريلن جو بنگال، انگريزن خلاف وڏي ويڙهه جو ميدان بنگال، سٽيءَ، سندربن ٻيلي، ٻوڏن، دريائن، جانورن ۽ مڇيءَ وارو بنگال، مائوسٽ گوريلن(نڪسلائين) جو بنگال، ورهاڱي کان اڳ اسان وٽ عظيم شاعر، مصور، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ تعليم دانرابندر ناٿ ٽيگور جي ڪري ڄاتل سڃاتل هو. نه رڳو ٽيگور جي ڪري پر منابندرا ناٿ راءِ عرف ايم. اين. راءِ جي ڪري به وڏي احترام لائق هو. اسان جو شيخ اياز ۽ ابراهيم جويو به رائسٽ يعني ايم. اين. راءِ جا پوئلڳ هيا. اهو ته گهٽو پوءِ بنگالين مان شيخ مجيب ۽ قاضي نذرالاسلام اسان جي اجتماعي حافظي جو حصو بڻيا. ڪالهوڪو بنگال اڄ بنگلاديش ۽ انڊين بنگال ۾ ورهايل آهي. پر ٽيگور کي ڪير ٿو ورهائي سگهي؟ ! گيتانجلي کي ڪير ٿو اوير ۽ اولهه بنگال جي لڪيرن ۾ به اڏ ڪري سگهي؟ !

ائين ئي شرت چندر چيٽرجي بنگالي ٻولي جو وڏو هاڪارو ليکڪ ٿي گذريو آهي. نه رڳو شرت پر بنڪم چندر چيٽرجي، ڀڳوتي چرن ورما ۽ مها شِويتا ديوي به بنگالي ٻولي ۽ ادب جا وڏا نالا آهن. شرت چندر چيٽرجي جو ناول "ديوَداس" سنڌ ۾ ٿي سگهي ٿو ته گهٽ ماڻهن پڙهيو هجي، باقي انهيءَ تي ٺهيل فلم ڪير ٿو وساري سگهي!؟

شاهہ رخ خان تي فلمايل ”ديوداس“ جي ڪري ديوداس کي اڏ سنڌ سُجاڻي. جن ڏينهن ۾ اها فلم مارڪيٽ ۾ آئي هئي، تن ڏينهن سڄي سنڌ ۾ ڪيئي ديوداس پيدا ٿي پيا هيا. اسان وٽ نصيرآباد ۾ بہ منهنجن سنگتين ۾ واقفن مان بہ ڪي نوجوان ”ديوداس“ بڻيو گهمندا وتندا هئا. ايتري تائين جو انهن کي ٻيا سنگتي ’ديوداس‘ چئي پڪاريندا هئا تہ اُهي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا.

شرت چندر چيٽرجيءَ جا گهڻا تڻا ترجما ورهاڱي کان اڳ ٿيا ۽ خوب ٿيا. تنهن کان پوءِ هن بنگالي ليکڪ جو هي پهريون ترجمو آهي. ديوداس جيتوڻيڪ هڪ وچولي درجي جي هندو ڪٽنب جو داستان آهي، پر انهيءَ ۾ هندومت اندر رسمن رواجن جي ڪڏي ڪردار تي تنقيد ٿيل آهي. هڪ زميندار گهراڻي جي نوجوان جي بگڙجڻ جي ڪهاڻي آهي، هڪ ڪائست برهمڻ ڪٽنب جي عورت جي محبت جو داستان آهي. هي ناول هندومت ۾ سڌارن واري نقطي نظر کان لکيل آهي، اهو بہ هن جو هڪ پاسو آهي. اهو سڀ تہ توهان پاڻ پڙهجو. مان رڳو ايترو چوندس تہ مُبين جيڪو ترجمو ڪيو آهي، سو پهريون هوندي بہ اهڙو وَيل ناهي جو هن کي سيڪڙات چئجي، توڻي جو آهي نئون نئون. سچ تہ هن گهڻي حد تائين سرل ٻولي، وڻندڙ محاوري ۾ ڪتب آندي آهي. هُنَ وڏي ڪوشش ڪئي آهي تہ ٻولي ۾ ڪٿي بہ ڪا اوپرائپ نہ رهي ۽ پڙهندڙ ٻي ٻوليءَ جي ڏاريائپ کي محسوس نہ ڪري.

مبين جي هيءَ ڪوشش اسان کي ان ڪري بہ پياري آهي جو پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي سڄي جڳ جهانَ جا شاهڪار ڪتاب ترجمو ٿيل کپن، جيسيتائين اسان وٽ هر مضمون جي ڪتابن جا ڍڳ ۽ ڍير ترجمو ٿي نہ ٿا اچن، تيسين اسان سڌريل قومن سان ڪلهي گَسَ نہ ڪري سگهنداسين. اجا تہ اسان رڳو ادبي ترجمن ۾ ڪي ڳڻائڻ جهڙيون وٿون ترجمو ڪيون آهن، پر نيچرل سائنس، هيومنٽيز، سوشل سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ آرٽ ۽ خاص ڪري سياست، فلسفي ، نفسيات جي شعبن ۾ تمام گهڻن ترجمن ڪرڻ جي

ضرورت آهي. اسان کي ادب جي تاريخ، تنقيد، تنقيد جي تنقيد، ادب جي مختلف لاڙن ۽ فلسفياڻن رجحانن، قديم ۽ جديد شاعريءَ، لوڪ ادب سميت هر قسم جي ادبي شاهپارن جي ترجمن جي گهرج آهي. هُونءَ بہ سڄي دنيا جهان جو علم ۽ ادب ترجمن وسيلي ئي پکڙيو آهي ۽ اسان سميت دنيا جي هر قوم، هر ٻي قوم جي احسانن هيٺ دٻيل آهي، جو هر سماج ٻئي سماج کان ورتو ۽ ان کي ڏنو آهي. ائين اصل ۾ اسان انهن ترجمي نگارن جا احسان مند آهيون، جن هڪڙين ٻولين مان ٻين ۾ ترجما ڪيا.

مبين شال ائين ترجمن جي ميدانَ ۾ هن پهرين وک سان ڀرپور سفر جي شروعات ڪري ۽ پنهنجن وطن واسين کي دنيا جي شهڪارن جي کان واقف ڪرائيندو رهي.

**ننگر چنا**
چنا محلو نصير آباد
ضلعو لاڙڪاڻو سنڌ.

# ديوداس

ويساک جي مهيني ۾ هڪ ڏينهن منجهند مهل اُسَ پنهنجي جوڀن تي هئي ۽ گرمي جي ڪا حدئي نہ هئي. انهي وقت مُڪرجي خاندان جو ديوداسُ اسڪول جي ڪمري ۾ هڪ ڪنڊ ۾ هڪڙي پراڻي تڏي تي هٿ ۾ سليٽ کڻيو ويٺو هو. ڪنهن وقت اکيون بند پيو ڪري تہ ڪنهن وقت کولي پيو ڇڏي، ڪنهن وقت ٽنگون ڊگهيون پيو ڪري تہ ڪنهن وقت پاڻ ۾ ملائي پيو ڇڏي. هن جي مُنهن تي اداسي ڇانيل هئي ۽ هو ڪنهن گهري سوچ ۾ گم هو. انهي وقت ئي هنَ فيصلو ڪري ورتو هو تہ اَهڙي سٺي وقت ۾ لغڙ اڏائڻ ۽ ٻاهر گهمڻ جي بدران اسڪول ۾ ويٺو رهڻ ٺيڪ ناهي. هُنَ هڪ اٽڪل سوچي ۽ هٿ ۾ سليٽ کڻي اُٿي بيهي رهيو.

اسڪول ۾ تنهن وقت رسيس هئي. هُنَ جي رسيس بند هئي، ڇو تہ پنڊت گوبند ڪيئي ڀيرا آزمائي چڪو هو تہ هُو هڪ ڀيرو اسڪول مان نڪري ويو تہ وري موٽي اچڻ پسند نہ ڪندو هو. هُنَ جي والد صاحب طرفان بہ منع ٿيل هئي. انهي ڪري ئي اِهو طئي ٿيو هو تہ هُو رسيس هلندي پنهنجي ڪلاس واري مانيٽر جي نگرانيءَ ۾ رهندو.

انهي ڏينهن پنڊت نند جي خمارن جي ڪري ستو پيو هو ۽ ڪلاس جو مانيٽر ڀولو هڪ ڪنڊ ۾ ٽنگُن ۽ ٻانهُن ڀڳَل بينچ تي ننڍو پنڊت ٿي ويٺو هو. هُو ڪنهن مهل ڏيانَ سان ڇوڪرن جي راند پيو ڏسي تہ ڪنهن مهل ديوداس ۽ پاروَتي تي نظر رکي پيو. مهينو کن ٿيندو جو پاروَتي پنڊت جي نگراني ۾ آئي هئي. پنڊت ٿوري ئي وقت ۾ هُنَ جي دل موهي ورتي هئي. ان لاءِ هُوءَ وڏي محنت ڪري، ڪتاب جي آخري پني تي ڪاري مَسُ سان پنڊت جي تصويرٺاهي، سٺن مصورن وانگر ڏسي رهي هئي تہ سندس هٿن جي ٺهيل تصوير ڪنهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حد تائين پنڊت سان ملي ٿي يا نه؟ ڇا اها پنهنجي اصل سان بلڪل هڪجهڙائي رکي ٿي؟ پر هُوءَ انهي مان ئي لطف ماڻي رهي هئي ۽ پنهنجي دل کي تسلي ڏئي رهي هئي.

۽ انهي وقت ديوداس هٿ ۾ سليٽ کڻي اٿي بيٺو ۽ پولي کي رڙ ڪري چيائين.

”سوال حل نه ٿو ٿئي.“

پولي مُنهُن خراب ڪري چيس، ”ڪهڙو سوال؟“

”مڻ، سير ۽ ڇٽانگ وارو.“

”ڏي ...سليٽ اورتي ڪر ته ڏسان.“

انهيءَ ڪم ۾ هُنَ کي رڳو سليٽ ڏيڻ جي دير هوندي آهي. ديوداس هُنَ کي سليٽ هٿ ۾ ڏئي سندس پرسان ويهي رهيو. پولو ڳالهائيندي لکڻ لڳو. ”هڪ مڻ جي قيمت جيڪڏهن چوڏهن روپيا، نَو آنا، ٽي پايُون هجن.“

ٺيڪ انهي وقت هڪ واقعو ٿيو. اُنهيءَ بينچ تي، جنهن تي ڪلاس جو مانيٽر پنهنجي مرتبي جي حساب سان ٽي سال ويٺو رهيو هو، تنهن جي پويان سيڙهي جو ڊير لڳو پيو هو. جيڪو پنڊت خبر ناهي ڪڏهن ۽ ڪتان سستي اگهه تي خريد ڪري رکيو هو. هُنَ جو خيال هو ته هُو سُٺا ڏينهن ايندي ئي پڪو گهر ۽ اگڻ ٺهرائيندو. اها خبر ناهي ته اهي سٺا ڏينهن ڪڏهن ايندا ۽ به يا نه، پر انهي سيڙهي جي حفاظت ۽ سنڀال ڪڏهن به گهٽ نه ٿي هئي.

دنيا ۾ بي خبر ۽ نتيجي کان اڻواقف ڪو به ڇوڪرو انهي سيڙهي ذرو به نقصان نه پهچائي سگهي، ان جي لاءِ هُنَ پنهنجي پياري چيلي شري پولي ناٿ کي انهي قيمتي شيءَ جي حفاظت لاءِ ويهاريو هو ۽ هُو انهي بينچ تي ويهي انهي قيمتي شيءَ جي حفاظت ڪندو هو.

پولي ناٿ لکي رهيو هو. ”هڪ مڻ تيل جي قيمت جيڪڏهن چوڏهن روپيا نَو آنا، ٽي پايُون هجي ته دانهن ٿي: ”الا ڙي!“ انهي ڪانپوءِ هڪدم گوڙ ٿي ويو ۽ پاروَتي ڏاڍيان دانهون ڪندي ۽ ڇِرڪيون هڻندي رهي. اوچتو جاڳي پوندڙ گوبند لعلُ هڪدم ڳاڙهين اکين سان اٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو. هُنَ ڏٺو تہ وڻ جي هيٺان ٻارن جو هجوم رڙيون ڪندو اچي رهيو آهي. انهي وقت هُنَ کي اهو نظر آيو تہ پڳل بينچ تي بہ اگهاڙا پير گمهي رهيا آهن ۽ سيڙهي ٻرندڙ جبل جي لاوي وانگر پڪڙجي رهي آهي. هُنَ رڙيون ڪيون، ”چا ٿيو؟ چا...چا...چاهي ڙي!؟“ انهي ڪان پوءِ پولي ناٽ پاڻ تان سيڙهي پري ڪندي اٿي بيٺو. پنڊت وري رڙيون ڪيون، ”بدمعاش! تون انهي جي اندر هئين.“

”هون... هون“

”وري ساڳيو رينگٽ!“

”ديوداس ڏڪو ڏئي... اُون.... اُون.... مڻ، سير، ڇٽانگ.“

”شيطان! پوءِ ڪاڏي ويو.“

پر انهي گهڙيءَ پنڊت سڄي ڳالهہ سمجهي ويو ۽ تڏي تي ويهي پڇيائين، ”چا ديوداس تو کي ڏڪو ڏئي ڀڄي ويو؟“

پولو ٿورو وڌيڪ زور سان روئڻ لڳو. ”اُون.... اُون... اُون.“

انهي ڪان پوءِ هُو ڪجهہ دير تائين سيڙهي صاف ڪندو رهيو. پر مانيٽر اچي ۽ ڪاري رنگ ۾ ڀُوتَ وانگر نظر ايندو رهيو ۽ سندس روئڻ بند نہ ٿيو.

پنڊت چيو تہ. ”ديو تو کي ڏڪو ڏئي، ڪيرائي ڀڄي ويو آهي نہ؟“

پولي چيو: ”ها... ها.“

پنڊت پڇيو. ”ڇوڪرا ڪٿي آهن؟“

انهي ڪانپوءِ ٻارن جو هجوم سهڪندي موٽيو ۽ اهو ٻڌايائين تہ اسان ديو کي پڪڙي نہ سگهيا آهيون. هُو اسان کي پٿر ٿو هڻي.

”چا هو اوهان کان پڪڙجي نہ سگهيو؟“

هڪ ٻئي ڇوڪري ساڳي ڳالهہ ورجائي، ”واهَ... ڪيئن تہ؟“

”چپ ڪر.“

اهو چپ ڪري هڪ طرف ٿي ويو. پنڊت ڪاوڙ ۾ پهرين تہ پارَوتي کي ڏمڪايو ۽ ڏيچاريو ۽ پوءِ پولي جو هٿ پڪڙي چيو تہ، ”هلو، پنچائت هلي مالڪ کي چئي اچون.“

انهي جو مطلب اهو هو تہ وڏي مُکرجيءَ وٽ وجي ڪيس پنهنجي ڇوڪري جي ڪارنامن جي دانهن ڏجي.

انهي وقت منجهند جا اٽڪل ٽي ٿي رهيا هئا. نارائڻ مُکرجي ٻاهر وينو حقو ڇڪي رهيو هو ۽ هڪ نوڪر ڪيس وڃڻو هڻي رهيو هو. شاگردن سان گڏ پنڊت کي بي وقتو ايندو ڏسي حيران ٿي پڇيائين تہ: "ڇا ٿيو آهي؟ گوبندجي!"

گوبندجي ذات جو ڪائسٿ هو. تنهن ڪري جهڪي مُکرجيءَ کي سلام ڪيائين ۽ پوءِ پولي کي ڏيکاري، سڄو واقعو ٻڌايائين. مُکرجي اداس ٿي ويو ۽ چيائين تہ: "اهو تہ ڏسي رهيو آهيان تہ ديوداس هٿان نڪرندو پيو وڃي. هاڻي اوهان ئي ٻڌايو تہ مان ڇا ڪريان؟" زميندار صاحب حقي جو نڙ زمين تي رکندي چيو.

"هُو ڪاڏي ويو آهي؟"

"مون کي ڪهڙي خبر؟ جيڪي ڇوڪرا کيس پڪڙڻ ويا هئا، انهن کي پٿر هڻي ڀڄائي ڇڏيائين."

ٻئي ٿوري دير خاموش رهيا. پوءِ نارائڻ ڳالهايو: "ٺيڪ آهي، هُنَ کي گهر اچڻ ڏيو. جيڪو ڪجهہ ٿي سگهيو مان ڪندس."

پنڊت جڏهن شاگردن کي وٺي اسڪول پهتو تہ هن پنهنجي مُنهن ۾ ڪيئي گهنج وجهي سيني اسڪول وارن کي اداس ڪري ڇڏيو ۽ سوچي ڇڏيو تہ توڙي جو ديوداس جو والد هتان جو زميندار آهي پر پوءِ بہ ڪيس اسڪول ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏيندس. انهي ڏينهن اسڪول ۾ وقت کان اڳئي موڪل ٿي وئي. واپس وڃڻ وقت شاگرد پاڻ ۾ سس پس ڪري رهيا هئا.

هڪ چيو: "ڏسين ٿو تہ ديو ڪيتري طاقت وارو آهي، ڪيئن ٿو پٿر اڇلائي."

ٻئي چيو "پولي کي سخت مار ڏنائين."

هڪ ٻئي ڇوڪري پولي جو پاسو ورتو ۽ چيو: "ڏسجانءِ، پولو بہ ان جو بدلو ضرور وٺندس."

"اڙي هُو تہ هاڻي اسڪول ئي نہ ايندو تہ پوءِ بدلو ڪهڙو وٺندس."

انهي ننڍڙي هجوم سان گڏ پاروَتي بہ ڪتاب ۽ سليٽ کڻي گهر وڃي رهي هئي، ۽ گڏ هلندڙ هڪ ڇوڪري سندس هٿ پڪڙي پڇيس.

”مُني! ڇا سچ ۾ ديو کي هاڻي اسڪول اچڻ نہ ڏنو ويندو؟“

”نہ، اصلي نہ.“ مُنيءَ جواب ڏنو.

پاروَتي جي پيءُ جي نالو نيل ڪنٺ چڪرورتي هو. چڪرورتي صاحب زميندار جو پاڙيسري هو. مُکرجيءَ جي وڏي گهر جي پرسان هُنَ جو سرن جو پراڻي نموني جو ننڍڙو گهر هو. هن وٽ ڪل ڏهہ ٻارهن جريب زمين هئي ۽ بہ چار گهر پوڄارين جا هئس. زميندار صاحب جي گهر مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ملي ويندو هوس. هن جو گهراڻو تمام سخي هو ۽ سندس ڏينهن سڪون سان گذري رهيا هئا.

پاروَتي سڀ کان پهريون ڌرم داس سان ملي، جيڪو ديوداس جي گهر جو نوڪر هو. هُو ٻارهن سالن کان وٺي ديوداس سان گڏ هوندو هو ۽ هُو ئي کيس اسڪول وٺي ايندو هو ۽ واپس گهر وٺي ويندو هو. اهو ڪم سندس ڏهاڙي جي ڪمن ۾ شامل هو. ۽ اڄ بہ هو انهي ڪم جي سلسلي ۾ اسڪول وڃي رهيو هو. هُنَ پاروَتي کي ڏسي پڇيو.

”او پارو! تنهنجو ديو ڪٿي آهي؟“

”هُو ڀڄي ويو آهي.“

”ڇا مطلب؟“ ڌرم داس حيراني وچان پڇيو.

تڏهن پاروَتي پولي ناٿ جي ڳالهہ ٻيهر ياد ڪئي ۽ وري کلڻ لڳي.

”ڏس، ڌرم! ديو... هِي... هِي... هِي.... هڪدم سيڙهي جي ڍير ۾... هِي... هِي... هِي... هو... هو... هڪدم پُناڙن ڀر.“

جيتوڻيڪ ڌرم داس ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهيو هو، پر پوءِ بہ هُو پاروَتيءَ کي کلندي ڏسي پاڻ بہ کلڻ لڳو. وري کل روڪي چوڻ لڳس.

”پاروَتي! تون ٻڌائين ڇو نہ ٿي؟ نيٺ ٿيو ڇاهي؟“

”ديوَ پولُوءَ کي ڌڪو ڏئي چوني ۾ ڪيرائي ڇڏيو. هِي... هِي... هِي....“

هاڻ ڌرم داس سڀ ڪجهہ سمجهي چڪو هو. هُو هڪدم اداس ٿي ويو ۽ چيائين، ”پارو! تون ڄاڻين ٿي تہ هُو هن وقت ڪٿي آهي؟“

”نہ.... مون کي ڪھڙي خبر.“

”توکي ضرور خبر ھوندي... ٻڌاءِ، پارو! ... ھن کي بُک لڳي ھوندي.“

”بُک تہ ضرور لڳي ھوندس ، پر مان نہ ٻڌائيندیس.“ پارو جواب ڏنو.

”چو نہ ٻڌائيندينءَ.“

”جيڪڏھن مون ٻڌايو تہ ھُو مون کي ماريندو. ماني ڏي تہ مان ڏئي تي اچانس.“

ڌرم داس کي ڪجھہ تسلي تي ۽ چيائين تہ، ”ٺيڪ آھي، تون ئي ڏئي اچينس ۽ ڏس ڪا ڳالھہ ٿاھي ھُن کي ڌتاري شام کان اڳ گھر وٺي اچجان.“

”ٺيڪ آھي وٺي ايندیمانس.“ پارو پنھنجو ڪنڌ ڌوڻيو.

ھُنَ گھر پھچي ڏٺو تہ سندس ماءُ ۽ ديوداس جي ماءُ سڀ ڪجھہ ٻڌي ورتو ھو. پاروَتي کان بہ انھي ڳالھہ جي پڇا ڪئي وئي، ڪنھن مھل کِلندي تہ ڪنھن مھل ڌڪايل تي، ھُنَ جيڪو ڪجھہ ڏٺو ھو سو سڀ ٻڌائي ڇڏيو. انھي کان پوءِ ھوءَ پنھنجي رئي جي پلاند ۾ ڪجھہ ٻڌي زميندار صاحب جي انبن واري باغ ۾ ھلي وئي. اھو باغ ھن جي گھر جي ويجھو ھو. ھن کي خبر ھئي تہ ديوداس تماڪ پيئڻ جي لاءِ بانس جي وڻن جي گھاٽي جھڳتي جي پويان ھڪ جڳھہ صاف ڪري ڇڏي ھئي. پڇي اچي لڪڻ جي لاءِ اھا ئي سندس ڳجھي جاءِ ھئي.

پاروَتيءَ باغ ۾ پھچي ڏٺو تہ ديوداسُ بانس جي وڻن جي پويان حقي مان وڏا ڪش ھڻي رھيو آھي. سندس چھري تي اداسي ڇانيل ھئي ۽ انھي اداسي جا نشان سندس منھُن مان صاف بکي اچي رھيا ھئا. ھُو پاروَتيءَ کي ڏسندي ئي ڏاڍو خوش ٿيو، پر ھن پنھنجي خوشي کي ظاھر ٿيڻ نہ ڏنو. ھُنَ حقو پيئندي ھورڙيان چيس، ”اچ!“

پاروَتي سندس ويجھو اچي ويھي رھي. جلد ئي ديوداس جي نظر ھن جي رئي واري پلاند تي پئي، جنھن ۾ ڪا شيءِ ٻڌل ھئي. ھُنَ بنان پڇڻ جي اھا کولي ماني کائڻ شروع ڪئي ۽ چيو، ”پارو! پنڊت جا

ڪهڙا حال آهن؟"

"وڏي چاچا کي دانهن ڏئي ڇڏي اٿس."

ديو حقو زمين تي رکي اکيون ڦاڙيندي پڇيس، "بابا کي...دانهن ڏئي ڇڏي اٿس."

"ها."

"پوءِ ڇا ٿيندو؟"

"هاڻي هو توکي اسڪول به اچڻ نه ڏيندو."

"مان پڙهڻ به نه ٿو چاهيان."

انهي وقت هن جي ماني ختم ٿي چڪي هئي. ديوداس پارَوتي جي منهن ڏي ڏسندي چيو، "مناَئي ڏي."

"منائي ته مان نه کڻي آئي آهيان."

"ته پاڻي ڏي."

"پاڻي ڪٿان آڻيان؟"

ديوداس تيز ٿيندي چيس، "جيڪڏهن ڪجهه به نه اٿئي ته پوءِ آئي ڇو آهين، وڃ پاڻي کڻي اچ."

پارَوتيءَ کي هن جو اهڙو رُکو رويو پسند نه آيو، هن چيس، "مان وري هيو پيرو وڃي نه ٿي سگهان، تون پاڻ ئي وڃي پاڻي پِي اچ."

"ڇا مان هاڻي وڃي سگهان ٿو؟"

"باقي ڇا تون هتي ئي رهندين؟"

"ها، هتي ئي رهندس يا وري ڪاڏي هليو ويندس."

اهو ٻڌي پارَوتيءَ جي دل اداس ٿي وئي. ديوداس جي سادگي ڏسي ۽ سندس درد ڀريون ڳالهيون ٻڌي هُنَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. هُنَ چيو: "ديو! مان به تو سان گڏ هلنديس."

"ڪاڏي؟ مون سان گڏ هلندينءَ؟ اٿين به ڪڏهن ٿي سگهي ٿو ڇا؟"

پارَوتيءَ ڪنڌ لوڏيندي چيس: "ها، مان تو سان گڏ هلنديس."

"وڃ، پهرين منهنجي لاءِ پاڻي کڻي اچ."

"نه... مان نه وينديس. تون پڇي ويندين."

"نه... مان پڇي نه ويندس."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر پارَوتي کي سندس ڳالھ تي اعتبار نہ ھوءِ ھُوءَ پنھنجي جڳھ تي ويٺي رھي. ديوداس وري حڪم ڏيندي چيس: ”مان چئي رھيو آھيان تہ وڃ ۽ وڃي پاٽي ڪٽي اچ.“

”مون کان وڃڻ نہ پُڄندو.“

ديوداس ڪاوڙ ۾ پارَوتي جا وار پٽيندي چيو: ”مان چوان ٿو تہ وڃ.“

پارَوتي ڪجھ بہ نہ چيس. انھي ڪانپوءِ ھن پارَوتي کي پٺين ۾ ڏک ھنيو: ”ويندينءَ يا نہ؟“

پارَوتي روئيندي چيس: ”مان ھرگز نہ ويندس.“

ديوداس ھڪ طرف ھليو ويو. پارَوتي بہ روئندي ديوداس جي پيءُ وٽ ھلي آئي. مُڪرجي پارو کي تمام گھڻو پيائيندو ھو. تنھن پڇيس: ”ڇو؟ پارو پٽ! ... ڇو روئي رھي آھين؟“

”ديو ماريو آھي.“

”ڪاٿي آھي ديو؟“

”ھُو باغ ۾ ويٺو تماڪ پي رھيو آھي.“

ھُو ھڪ تہ پنڊت جي اچڻ ڪري اڳيئي ڀَريو ويٺو ھو. انھي کان پوءِ وري ھي خبر ٻڌي، طوفان وانگر ڀڙڪي پيو: ”ڇا ديوُ تماڪ ڇڪڻ لڳو آھي؟“

”ھا پيئندو آھي...ڏھاڙي پيئندو آھي ...باغ ۾ سندس حقو بہ پيو آھي.“

”تہ پوءِ تو ايترن ڏينھن کان مون کي ٻڌايو ڇو نہ؟“

”ديو کان ڊڄان ٿي.“

اصل ڳالھ اھا نہ ھئي تہ ديو ھن کي ماريندو پر ھوءَ ان ڳالھ کان ڊڄندي ھئي تہ ديو کي مار ملندي. تنھنڪري ھن اھا ڳالھ پھرين ڪنھن سان بہ نہ ڪئي ھئي. اڄ رڳو ڪاوڙ جي ڪري اھو سڀ ڪجھ چئي وئي. ان وقت ھن جي عمر اٺ سال ھئي. ڪاوڙ گھٽي ھئس پر عقل بہ ڪو گھٽ نہ ھئس. ھُوءَ گھر وڃي تڏي تي ليٽي پئي ۽ روئيندي روئيندي ننڊ سمھي رھي. ھن انھي رات ماني بہ نہ کاڌي.

♦

ٻئي ڏينهن ديوداس کي ڏاڍي مار ملي ۽ کيس سڄو ڏينهن گهر ۾ بند رکيو ويو. انهي ڪانپوءِ جڏهن سندس ماءُ تمام گهڻو روئڻ پٽڻ لڳي تڏهن کيس ڇڏيو ويو. هُو ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ئي پڇي پارَوتي جي ڪمري واري دري وٽ بيهي کيس سڏڻ لڳو. "پارو... ! او پارو! !"

پارَوتيءَ دري کولي چيس، "ديوَا!"

ديوداس اشاري سان چيس ته، "جلدي اچ."

جڏهن ٻئي مليا ته ديوداس ڪانئس پڇيو: "تو تماڪ ڇڪڻ واري ڳالهه ڇو ڪئي؟"

"تو ماريو ڇو هو؟"

"تون پاڻي ڇو نه کڻي آئي هئينءَ؟"

پارَوتي ماٺِ تي وئي ته ديوداس چيس: "تون ڏاڍي ڇَري آهين ... ڏس وري ڪڏهن به اهڙي ڳالهه نه ڪجانءِ."

"نه... وري ڪڏهن به اهڙي ڳالهه نه ڪنديس." پارَوتي ڪنڌ ڌوڻيو.

"اچ ته واڙيءَ مان مڇي مارڻ وارو ڪُنڊو ڪپي اچون. اڄ مڇي جو شڪار ڪنداسين."

بانس جي ٻيلي جي وچ ۾ ئي نونا جو هڪ وڻ هو. ديوداس انهي وڻ تي چڙهي ويو. وڏي ڏکيائيءَ سان هن هڪ ٽاري پڪڙي پارَوتي جي هٿ ۾ ڏني ۽ چيائينس: "اِنَ کي ڇڏي نه ڏجانءِ، نه ته مان ڪري پوندس."

پارَوتي پنهنجي پوري سگهه سان انهيءَ ٽاري کي پڪڙي بيٺي رهي. ديوداس انهي تي پير رکي مڇي مارڻ لاءِ ڪُنڊي وڍڻ لڳو. هيٺان پارَوتي چيس: "ديوداس! سڀاڻي اسڪول نه ويندين؟"

"نه." ديوداس جواب ڏنو.

"چاچو وڏو اوهان کي زوري اسڪولي موڪلي ڇڏيندو."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"بابا پاڻ ئي ته چيو آهي ته هاڻي مان اتي نه پڙهندس. پنڊت گهر ايندو."

پارَوتي اداس ٿي وئي ۽ پوءِ چيائينس: "سياڻي کان اسان جو اسڪول گرمين هجڻ جي ڪري صبح جو جلدي ڪلندو. مان هاڻي هلان ٿي."

ديوداس ڪاوڙمان چيس: "نه، هن مهل نه وڃ."

انهي وقت پارَوتي ڪجهه اداس ٿي وئي، جنهن جي ڪري بانس واري ٿاري سندس هٿ مان نڪري وئي. پارَوتي جي هٿ مان ٿاري نڪرندي ئي ديوداس زمين تي اچي ڪريو. ٿاري گهٽو مٿي نه هئي. انهي ڪري ديو کي ڪو گهٽو ڏڪ نه لڳو، پر پوءِ به هن کي ڪٿي ڪٿي رَهندُون اچي ويون. ديوداس کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ چهبُڪ ڪٽي پارَوتي جي پُٺيءَ تي، ڳلن تي ۽ جتي ايندو ويس، اتي هڻندو ويو ۽ چيائينس: "هل، تر منهنجي اکين اڳيان."

پارَوتي پاڻ شرمسار هئي، پر جڏهن هن کي چهبُڪ مٿان چهبُڪ لڳو ته ڪاوڙ مان سندس اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون ۽ چيائينس: "مان هاڻي ئي چاچي وڏي وٽ وڃان ٿي."

ديوداس ڪاوڙ ۾ اچي هڪ چهبُڪ وري زور سان وهائي ڪڍيس ۽ چوڻ لڳس: "وڃ، هاڻي ئي ڪيس چئي اچ، هُومون کي ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهي."

پارَوتي هلي وئي. اجا ٿورو ئي پرتي وئي هئي ته پويان ديوداس کيس سڏ ڪيو، "پارو! او پارو! ! ٿورو بِڌ ته."

پارَوتي ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ وڏيون وڏيون ٻرانگهون پرڻ لڳي.

ديوداس اداس ٿي ويو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته: "وڃي مر."

پارَوتي هلي وئي. ديوداس ڪوشش ڪري مڇي مارڻ وارا ٻه ڪُنڍيا وڌي ورتا. هُنَ جي دل ڏکوئجي وئي هئي. پارَوتي روئندي گهر موٽي آئي، هن جي ڳل تي چَهبُڪَن وارو نيرو نشان اُڀري رهيو هو. تنهن تي سندس ڏاڏيءَ جي نظر سڀ کان اڳ پئجي وئي. هُوءَ رڙيون ڪري چوڻ لڳي: "اڙي! اباڙي... ! ! ڪنهن اهڙو ماريو اٿئي؟"

پاروَتيءَ ڳوڙها اگهندي چيس: ”پنڊت جيءَ ماريو آهي.“
سندس ڏاڏي هن کي هنج ۾ کڻي ويهاريو ۽ رڙيون ڪندي چيو: ”هل تہ نارائڻ وٽ هلون، ڏسون تہ ڪهڙو پنڊت آهي؟ هئہ! منهنجي ننڍڙيءَ کي ماري ڇڏيائين.“
پاروَتي پنهنجي ڏاڏي سان چنبڙي پئي ۽ چيائينس: ”هل.“
سندس ڏاڏي ڪاوڙ ۾ يرجي مُڪرجيءَ وٽ آئي ۽ پنڊت جي سڄي خاندان کي گاريون ڏيڻ لڳي ۽ گوبند پنڊت کي بہ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳي. ”ڏس تہ نارائڻ! هن شودي جي ايتري همت جو برهمڻ ڇوڪريءَ جي جسم تي هٿ کنيو اٿس. هڪ ڀيرو تہ ڏس، هن ڇُهڙي ڪهڙو تہ ماريو اٿس!“ ايترو چئي هُوءَ پاروَتي جو مُنهن پنهنجي هٿن ۾ پڪڙي ڏيکارڻ لڳي.
”ڪنهن ماريو اٿئي؟ پارو!“ نارائڻ بابُوءَ پڇيس.
پاروَتي چپ رهي. سندس ڏاڏي پڙڪي پئي. ”ٻيو ڪير ماريندس. انهي ڄٽ پنڊت ئي ماريو اٿس.“
”ڇو ماريو اٿئين؟“
پاروَتي وري بہ ڪو جواب نہ ڏنو.
مُڪرجي سمجهي ويو تہ هن ضرور ڪو نہ ڪو ڏوهہ يا شرارت ڪئي هوندي. جنهن جي ڪري ئي هن کي مار ملي آهي، پر پوءِ بہ مار ڏيڻ مناسب ناهي. اها ئي ڳالهہ هُو زباني بہ چئي پئي سگهيو. انهي وقت پاروَتي پنهنجي پٺي بہ ڏيکاريس تہ پنڊت ڪيس هتي بہ ماريو آهي.
پٺيءَ وارا نشان اجا وڌيڪ گهرا هئا. اها حالت ڏسي ٻئي ڄڻا سخت ناراض ٿيا. مُڪرجيءَ راءَ ڏني تہ پنڊت کي هتي گهرائي سڄي ڳالهہ پڇي وڃي ۽ اهو فيصلو بہ ڪيو ويو تہ اهڙي ظالم پنڊت وٽ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون نہ موڪلڻ گهرجن.
اهو ٻڌي پاروَتي جي خوشي جي انتها ئي نہ رهي، تنهن ڪان پوءِ هُوءَ پنهنجي ڏاڏي کي چنبڙي پئي. گهر پهچي پاروَتي پنهنجي ماءُ سان بحث ڪرڻ شروع ڪيو. سندس ماءُ لڳاتار پڇندي رهي تہ آخر پنڊت توکي ڇو ماريو؟

”ائين ئي اجايو ماريو.“ پارو جواب ڏنو.

”بغير ڏوهہ جي ڪو ماريندو آهي ڇا؟“ سندس ماءُ چيو.

ان مهل سندس سس آڳر مان لنگهي رهي هئي. هُنَ در وٽ بيهي پنهنجي نُنهن کي چيو. ”تون هن جي ماءُ ٿي ڪري بہ هن سان ڪوڙ ڳالهائي سگهين ٿي تہ هُو پاپي هرويرو هن کي نہ ٿو ماري سگهي؟“

”پر هُنَ بنان ڪنهن ڏوهہ جي تہ نہ ماريو هوندو. هيءَ بہ وڏي شيطان آهي. هن بہ ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ ڪيو هوندو، تڏهن تہ هن کي مار ملي آهي.“ سندس نُنهن چيو.

”مان مڃان ٿي تہ اهو سڀ صحيح آهي، پر هاڻي مان هن کي اسڪول وڃڻ نہ ڏينديس.“ سندس سس پڳل دل سان چيو.

”ڪجهہ پڙهڻ لکڻ نہ سکندي؟“ سندس نُنهن چيو.

”هن جي پڙهڻ لکڻ سان ڇا ٿيندو؟ نُنهن راڻي! ٿورو گهڻو چٺي وغيره لکڻ اچيس ٿي، بہ چار لفظ مهاڀارت ۽ رامائڻ جا سمجهي سگهي ٿي، بس اهو ئي ڪافي آهي. گهڻو لکي پڙهي تنهنجي پارو کي ڇا جج ۽ وڪيل ٿيڻو آهي؟“

سندس نُنهن تنگ ٿيندي، خاموش ٿي وئي.

انهي ڏينهن ديوداس ڊڄندي ڊڄندي گهر آيو. هن کي اها اميد نہ هئي تہ پارو گهر اچي ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪئي هوندي. پر گهر اچڻ تي هن ڪنهن کان بہ انهي ڳالهہ جو ڪو ذڪر نہ ٻڌو. هن پنهنجي ماءُ کان اهو ضرور ٻڌو تہ اسڪول واري پنڊت پارو کي ڏاڍو ماريو آهي، جنهن ڪري هوءَ سڀاڻي کان اسڪول نہ ويندي.

اهو ٻڌي هن کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ انهي خوشيءَ ۾ هن ماني بہ صحيح طرح نہ کاڌي، بس ائين ئي بہ چار گرهہ کائي سڌو پارو جي گهر آيو ۽ ڏڪندي ڏڪندي پڇيائينس: ”ڇا تون سڀاڻي کان اسڪول نہ وينديءَ؟“

”نہ.“

”اهو وري ڇو؟“

”مون جو چيو آهي تہ پنڊت مون کي ماريو آهي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوداس ڪلي پيو ۽ هُنَ جي پٺي تي ڌڪ هڻندي چيائين: ”تو جهڙي سٺي ۽ سياڻي ڇوڪري هن دنيا ۾ نہ هوندي.“ انهي ڪانپوءِ غور سان پارَوتي جي ڳاڙهن ڳٽن تي پئجي ويل نيرا نشان ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ هن هڪ ٿڌي آهہ ڀريندي چيو: ”هَئي!“

پارَوتي مرڪندي، هن ڏي ڏسندي پڇيو: ”ڇا ٿيو؟“

”پارو! توکي ڏاڍو ڏڪ لڳو آهي نہ؟“ ديوداس پڇيو.

”ها.“ پارَوتيءَ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو.

”هاءِ! ... تون اهڙو ڪم ڇو ڪندي آهين؟ پارو! انهيءَ تي تہ مون کي ڪاوڙ اچي ويندي آهي ۽ مان هرويرو توکي ماريندو آهيان.“ ديوداس افسوس ظاهر ڪندي چيو.

پارَوتيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. هُن سوچيو تہ اِهي اُگهي ڇڏيان، پر هُوءَ انهن ڳوڙهن کي اگهي نہ سگهي.

ديوداس پارَوتي جو مُنهُن پنهنجي هٿن ۾ وٺندي چيو: ”هاڻي اهڙي ڪا بہ شرارت نہ ڪجانءِ... ٺيڪ آهي.“

”هاڻي نہ ڪنديس“ پارَوتيءَ ڪنڌ لوڏيو.

”هاڻي مان بہ تو کي ڪڏهن نہ ماريندس.“ ديوداس کيس تسلي ڏني.

◆

ڏينهن گذرندا رهيا. هنن ٻنهي، ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي خوشيءَ جي ڪائي انتها نہ هئي. هُو ٻئي سڄو ڏينهن گرميءَ ۾ گهمندا رهندا هئا ۽ شام جو گهر موٽنديءَ ئي مار کائيندا هئا. پر ٻئي ڏينهن وري صبح جو سوير نڪري ويندا هئا ۽ شام جو گهر اچي گاريون ٻڌندا هئا. نہ تہ انهن جو ڪو ساٿي هو ۽ نہ وري هنن کي انهيءَ جي ڪا ضرورت هئي. پاڙي ۾ شيطانگيري ڪرڻ جي لاءِ هِي ٻئي ڄڻا ئي ڪافي هئا.

انهي ڏينهن سڄ نڪرڻ کان ٿوري دير پوءِ ٻئي ڄڻا تلاءَ وٽ آيا. منجهند تائين گرمي جي ڪري سندن اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. سڄو پاڻي ميرو ڪري ڇڏيو هيائون ۽ جيڪي ٻہ چار مڇيون پڪڙيون هين، انهن کي پاڻ ۾ ورائي گهر طرف روانا ٿي ويا. گهر ايندي ئي پاروَتي کي سندس ماءُ ڌاڍو ماريو ۽ هڪ ننڍي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو. پر هن کي اها خبر نہ هئي تہ ديوداس جي حالت ڪهڙي هوندي. ديوداس تہ ڪڏهن بہ ڪنهن کي اهڙيون ڳالهيون نہ ٻڌائيندو هو. جڏهن پاروَتي پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي، روئي رهي هئي تہ انهيءَ وقت ديوداس دري وٽ بيهي مٺي آواز سان ڪيس سڏڻ لڳو. "پارو.... ! پارو... ! ! او پارو! ! !"

لڳي تہ ائين پيو تہ پارو سڀ ڪجهہ ٻڌي ورتو آهي، پر ناراض هجڻ جي ڪري ڪو جواب نہ ڏئي رهي آ. تنهن ڪري ديوداس پرسان ئي چمپا جي وڻ جي هيٺان ويهي، سڄو ڏينهن گذاري ڇڏيو ۽ اوستائين گهر نہ ويو. جيستائين ڌرم داس هن کي پرچائڻ نہ آيو.

اهو تہ انهي ڏينهن وارو واقعو هو. انهي جي ٻئي ڏينهن پاروَتي ديوداس جون راهون ڏسندي رهي، پر هو نہ آيو. هُو تہ پنهنجي والد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب سان گڏ ڪنهن ويجهي ڳوٺ دعوت تي ويو هو. جڏهن ديو نہ آيو تہ پارَوتي اڪيلي ئي ٻاهر نڪري وئي. ڪالهہ ديوداس تلاءَ تي وڃڻ کان پهرين پاروَتي کي ٽي روپيا ڏنا هئا. هُنَ کي ڊپ هو تہ اهي ٽي روپيا ڪٿي ڪري نہ پون. تنهن ڪري هن اهي ٽي روپيا پنهنجي رئي جي پلاندَ ۾ ٻڌي ڇڏيا هئا ۽ رئي واري پلاند کي پنهنجي آڱرين ۾ گهمائيندي پاڻ بہ گُهمي رهي هئي. اهڙي ريت هن ڪافي وقت اڪيلائي ۾ گذاريو. سندس هيو ڪو ساٿي بہ نہ هو ۽ انهن ڏينهن ۾ اسڪولُ بہ صبح جو سوير ڪلندو هو. انهي ڪري هُوءَ ٻئي پاڙي ڏي هلي وئي. اتي منورما جو گهر هو. منورما ساڻس گڏ اسڪول ۾ پڙهندي هئي. هُوءَ عمر ۾ تہ پاروَتي کان وڏي هئي پر پاروَتي جي سهيلي هئي، انهي وچ ۾ گهڻن ڏينهن کان هنن جي پاڻ ۾ ملاقات نہ ٿي هئي. اَڄ واندڪائي ملڻ تي پاروَتي هن جي گهر وئي ۽ پڇيائين: ”منو گهر ۾ آهي؟“

منو جي پڦي ٻاهر نڪري آئي. ”ڪير، پارو تون آهين؟“

”ها پڦي! منو ڪاٿي آهي؟“

”اها تہ اسڪول وئي آهي، تون اسڪول نہ وئي آهين ڇا؟“

”مان اسڪول ناهيان ويندي. ديو ياءُ بہ ناهي ويندو.“

هن جون اهي ڳالهيون ٻڌي منو جي پڦي کلڻ لڳي ۽ چيائينس: ”هون... اها تہ ڏاڍي سٺي ڳالهہ آهي. تون اسڪول ناهين ويندي ۽ تنهنجو ديو ياءُ بہ اسڪول ناهي ويندو. اها ئي ڳالهہ آهي نہ؟“

”نہ، اسان ٻنهي مان ڪوبہ اسڪول ناهي ويندو.“

”ڏاڍو سٺو پر منو تہ اسڪول وئي آهي.“

منو جي پڦيءَ ڪيس ويهڻ لاءِ چيو پر پاروَتي نہ ويٺي. رستي ۾ رسڪ لال جي دڪان سامهون پهچي هن ڏٺو تہ ٽي ويشنو فقيراڻيون، نرڙ تي تلڪ هنيو، هٿن ۾ ڊَفليون کنيو، خيرات گهرندي اچي رهيون آهن. پاروَتي سڏي پڇين تہ: ”فقيراڻيون! ڇا توهان ڳائڻ وڄائڻ بہ ڄاڻو ٿيون؟“

انهن مان هڪ مُڙي ڏنو ۽ چيو: ”ڳائڻ وڄائڻ مان ڇو نہ ڄاڻون؟ پُٽَ!“

”تہ پوءِ توهان گانو ڳائي ٻڌايو نہ.“ پاروَتي چيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پيسا بہ تہ ڏيٺا پوندءِ. هلو تہ توهان جي گهر هلون. اتي گانو ڳائيندڙيون سين، اتي اسان کي ڪجهہ کائڻ لاءِ بہ ملي ويندو.“

”نہ... نہ هتي ئي ڳايو.“ ايترو چئي پاروَتي پنهنجي رئي جي پلاند ۾ ٻڌل پيسن طرف ڏنوءِ دڪان کان ٿورو پري تي ويهي رهي.

تنهن کانپوءِ تئي ڇٽيون ڊفليون وڄائي، راڳ آلاپڻ لڳيون. اهي ڇا ڳائي رهيون آهن؟ پاروَتي ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهي. جيڪڏهن ڄاڻڻ چاهي ها، تہ بہ نہ ڄاڻي سگهي ها. هن جي دل انهي وقت بہ ديوداس کان ٻڄي رهي هئي.

گيت ڳائڻ کان پوءِ فقيرياڻين ڳالهايو: ”ڏيءَ! جيڪا خيرات ڏيڻ تي چاهين، سا ڏئي ڇڏ.“

پاروَتي رئي جي پلاند واري ڳنڍ کولي ۽ تي روپيا ڪڍي سندن هٿ تي رکي ڇڏيا. تئي فقيرياڻيون حيران ٿي هڪ ٻئي جو مُنهن ڏسڻ لڳيون.

”پٽ! هي پيسا ڪنهن ڏنا اٿئي؟“ انهن مان هڪ عورت پڇيو.

”ديوداس“ پاروَتي جواب ڏنو.

”اهو مارينديءِ تہ نہ؟“

پاروَتي ڪجهہ دير سوچي جواب ڏنو: ”نہ.“

”جيئندي رهہ، ڏيءَ راڻي!“ انهن مان هڪ عورت چيو.

پاروَتيءَ کلندي ڳالهايو: ”توهان ٽنهي کي هڪ جيترا پيسا تہ ملي ويا آهن نہ؟“

”ها، ڏيءَ! ملي ويا آهن.“ ٽنهي پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. ”راڌا راڻي تنهنجو ڀلو ڪري.“

انهن ٽنهي عورتن گڏجي دعا گهري تہ خيرات ڏيڻ واري هِنَ ڇوڪريءَ کي ڪا بہ سزا نہ ملي.

انهي ڏينهن پاروَتي جلدي گهر موٽي آئي. ٻئي ڏينهن صبح جو ئي ديوداس سان ملاقات ٿيس. هن جي هٿ ۾ ڏيرو تہ هئو پر لغڙ نہ هئو. هُنَ پاروَتي کي چيو.

”پارو! اُهي پيسا تہ ڏي.“

پاروَتي جو رنگ پيلو ٿي ويو. ”پيسا تہ ناهن.“ هُنَ جواب ڏنو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇو ڪاڏي ويا؟“

”اهي تہ مان فقيراڻين کي ڏئي ڇڏيا. انهن ڳانو ڳائي ٻڌايو هو.“

”سڀ ڏئي ڇڏيئي؟“

”ها... ها... ٽي ڇڏيون تہ هيون.“

”هٽ پري، ڇري ڪٿان جي. ڇا ايترا پيسا ڏبا آهن؟“

”اڙي! واهہ ڙي واهہ... ! ! هُو ٽي ڇڏيون هيون. جيڪڏهن تنهي کي ٽي روپيا نہ ڏيان ها تہ هُو پاڻ ۾ پيسا ڪيئن ورهائن ها؟“

”جيڪڏهن تنهنجي جاءِ تي مان هجان ها تہ انهن کي رڳو ٻہ روپيا ڏيان ها.“ ديوداس نرم لهجي ۾ چيس. اهو چوندي هن ڏيري کي گهمائيندي چيو: ”اهڙي ريت هر هڪ جي ڀاڱي ۾ ڏهہ آنا، اٺ پايون اچن ها.“

”پر اُهي تہ تو وانگر حساب ڪرڻ نہ ڄاڻنديون آهن.“ پاروَتي چيو.

ديوداس مڃڻ، سير ۾ ڇٽانگ وارو حساب ڪرڻ سکي ورتو هو. ديوداسُ، پاروَتيءَ جي انهي جواب تي کلي پيو ۽ چيائينس

”تہ پوءِ تنهنجي ڳالهہ صحيح آهي.“

”ديوداس! مان سوچي رهي هيس تہ تون مون کي مارينديِن.“ پاروَتي ديوداس جو هٿ پڪڙي چيو.

”ڇو؟ ڇو ماريانءِ ها؟“ ديوداس اُڇل کائيندي چيو.

”انهن عورتن تہ اهو ئي چيو هو تہ تون مون کي مارينديِن.“

اهو ٻڌي ديوداس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پاروَتي جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيائينس: ”ڇري! ڪڏهن غلطي ڪانسواءِ مون تو کي ماريو آهي؟“

ديوداس سوچيو هو تہ پاروَتي جو اهو ڪم سزا ڏيڻ جهڙو نہ ٿو لڳي، ڇو تہ ٽنهي ۾ ٽي روپيا صحيح ورهائجي ويا هئا. جن فقيراڻين ڪڏهن اسڪول ۾ روپين، آنن ۽ پائُن وارا حساب سکيا ئي نہ هئا، تن کي جيڪڏهن ٽن روپين جي بدران ٻہ روپيا ڏنا وڃن ها تہ اهو انهن تي ظلم ٿئي ها.

تنهن کانپوءِ هُو پاروَتي جو هٿ پڪڙي، لغڙ وڻڻ جي لاءِ ننڍي بازار ڏي وڏيو ۽ ڏيرو وڻ جي پاڙ ۾ لڪائي ڇڏيو.

اهڙيءَ طرح هڪ سال گذري ويو. پر هاڻي اهو وقت گذارڻ ڏکيو ٿي رهيو هو. ديوداس جي ماءُ هڪ ڀيرو ڏکيائپ پيدا ڪري ڇڏي هئي. هن پنهنجي مڙس کي چيو ته ديوداس صفا ڇٽ ٿي ويو آهي، سو ڪنهن به طرح هن جو ڪو نه ڪو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

ڪجهه دير سوچڻ کانپوءِ سندس مڙس چيو، ”چو نه هُو ڪلڪتي هليو وڃي. اتي نگيندر وٽ رهي ڪجهه لکڻ پڙهڻ به سکي ويندو.“

نگيندر بابو سڳي ۾ ديوداس جو مامو هو. اها ڳالهه سيني ماڻهن ۾ ڦهلجي وئي. پاروَتي اها ڳالهه ٻڌي اداس ٿي وئي. جڏهن ديوداس هن سان اڪيلائي ۾ مليو ته هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي چيائينس:

”ديوداس! ڇا تون ڪلڪتي هليو ويندين؟“

”توکي ڪنهن چيو آهي!“

”وڏو چاچو چئي رهيو هو.“

”ايترو پري! مان ته بلڪل نه ويندس.“

”جيڪڏهن هُو زور زبردستي توکي موڪلي ڇڏين ته پوءِ؟“

”زور زبردستي.“

انهي وقت ديوداس جي مُنهن تي ڪجهه ڪاوڙ جا آثار نظر آيا. انهن کي ڏسي پاروَتي سمجهي وئي ته هن دنيا ۾ ڪو به اهڙو ماڻهو ناهي، جيڪو ديوداس کان زوريءَ ڪم وٺي. انهي لاءِ هُوءَ خوشيءَ ۾ اچي هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي، مرڪندي چوڻ لڳي، ”ٻڌ! ڪاڏي به نه وڃجانءِ. سمجهيئه نه ديوَ!“

”ڪاڏي به نه.“

پر ديوداس هن ڀيري ڪجهه به نه ڪري سگهيو. سندس پيءُ مٿس ڏاڍو دڙڪو داٻو ڪيو ۽ کيس ڪنهن نه ڪنهن ريت ڌرم داس سان گڏ ڪلڪتي موڪلي پوءِ ساهه پٽيو.

وڃڻ واري ڏينهن ديوداس ڏاڍو ڏکايل هو. هڪ نئين جڳهه تي وڃڻ تي کيس ڪا به خوشي نه هئي. پاروَتي به ان ڏينهن ڪنهن به ريت ديوداس کان جدا ٿيڻ نه پئي چاهيو. هُوءَ ڏاڍو رُني ۽ دانهون ڪيائين، پر هن غريبِ جو ڪير هو ٻڌڻ وارو!؟ پهريون ته هُوءَ سيني کان خفا

هئي، ديوداس سان بہ نہ ڳالهايائين، پر جڏهن ديوداس وڃڻ لڳو تڏهن هُنَ چيس: ”پارو! مان تمام جلد موٽي ايندس. جيڪڏهن هي ماڻهو روڪيندا تہ بہ مان ڀڄي تو وٽ ايندس.“

اهو ٻڌي پاروَتي کي ڪجهہ تسلي ٿي. هُوءَ پنهنجي دل جون ڪيتريون ئي ڳالهيون ديو کي چئي وئي. تنهن کانپوءِ ديوداس بگيءَ ۾ چڙهي، بيگ هٿ ۾ ڪٽي ۽ پنهنجي ماءُ جي دعا ۽ هُنَ جي اکين مان وهيل ڳوڙهن کي پنهنجي نرڙ تي تلڪ وانگر هٽي هليو ويو.

انهي وقت پاروَتي کي الائجي ڪيترو ڏک ٿيو هو. هن جي اکين مان نہ ڇاڻ ڳوڙهن جون ڪيتريون نديون لهي سندس ڳلن تان وهڻ لڳيون، غم ۽ ڏک جي ڪري هن جي دل ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ لڳي.

ڪيئي ڏينهن اهڙي ريت گذري ويا. انهي کان پوءِ هوءَ هڪ ڏينهن صبح جو سوير اٿي، هن ڏٺو تہ اڄ سڄو ڏينهن هن وٽ ڪرڻ لاءِ ڪوبہ ڪم ناهي. جڏهن کان هوءَ اسڪول نہ وئي هئي، تڏهن کان سڄو وقت راند روند ۾ گذري ويندو هوس. هوءَ اهو سوچيندي هئي تہ وٽس ڪيئي ڪم پيا آهن ۽ هوءَ اهي ڪڏهن پورا بہ ڪري سگهندي الائي نہ؟ پر هُوءَ اڄ ڪم ڳولڻ لڳي، پر ڳولڻ باوجود بہ کيس ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ نہ مليو. ڪڏهن ڪڏهن هُوءَ صبح سوير ئي چٺي لکڻ ويهي رهندي هئي. انهي ۾ هن جو گهڻو وقت گذري ويندو هو. ايتري تائين جو ڪڏهن تہ سندس ماءُ بہ ناراض ٿي ويندي هئس، پر سندس ڏاڏي چوندي رهندي هئي، ”اڙي! لکڻ بہ ڏينس، راند روند کان تہ سٺو آهي تہ ويچاري ڪجهہ لکي پڙهي وٺي.“

پاروَتي جو اهو ڏينهن ڏاڍو سٺو گذرندو هو. جنهن ڏينهن ديوداس جو خط ايندو هوس. ڏاڪڻ واري دروازي تي ويهي هُوءَ ڪيئي ڏينهن تائين ديوداس جو لکيل خط پڙهندي رهندي هئي. اهڙيءَ ريت بہ مهينا گذري ويا. هاڻي نہ هُتان جلدي جلدي خط ايندو هو ۽ نہ وري هتان لکيو ويندو هو. اهو شوق آهستي آهستي گهٽ ٿيندو ويو.

هڪ ڏينهن صبح جو پاروَتيءَ پنهنجي ماءُ کي چيو: ”امان! مان هاڻي وري اسڪول وڃڻ شروع ڪنديس.“

”ڇو؟“

سندس ماءُ کي انهي ڳالھ تي حيراني ٿي، پر پارَوتيءَ وري چيس تہ، ”نہ، مان اسڪول ضرور ويندس.“

”ٺيڪ آهي پلي وڃجانءِ، پلا مون ڪڏهن تو کي اسڪول وڃڻ کان روڪيو آهي.“

انهي ڏينهن منجهند جو پارَوتي پنهنجي سليٽ ۽ ڪتاب گڏ ڪيا ۽ پنهنجي نوڪرياڻيءَ سان گڏ اسڪول پهچي وئي. هُوءَ پنهنجي پراڻي جڳھ تي ويهي رهي.

”پنڊت جِي! هاڻي پارَوتي کي مارجانءِ نہ. هيءَ پاڻ ئي اسڪول آئي آهي. جيستائين هيءَ دل لڳائي پڙهي ٿي تہ پڙهندي رهي. جڏهن سندس دل نہ چاهي تہ گهر واپس هلي اچي.“ نوڪرياڻيءَ چيو.

پنڊت جِيءَ پنهنجي دل ۾ چيو، ”تٿا اَستُو.“ ۽ پوءِ چيائين، ”ائين ٿيندو.“ پر هڪ ڀيرو سندس دل ۾ آيو تہ هُو پڇيس، ”پارَوتي کي ڪلڪتي ڇو نہ موڪليو ويو؟“ پر هُو ڇئي نہ سگهيو.

پارَوتي ڏٺو تہ ڪلاس جو مانيٽر ڀولي ناٿ پنهنجي ساڳي جڳھ تي، پراڻي بينچ تي وينو آهي. هن کي ڏسي پهريون تہ پارَوتيءَ کي کل آئي، پر ڪجھ گهڙين کانپوءِ اهائي کِلَ ڳوڙهن ۾ تبديل ٿي وئي، جڏهن هن کي پراڻو خيال آيو تہ هِي اهو ئي ڀولي ناٿ آهي، جنهن جي ڪري ديوداس اسڪول ڇڏيو هوءِ هاڻي هن کي پنهنجو گهر بہ ڇڏڻو پيو.

اهڙي طرح ڏينهَن مٿان ڏينهن گذرندا رهيا. گهڻن ڏينهن کانپوءِ ديواس گهر موٽي آيو. پارَوتي ڀڄندي ڀڄندي ديوداس وٽ پهچي وئي. گهڻي دير تائين ٻئي ڄڻا پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا رهيا. پارَوتيءَ کي ڪيترين ئي ڳالهيون چوڻيون هيون، پر هُوءَ ڇئي نہ سگهي، پر ديوداس هن کي ڪيترين ئي ڳالهيون ٻڌايون؛ جيڪي ڪلڪتي جي باري ۾ هيون.

تنهن کان پوءِ گرمي جون موڪلون ختم ٿي ويون ۽ ديوداس واپس ڪلڪتي هليو ويو. هن ڀيري بہ ڏاڍو روج راڙو ٿيو پر اهڙو نہ جيترو پهرئين ڀيري ٿيو هو. اهڙي طرح چار سال گذري ويا. انهن ئي

ڪجهه سالن ۾ ديوداس جي خيالن ۾ اهڙي تبديلي آئي جو پارَوَتي حيران رهجي وئي. هُوءَ اداس ۽ چپ چاپ، ڪنهن ڪنڊ ۾ ويجي پنهنجون آليون اکيون رئي سان اُگهي ڇڏيندي هئي. ان ڪان اڳ ديوداس ۾ ڪيتريون ئي خاميون هيون، پر شهر ۾ رهڻ جي ڪري انهن خامين جو نالو نشان ئي نہ رهيو هوس. هن ڀيري تہ هُو انگريزي جُوتا، نئين فيشن وارو ڪوٽ، سٺي ڌوتي، سوني ڀَتي واري واچ پائي آيو هو. هاڻي هُنَ کي ڳوٺ جي ندي ڪناري اجايو گهمڻ جي گهرج محسوس نہ ٿيندي هئي. هاڻي تہ هُن کي بندوق سان شڪار ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. تلاءَ جون ننڍيون ننڍيون مڇيون پڪڙڻ جي بدران هن کي وڏيون مڇيون پڪڙڻ جي خواهش ٿيندي هئي. رڳو ايترو ئي نہ پر سماج بابت ڳالهہ ٻولهہ، سياست، جلسي، فٽ بال ۽ ڪرڪيٽ وغيره جون ڳالهيون تہ ٿينديون رهنديون هيون، پر هاڻي... هاءِ! ... ڪاٿي آهي اها پارَوَتي... ۽ ڪاٿي آهي اهو ڪرتال سونا پور ڳوٺ... ننڍپڻ جون جيڪي هڪ ٻہ سٺيون ڳالهيون ياد هيس، سي بہ سڀ وساري ڇڏيون هيائين. پوءِ هُو قسمين قسمين ڪمن ۾ مصروف رهندو هو. هن کي پراڻي وقت لاءِ سوچڻ جو موقعو ئي نہ ملندو هو.

پوءِ گرمين جون موڪلون ٿيون. گذريل سال تہ هُو ٻاهرين ملڪ هليو ويو هو ان ڪري گهر نہ اچي سگهيو هو. هن ڀيري بہ گهر اچڻ جو ارادو نہ هئس، پر سندس پيءُ ماءُ جي ضد جي ڪري گهر اچڻو پيس.

پنهنجو بسترو ٻڌي ڪرتال سوناپور اچڻ جي لاءِ هوڙا اسٽيشن پهچي ويو. جنهن ڏينهن هُو ڳوٺ آيو انهي ڏينهن سندس طبيعت ٺيڪ نہ هئي، جنهن جي ڪري ٻاهر نڪري نہ سگهيو.

ٻئي ڏينهن هُو پارَوَتي جي گهر پهچي سڏ ڪرڻ لڳو: ”چاچي! چاچي! !“ پارو جي ماءُ کيس عزت ڏيندي چيو، ”اچ، ويهہ پُٽَ!“

ڪجهہ وقت پارو جي ماءُ سان ڳالهيون ڪرڻ کانپوءِ ديوداس اُپڇيس، ”چاچي! پارو ڪٿي آهي؟“

”اِتي ئي ڪٿي هوندي. شايد هيڏانهن واري ڪمري ۾ آهي.“

ديوداس انهي ڪمري ۾ آيو. هن ڏٺو تہ پارَوَتي شام ٿيڻ جي

ڪري ڏيئو ٻاري رهي آهي. هن سڏ ڪيس، "پارو!"

پهريون تہ پارو حيران ٿي وئي. پر پوءِ ڪجهہ پاڻ سنڀالي نمسڪار ڪري ۽ هڪ پاسي تي ويهي رهي.

"ڇا ڪري رهين آهين؟ پارو؟"

انهي جو جواب ڏيڻ جي ضرورت ئي نہ هئي. ڇو تہ هُوءَ جيڪو ڪم ڪري رهي هئي، سو ظاهر هو. پارو‌َتي خاموش رهي. ديوداس بہ ڪجهہ لڄ محسوس ڪري رهيو هو.

"ٺيڪ آهي، مان هلان ٿو. طبيعت بہ ڪجهہ صحيح ناهي."

ديوداس ائين چيو ۽ هليو ويو.

♦

پارَوتي جي عمر جو تيرهون سال شروع ٿي چڪو هو. سندس ڏاڏي چوندي هئي تہ هِنَ عمر ۾ نزاڪت ۽ سُونهَن، خبر ناهي ڪٿان ايندا آهن ۽ جوان ڇوڪريءَ جي انگ انگ ۾ سمائجي ويندا آهن. تڏهن پنهنجا ماڻهو بہ حيران ٿي ويندا آهن، تہ هيءَ ڇوڪريءَ تہ ڪالهہ تائين ڪير پيئندڙ ٻارڙي هئي، هاڻي سياڻي ٿي وئي آهي. تنهن وقت کين ڇوڪريءَ جي لاءِ وَرَ ڄِي ڳڻتي ورائي ويندي آهي. چڪرورتي صاحب ڪيئي ڏينهن کان انهي ڳالهہ جو ذڪر ڪري رهيو هو. پارَوتي جي ماءُ بہ ڏاڍي فڪرمند هئي. هُوءَ ڳالهہ ڳالهہ تي پنهنجي مڙس کي چوندي رهندي هئي تہ پارو هاڻي جوان ٿي وئي آهي، تنهنڪري هاڻي ڪٿي نہ ڪٿي هن جو سڱ ڏيڻ گهرجي.

چڪرورتي ڪو وڏو ماڻهو نہ هو، پر ايترو ضرور هو تہ پارَوتي ڏاڍي خوبصورت هئي. هو چڱي طرح ڄاڻي پيو تہ جبڪڏهن ”حُسن“ جو هن دنيا ۾ ڪو قدر آهي تہ کيس ڳڻتي ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي. هڪ ڳالهہ ٻي بہ هئي تہ چڪرو تي خاندان ۾ ڇوڪريءَ جي لاءِ ايترو فڪرمند ٿيڻ جي ضرورت نہ هئي. ها باقي ڇوڪري جي شاديءَ ۾ ڪجهہ تڪليفون ضرور ايندڙيون هيون. هنن ماڻهن ۾ هيءَ رسم عام هئي تہ هُو ڇوڪريءَ جي شاديءَ ۾ پيسا وٺندا هئا. نيل ڪنٺ جي والد بہ پنهنجي ڇوڪريءَ جي شادي ۾ چڱي خاصي رقم وصول ڪئي هئي. پر نيل ڪنٺ پاڻ انهي رسم کان ڏاڍي نفرت ڪندو هو. هن جي ذري جيتري بہ خواهش نہ هئي تہ پارَوتيءَ کي پيسن تي وڪڻي پارَوتي جي ماءُ اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي پئي، تنهنڪري هُوءَ پارَوتيءَ جي لاءِ رات ڏينهن پنهنجي مڙس کي چوندي رهندي هئي. ان کان اڳ پارَوتيءَ جي ڏاڏيءَ پنهنجي خواهش کي پنهنجي سيني ۾ دٻائي ڇڏيو هو. هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خواهش هئي تہ ڪنهن بہ طرح پارَوتي جي شادي ديوداس سان ٿي وڃي. هُوءَ سوچيندي هئي تہ انهي ڳالهہ جو ذڪر ديوداس سان ڪيو وڃي تہ شايد ڪو سولو دڳ نڪري اچي. تنهنڪري ٿي سگهي ٿو تہ پارَوتي جي ڏاڏيءَ ديوداس جي ماءُ سان ڪڏهن اها ڳالهہ ڇيڙي هجي.

”نُنهُن! اسان جي پارو ۽ تنهنجي ديوداس جو پاڻ ۾ ڪيترو نہ پيار آهي. ڇا تو ڪڏهن اهڙو پيار ڏٺو آهي؟“

”چاچي! پلا ائين ڇو نہ هجي. اهي ٻئي گڏجي ڪيڏيا آهن. ياءُ، ييڻ وانگر پلجي وڏا ٿيا آهن.“ ديوداس جي ماءُ چيو.

”ها، نُنهُن! انهيءَ ڪري تہ اهو خيال ايندو اٿم تہ جيڪڏهن ٻنهي جي... ڏس نہ ... نُنهُن! جڏهن ديوداس ڪلڪتي ويو هو تہ تڏهن اسان جي پارو رڳو اٺن سالن جي هئي، پر انهي عمر ۾ بہ هُوءَ سوچي سوچي سُڪي ڪنڊا ٿي وئي هئي. جڏهن بہ ديوداس جو ڪو خط ايندو هئس تہ گل جيان ٽڙي پوندي هئي. هُوءَ انهي خط کي ائين پڙهندي هئي جڻ تہ گيتا جو ورد ڪندي هجي. اوهان کي تہ سڀ ڪجهہ معلوم آهي.“

دل ئي دل ۾ ديوداس جي ماءُ سڀ ڪجهہ سمجهي وئي هئي. هُوءَ ٿورو مرڪي. اهو تہ معلوم ناهي تہ انهي مرڪ ۾ ٺوڪ ڪيتري شامل هئي، پر ايترو ضرور هو تہ هُوءَ سڀ ڳالهيون ڄاڻندي هئي. پارَوتي سان سندس گهڻو پيار هو، پر نيٺ هُوءَ هُئي تہ اهڙي خاندان واري گهر جي ڇوڪري. جتي ڇوڪريون وڪرو ڪرڻ ۽ خريدڻ عام ڳالهہ هئي. اهڙي خاندان واري گهر ۾ رشتو ڪرڻ ڇبي... ڇبي. هن چيو، ”چاچي! سندس پيءُ کي تہ ذرو بہ خواهش ناهي تہ هاڻي ئي ديوداس جي شادي ڪرائي وڃي. اجا تہ هن جي پڙهڻ لکڻ جي عمر آهي. هُو هاڻ بہ مون کي چوندو آهي تہ وڏي ڇوڪر دوج داس جي ننڍي عمر ۾ شادي ڪرائي، اسان ڪيڏي نہ وڏي غلطي ڪئي آهي. هن جو لکڻ پڙهڻ سميت سڀ ڪجهہ تباهہ ٿي ويو.“

پارَوتي جي ڏاڏي اداس ٿي وئي، پر پوءِ بہ هن چيو: ”نُنهُن! اهو سڀ ڪجهہ مان سمجهان ٿي پر ڄاڻين ٿي پارو هاڻي ڪيتري نہ وڏي

ٿي وئي آهي. هڪ تہ سندس عمر وڏي ٿي وئي آهي ۽ ٻيو تہ هاڻي اهڙي اٿس جو هُوءَ اجا بہ وڏي ٿي لڳي. تنهن ڪري.... جيڪڏهن نارائڻ جي مرضي نہ هجي تہ پوءِ؟"

"نہ، چاچي! نہ... اهو تہ مان هن کي چئي نہ سگهنديس. جيڪڏهن مان ئي هن سان اهڙي ڳالهہ ڪرڻ لڳان تہ پوءِ مان ڪٿان جي بہ نہ رهنديس." ديوداس جي ماءُ تڪڙ ۾ سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو.

ڳالهہ ان کان اڳتي نہ وڌي، پر عورتن جي پيٽ ۾ ڪڏهن ڪا ڳالهہ رهي سگهي ٿي. ماني کائڻ وقت ديوداس جي ماءُ پنهنجي مڙس سان ڳالهہ ڪري ڇڏي تہ پاروتي جي ڏاڏي اڄ هن جي شادي جي باري ۾ ڳالهہ ڪرڻ آئي هئي.

"صحيح تہ آهي- پاروتي هاڻي ڪافي وڏي ٿي وئي آهي. ڪٿي نہ ڪٿي تہ هن جو رشتو ٿيڻ گهرجي." ديوداس جي پيءُ ڪنڌ مٿي کڻندي چيو.

"انهي جي لاءِ تہ هن ڳالهہ ڇيڙي هئي تہ جيڪڏهن د-يو-د-اس سان."

"اهو ڇا چئي رهين آهين تون؟" سندس مڙس ناراض ٿيندي پڇيو.

"مان ڇا چئي رهي آهيان، ٻنهي ۾ تمام گهڻو پيار آهي، پر انهي پيار جي ڪري مان ڇوڪري وڪرو ڪندڙ خاندان مان ڇوڪري وٺي سگهان ٿي؟ ۽ گهر جي ويجهو رشتيداري ... ڇي... ڇي!"

"تون صحيح چئي رهي آهين. اهڙن ماڻهن سان رشتو ڪري اسان کي پاڻ تي پنهنجي ذات ۽ خاندان وارا ماڻهو کلائڻا آهن ڇا؟ اهڙين ڳالهين طرف تہ ڌيان ئي نہ ڏيڻ گهرجي." نارائڻ پنهنجي دل کي تسلي ڏيندي چيو.

"اڙي واهہ ...! مان اهڙين ڳالهين طرف ڪڏهن ڌيان ڏيندي آهيان؟ پر ڪڏهن ائين نہ ٿئي تہ تون ئي غلطي ڪري ويهي رهين." سندس گهرواري کلندي چيو.

"جيڪڏهن ائين ٿئي ها تہ ڪڏهوڪو زميناري هٿن مان نڪري

وئي هجي ها.“ سندس مڙس چانورن جو گرهه وات ۾ وجهندي چيو.

اها زمينداري هلندي رهي انهي مان ڪنهن کي ڪهڙي تڪليف، پر اسان تہ پاروَتي جي ڏک جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون. جڏهن اها ڳالهہ گهمندي گهمندي چڪرورتي جي ڪنن تائين پهتي تہ هن پنهنجي ماءُ کي گهرائي چيو: ”امان! پلا تون اها ڳالهہ ڪرڻ جي لاءِ هوڏي چو وئي هئينءَ؟“

سندس ماءُ خاموش رهي. نيل ڪنٺ وري چيو: ”ڇوڪريءَ جي شادي لاءِ اسان کي ڪنهن جي در تي وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت، اَجا بہ ماڻهن کي اسان جا پير پڪڙڻا پوندا. اسان جي ڇوڪري ڇا ڪنهن کان حُسن ۾ گهٽ آهي!؟ ڪائي بدصورت تہ ناهي مان توهان کي چئي رهيو آهيان تہ اوهان کي ڇوڪريءَ جي شادي جي لاءِ فڪر ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي. مان هڪ هفتي جي اندر اندر ئي سڀ ڪجهہ ٺيڪ ڪري ڇڏيندس.“

جنهن جي لاءِ پيءُ ايتري وڏي ڳالهہ چئي انهي تي تہ ڇڻ جبل ڪري پيو. نندپڻ کان ئي سندس خيال هو تہ ديوداس تي هن جو پورو پورو حق آهي. اهڙي ڪا ڳالهہ نہ هئي تہ اهو حق هن کي ڪنهن ٻئي جي معرفت مليو آهي. پهريون تہ هُوءَ پاڻ ئي انهي معاملي کي صحيح طرح سمجهي نہ سگهي هئي. اوچتو سندس بي چين دل هوري هوري اهو حق تصور ڪري ورتو هو. جيتوڻيڪ انهي جي ظاهري صورت ڪا بہ نہ هئي، پر اڄ هڪدم هن جو حق کسجي وڃڻ جي ڳالهہ تي تہ هن هڪ وڏو طوفان ڪڙو ڪري ڇڏيو.

پر ديوداس جي باري ۾ اها ڳالهہ صحيح طرح نہ ٿي چئي سگهجي. ننڍپڻ ۾ جڏهن هن پاروَتي تي پنهنجو حق ثابت ڪري ڇڏيو هو. تڏهن ئي هن انهي جو پورو فائدو کڻڻ شروع ڪيو هو. پر ڪلڪتي وڃي اتان جي چمڪ دمڪ، رونق ۽ رنگ ڍسي ڪنهن حد تائين پاروَتيءَ کي وساري ويٺو هو. پر هو اهو نہ پيو ڄاڻي تہ پاروَتي ڳوٺ جي هڪ گهر ۾ هن کي ياد ڪندي رهندي آهي. رڳو ايتري ڳالهہ نہ هئي پر هُو اهو بہ سوچيندو هو تہ ننڍپڻ کان جنهن کي مان پنهنجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهندو هئس ۽ مناسب ۽ نامناسب هوڏ ڪري جنهن مٿان ايترا ڏينهن پنهنجو حق سمجهيو اٿم. جوانيءَ جي پهرئين ڏاڪي تي قدم رکندي ئي تنهن کان مُنهن موڙڻ صحيح ناهي. پر ان وقت شادي جي ڳالهه ئي ڪنهن ٿي سوچي... ڪنهن ٿي ڄاتو ته اها نِنڍپڻ جي محبت جواني ۾ بغير شادي جي نه ٿي هلي سگهي.

شادي نه ٿي ٿي سگهي. اها خبر ٻڌندي ئي پاروَتيءَ جي دل جون سڀ اميدون دم ٽوڙي ويون. پر ديوداس جو معمول صبح جو سوير اٿي لکڻ، پڙهڻ هوندو هو. منجهند جو سخت گرمي هوندي هئي، انهيءَ جي ڪري گهر کان ٻاهر پير رکڻ تمام گهٽ ڏکيو هو. رڳو شام جو ئي وقت هوندو هو، جنهن مهل هُو چاهي ته ٻاهر نڪري پيو سگهي.

انهي وقت هو قيمتي ڪپڙا پائيندو هو. خوب ٺهي ٺُڪِي، هٿ ۾ لڪڻ کٽي گهمڻ لاءِ نڪرندو هو. هُو ويڃڻ وقت گهڻو ڪري چڪرورتي جي گهر جي اڳيان لنگهندو هو. پارَوتي مٿئين ڪمري ۾ پنهنجا ڳوڙها اگهندي هن کي ڏسندي هئي. تنهن وقت نه ڄاڻ ڪيتريون پراڻيون ڳالهيون ڪيس ياد اچي ويندِيون هيون. هوءَ سوچيندي هئي ته هُو هاڻي ٻار ٿورئي آهي، ڀڳوان جي ڪرپا سان هاڻ هُو جوان آهي ۽ ڪجهه سياڻو به ٿي ويو آهي. پر هُو گهڻي وقت جي جدائي کان پوءِ ، نه ڄاڻ ملندي شرم ڇو محسوس ڪندو آهي.

انهي ڏينهن ديوداس ائين ئي هليو ويو. اها ڳالهه پاروَتيءَ چڱي ريت سمجهي ڇڏي هئي ته ديوداس شرمائي ٿو. ان ڪري ته هن ان ڏينهن پاروَتي سان هڪ لفظ به نه ڳالهايو.

اهو ئي خيال ڪڏهن ڪڏهن ديوداس جي دل ۾ به ايندو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن پاروَتيءَ سان ٻه چار ڳالهيون ضرور ڪندو هو. هن جي گهڻو ڪري اها ئي خواهش هوندي هئي ته هو پاروَتي کي چڱي طرح ڏسي، پر هڪدم سندس ذهن ۾ اهو خيال ايندو هو ته ڇا مان به هن کي سٺو لڳان ٿو يا نه؟

هتي ڪلڪتي جهڙو ماحول نه هو. نه ڳائڻ وڄائڻ، نه موج مستي، نه شوق شڪار. جڏهن هُو ڪنهن پرسڪون جڳهه تي ويندو

هو تہ هن کي ننڍپڻ جون ڳالهيون ياد اچي ويندين هيون. هُو سوچيندو هو تہ ننڍپڻ واري پارو هاڻي پاروَتي ٿي وئي آهي، انهي جي اُبتڙ پاروَتي سوچيندي هئي تہ ننڍپڻ وارو ديو هاڻي بابو ديودس ٿي ويو آهي. هاڻي ديوداس گهڻو ڪري هن جي گهر نہ ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن شام جو گذرڻ وقت پڇي وٺندو هو. ”چاچي! چا ڪري رهيِ آهين؟“

”اچ، ويهہ. پٽ!“ چاچي جواب ڏيندي هئس.

”تورو گهمڻ ٿو وڃان، چاچي! وري ڪڏهن ايندس، هن مهل دير ٿي رهي آهي.“ ديوداس وراڻي ڏيندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن پاروَتي ۽ ديوداس جي اوچتي ملاقات ٿي ويندي هئي ۽ ڪڏهن هُوءَ متئين ڪمري مان هن کي ٺسي وٺندي هئي. ديوداس جڏهن هن جي ماءُ سان ڳالهيون ڪندو رهندو هو، تہ هُوءَ اتان آهستي آهستي کِسڪي ويندي هئي. ديوداس جي ڪمري ۾ گهڻو ڪري رات جو ڏيئو ٻرندو رهندو هو. گرمي هجڻ جي ڪري هوا اچڻ لاءِ دري کليل رهندي هئي. عام طور تي پاروَتي رات جو پنهنجي ڪمري جي دري مان ديوداس کي لڪي لڪي ڏسندي هئي، پر ڏيئي جي جهيڻي روشنيءَ ۾ هن کي ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو هو.

پاروَتي ننڍپڻ کان وٺي ئي خوددار هئي. تنهن جي لاءِ هُو ڏينهن رات اهي ئي جتن ڪندي هئي تہ جنهن ڏک ۽ تڪليف ۾ هُوءَ ورتل آهي، انهي جي ڪنهن کي رتيءَ برابر بہ خبر نہ پوي، پر جيڪڏهن هُوءَ ڪنهن کي پنهنجي تڪليف ٻڌائي بہ ڇڏي تہ ان مان ڀلا فائدو بہ ڪهڙو هو. جيڪڏهن ڪو هن سان ڪا همدردي ڪندو هو تہ هوءَ اها برداشت نہ ڪري سگهندي هئي ۽ جيڪڏهن انهي کان علاوہ ڪي ماٺهو ٺوڪ يا ٺٺول واريون ڳالهيون ڪن تہ هوءَ انهيءَ کان موت کي ترجيح ڏئي ها.

گذريل سال ئي منورما جي شادي ٿي هئي، پر هُوءَ اڃا ساهرين نہ وئي هئي. انهيءَ ڪري هوءَ ڪڏهن ڪڏهن گهمڻ جي بهاني پاروَتي وٽ ايندي هئي. ٻئي پاڙ ۾ سنيون سهيليون هيون. پاڙ ۾ خوب ڪچهري ڪنديون هيون. پر هاڻي جڏهن انهي ڳالهہ جو ڪو ذڪر

چيڙيندو هو تہ پارَوَتيءَ انهي ۾ حصو نہ ونندي هئي يا تہ هوءَ انهي ڳالھ جو رخ تبديل ڪري ڇڏيندي هئي يا وري مڪمل خاموش رهندي هئي.

ڪالھ شام پاروَتي جو پيءُ گهر واپس آيو هو. هُو ڪيترن ڏينهن کان پاروَتي جي لاءِ ڇوڪرو ڏسڻ لاءِ ٻاهر ويل هو. هاڻي هُو شاديءَ جون سڀ ڳالهيون پڪيون ڪري پوءِ ئي واپس آيو هو. هتان کان ويھ پنجويھ ميل پرتي بردوان ضلعي جي ڳوٺ هاٿي پوتا جي زميندار کي پاروَتي جو وَرُ چُونڊي آيو هو. مال ملڪيت جي تہ هُتِ ڪمي ڪانہ هئي، باقي سندس عمر چاليهن سالن جي ويجهو هئي. گذريل سال سندس پهرين زال گذاري وئي هئي، تنهن ڪري هاڻي کيس نئين شادي جي گهرج محسوس ٿي. ڳالھ اِها نہ هئي تہ اها ڳالھ ٻڌي سيني کي خوشي محسوس ٿي، پر ڪجھ ماڻهو ناراض بہ ٿيا. ايترو سو ضرور هو تہ پَوَن چوڏهيءَ جي گهران ڪُل ملائي ٿي چار هزار روپيا اچي ويندا، انهيءَ ڪري گهر جون سڀ عورتون خاموش رهيون.

هڪ ڏينهن منجهند واري مانيءَ تي ديوداس جي ماءُ چيو.

”پارو جي شادي ٿي رهي آهي.“

”ڪڏهن ٿي رهي آهي؟“ ديوداس ڪنڌ کڻندي پڇيو.

”هن ئي مهيني- ڪالھ ڇوڪري ڏسڻ آيا هئا، ڇوڪرو بہ گڏ هُيُن.“

”هان...! مون کي تہ انهي ڳالھ جي ڪا بہ خبر ناهي.“ ديوداس حيراني مان پڇيو. اها ڳالھ ٻڌي سندس دل کي ڏاڍو صدمو پهتو هو.

”توکي ڪيئن خبر پئي ها، پٽ! گهوٽ رَنڊُ آهي. عمر بہ ڪافي وڏي اٿس، ها باقي ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ مال ملڪيت گنج اٿس. هل پلا، نيڪ آهي پاروَتي تہ سُکي رهندي.“ سندس ماءُ جواب ڏنو.

ديوداس ڪنڌ جهڪائي ماني کائي رهيو هو. سندس ماءُ وري ڳالهايو. ”هُو تہ چاهين پيا تہ پاروَتيءَ جي شادي اسان جي گهر ۾ ٿئي.“

”تہ پوءِ ڪهڙي ڳالھ ٿي؟“ ديوداس ڪنڌ کڻي سوال پڇيو.

”ڇِي، ڇِي! اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. هڪ تہ ڇوڪري وڪڻڻ وارو خاندان آهي ۽ ٻيو وري پاڙي واري مائٽي... رام... رام! !“ سندس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ نڪ کي موڙو ڏيندي مرڪندي چيو.

ديوداس اهو سڀ ڪجهه ڏسندو رهجي ويو.

ڪجهه دير خاموش رهڻ کان پوءِ سندس ماءُ وري ڳالهايو. ”تنهنجي پيءُ سان انهي ڳالهه جو مون ذڪر تہ ڇيڙيو هو.“

”پوءِ بابا ڇا چيو؟“ ديوداس سندس ڳالهه ڪٽيندي پڇيو.

”هُو ڇا چوندو؟ ڇئي پيو تہ پنهنجي خاندان تي ننڊليون تيڻ نہ ڏيندس ۽ مون کي بہ ڏاڍا دڙڪا ڏنائين.“

ديوداس انهي کانپوءِ ڪجهه بہ نہ ڳالهايو.

انهي ڏينهن پارَوَتي ۽ منورما جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي. منورما، پارَوَتيءَ جون آليون اکيون اگهيون ۽ چيو. ”ادي هاڻي ييو کهڙو طريقو تي سگهي ٿو؟“

”کهڙو طريقو تي سگهي ٿو؟ ڇا تو بہ گهروارو پسند ڪري شادي ڪئي هئي؟“ پارَوَتيءَ اکيون اگهندي چيو.

”منهنجي ڳالهه ٻي هئي. مون نہ تہ ڪو پسند ڪيو هو ۽ نہ وري ناپسند جو ڪو سوال ئي هو. تنهن ڪري منهنجي اکيان ڏک جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿيو. پر تو تہ پنهنجي پير تي پاڻ ئي ڪهاڙو هنيو آهي.“

پارَوَتي ڪجهه نہ چيو. هوءَ سوچ ۾ گم ٿي وئي. منورما نہ ڄاڻ ڇا سوچيو. هڪ ننڍڙي ڪل سندس چپن تي آئي. پوءِ وري هن پڇيو: ”تنهنجي گهرواري جي عمر ڪيتري آهي؟“

”ڪنهن جي گهرواري جي.“

”تنهنجي ٻي؟“

”اها ئي 19 سالن جي ويجهو هوندس.“ پارَوَتيءَ ڪجهه سوچي جواب ڏنو.

”ڇا چيئي؟ 19 سال!“ منورما ڪجهه ياد ڪندي چيو. ”مون تہ ٻڌو آهي تہ سندس عمر چاليهہ سال آهي.“

پارَوَتي کلي پئي ۽ چيو. ”منو! نہ ڄاڻ ڪيترين جي مڙسن جي عمر چاليهہ سال هوندي، ڇا مان سيني جو حساب لڳائيندي رهنديس. مان تہ رڳو ايترو ڄاڻان ٿي تہ منهنجي وَرَ جي عمر 19 سال آهي.“

”پنهنجي گهرواري جو پورو نالو تہ ٻڌاءِ يلا؟“ منورما سندس منهن ۾ ڏسندي چيو.

”ڇا ايترن ڏينهن ۾ توکي اها بہ خبر نہ پئجي سگهي آهي؟“ پارَوتي کلندي چيو.

”تنهنجي گهرواري جي نالي جي مون کي ڪهڙي خبر؟“

”جيڪڏهن هن جي نالي جي خبر نہ اٿئي تہ ٻڌايانءِ ٿي.“ پارَوتي ڀڙيون تہ کلي پوءِ وري خاموش ٿي منورما جي ڪنن جي ويجهو اچي پٽڪو ڪيو. ”شري ديوداس مُڪرجي.“

منورما ڀڙيون تہ ڇرڪجي وئي، پوءِ هن کي ٿيلهو ڏيندي چيو: ”پارَوتي! گهٽي مذاق ڪرڻ سٺو ناهي هوندو. صاف صاف ٻڌاءِ تہ سندس نالو ڇا آهي؟“

”هاڻي ئي تہ سندس نالو ٻڌايو ٿي مانءِ.“ پارَوتي چيو.

”جيڪڏهن ديوداس ئي سندس نالو آهي تہ پوءِ روئي روئي ڪِنُ ڇو ڪيو اٿئي؟“ منورما ڪاوڙ ڪندي چيو.

پارَوتي هڪدم اداس ٿي وئي. نہ ڄاڻ ڇا سوچي وري ڳالهايائين: ”ٺيڪ آ، هاڻي مان ڪڏهن بہ نہ روئنديس.“

”پارو!“

”؟“

”ادي! تون سڀ ڪجهہ صاف صاف ڇو نہ ٿي ٻڌائين، مان تہ ڪجهہ بہ سمجهي ناهيان سگهي.“

”مون کي جيڪو ڪجهہ چوڻو هو سو تہ مون چئي ڇڏيو آ.“ پارَوتيءَ چيو.

”پر مان تہ ڪجهہ بہ سمجهي ناهيان سگهي.“

”سمجهي ويندينءَ، منو! هاڻي سمجهي ناهين سگهي تہ پوءِ سمجهي ويندينءَ.“ اهو چوندي پارَوتي پنهنجو مُنهن ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيو. منورما سوچڻ لڳي تہ شايد پارَوتي مون کان ڪجهہ لڪائي رهي آهي. هن ڪاوڙجندي چيو: ”ڀيڻ پارو! جنهن ڳالهہ جو توکي ڏک آهي، انهي ڳالهہ جو مون کي بہ افسوس آهي. ادي! تون سدائين سُکي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهه. زندگي جا ڏينهن خوشي ۾ گذار، منهنجي هر وقت اها ئي دعا آهي. جيڪڏهن تنهنجي ڳالهه لڪائڻ جهڙي آهي ته پلي ڪنهن کي به نه ٻڌاءِ پر گهٽ ۾ گهٽ مون کان ته لڪائڻ مناسب ناهي."

پاروَتي کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن چيو "نه، منو پيڻ! مان مذاق نه پئي ڪريان. جيڪو ڪجهه مان ڄاڻان پئي سو سڀ ته مون ٻڌائي ڇڏيو آهي. مان اهو ڄاڻان ٿي ته منهنجي مالڪ جو نالو ديوداس آهي ۽ سندس عمر 19 سال آهي."

"پر مون ته ٻڌو آهي ته تنهنجي شادي ڪنهن ٻئي هنڌ پڪي ڪئي وئي آهي." منورما چيو.

"هاڻي پيو ڪاتي ٿيندي!؟ شادي منهنجي ڏاڏيءَ جي ٺوروئي تي رهي آهي. شادي ته منهنجي آهي، مون ته ڪٿي به ناهي ٻڌو."

منورما جيڪو ڪجهه ٻڌو هو سو سڀ ڪجهه چوڻ پئي چاهي، پر پاروَتي وچ ۾ سندس ڳالهه ڪٽيندي چيو: "ته ڇا... ديوداس توکي؟"

"مون کي ڇا؟"

"تون سوئمبر (هندن جي هڪ رسم جنهن ۾ ڪنوار پنهنجي گهوٽ جي چونڊ پاڻ ڪندي آهي) ڪرڻ جو سوچي رهي آهين ڇا؟ ۽ لڪي لڪي سڀ ڪجهه ڪري رهين آهين." منورما کل روڪيندي چيو.

"طئي ڪرڻ يا نه ڪرڻ تائين ڳالهه اڃا ناهي پهتي."

"مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿو اچي، پارو! تون ڇئي ڇا رهين آهين؟" منورما ڏکايل لهجي ۾ چيو.

"پهريون ديوداس کان پڇڻ ڏي، پوءِ ٻڌائيندي مانءِ" پاروَتيءَ چيو.

"ڇا پڇندينءَ. اهو ئي ته هُو توسان شادي ڪرڻ چاهي ٿو يا نه."

"ها." پاروَتيءَ ڪنڌ لوڏيندي چيو.

"تون اهو ڇا چئي رهين آهِين؟ پارو! تون پاڻ ئي هن کان اها ڳالهه پڇندينءَ؟" منورما حيران ٿيندي پڇيو.

"ته ان ۾ ڪهڙو ڏوهه آهي؟"

"پارو!... ته ڇا سچ ۾ تون هن کان پڇڻ وڃي رهني آهين؟" منورما دنگ رهجي وئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها... مان پاڻ ئي پڇنديمانس ... جيڪڏهن مان هن کان نہ پڇنديس تہ باقي ٻيو ڪير پڇندس؟“

”اهو پڇندي توکي شرم نہ ايندو؟“ منورما سوال ڪيو.

”انهي ۾ شرم ڪهڙو. ڇا تو کان پڇندي مان ڪجهہ شرم محسوس ڪري رهي آهيان؟“ پارَوتي چيو.

”مان تہ عورت آهيان ۽ تنهنجي سهيلي بہ آهيان. پر، پارو! ... هُو تہ مرد آهي.“

پارَوتي کِل ۾ ٻُٽجي وئي ۽ چيو: ”تون تہ منهنجي سهيلي آهين ۽ منهنجي پنهنجي بہ آهين، پر ڀيڻ! هُو ڪو ڌاريو آهي؟ دل واري ڳالهہ توکي ڇئي سگهان ٿي تہ ڇا هن کي نہ ٿي ڇئي سگهان؟“

منورما حيران ٿي وئي ۽ سندس منهن تڪڻ لڳي.

پارَوتي کلندي چيو: ”منو ڀيڻ! تون تہ ڪوڙ ڪوڙ ۾ سِينڌ ۾ سندور پرين ٿي. تون اڃا بہ نہ ٿي ڄاڻين تہ مالڪ چوندا ڪنهن کي آهن؟ جيڪڏهن هُو منهنجو مالڪ نہ هجي ها ۽ منهنجي عزت هن سان لاڳاپيل نہ هجي ها تہ مان ائين زندگي برباد ڪرڻ لاءِ نہ وڃي هجان ها ۽ جڏهن ڪو ماڻهو مرڻ جو سوچي وٺندو آهي تہ پوءِ هو اهو ناهي ڏسندو تہ زهر منو آهي يا ڪَڙو آهي. هن اڳيان مون کي ڇا جو شرم.“

منورما پارَوتي ڏي ڏسندي رهي، ڪجهہ گهڙين کان پوءِ پڇيائين: ”ڇا تون ديوداس کي اهو چوندينءَ تہ مون کي پنهنجي قدمن ۾ جڳهہ ڏي.“

”ها، اها ڳالهہ ئي تہ پڇڻي آهي.“

”۽ جيڪڏهن هُو انڪار ڪري ڇڏي تہ؟“

اهو ٻڌي پارَوتي خاموش ٿي وئي. پوءِ چوڻ لڳي: ”ڀيڻ! اهو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ انهي کان پوءِ منهنجو ڪهڙو حشر ٿيندو!؟“

گهر موٽڻ وقت منورما سوچيو تہ شابش آهي هن جي همت کي، ڇا تہ دل اٿس!... مان تہ مرندي بہ اهڙيون ڳالهيون سوچي نہ ٿي سگهان. صحيح ڳالهہ تہ آهي... انهيءَ ڪري تہ پارَوتي چوي پئي تہ مان اَجايو سِندُور هڻندي آهيان ۽ ٻانهن ۾ چوڙيون پائيندي آهيان.

♦

شايد رات جو هڪ ٽيو هو. آسمان مان چانڊوڪي جي هلڪي هلڪي روشني اچي رهي هئي. پاروَتي چادر پائي هوريان هوريان ڏاڪڻ تان هيٺ لٿي. هن چئني پاسي نظر ڊوڙائي، ڪيس ڪجهه به نظر نه آيو. سڀ ماڻهو ستا پيا هئا.

تنهن کان پوءِ هُوءَ آهستڙي دروازو کولي ٻاهر رستي تي نڪري آئي. رستو مڪمل سنسان هو ۽ اُتي مڪمل خاموشي به ڇانيل هئي. انهي وقت ڪنهن جي به ملڻ جو ڪو خطرو نه هو. هُوءَ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي زميندار صاحب جي در تي اچي بيهي رهي. در تي پوڙهو دربان ڪشن سنگهه اجا تائين کٽ تي ويٺو تُلسي رامائڻ جو ورد ڪري رهيو هو. هن بنان ڪجهه ڏسڻ جي، ڪنڌ جهڪائي پڇيو.

"ڪير آهي؟"

"مان آهيان." پاروَتيءَ چيو.

دربان آواز مان ئي سڃاڻي ويو ته ڪا عورت آهي. هُنَ سمجهيو ته شايد ڪائي نوڪرياڻي هوندي. انهي ڪري هن ڪو خاص ڌيان نه ڏنو ۽ پنهنجي ساڳي ئي سُر ۾ پنهنجو ورد جاري رکيو.

پاروَتي اندر هلي وئي. گرمي جي موسم هئي. ٻاهر ڪيترائي نوڪر چاڪر ستا پيا هئا. ڪجهه ماڻهو ننڊ ۾ هئا. ننڊ جي جهوٽن ۾ هُوندي جيڪڏهن ڪنهن هن کي ڏسي به ورتو هجي ها ته نوڪرياڻي سمجهي ويچڻ ڏنو هجي ها. بنان ڪنهن ڊپ جي پاروَتي ڏاڪڻيون چڙهندي مٿي هلي وئي. هُوءَ هِنَ گهر جي ڪنڊ ڪنڊ کان واقف هئي. انهي ڪري ديوداس جو ڪمرو ڳولهڻ ۾ هن کي دير نه لڳي. ڪمري جو دروازو کليل هو ۽ ڏيئو ٻري رهيو هو. پاروَتي ڪمري ۾ اندر اچي ڏٺو ته ديوداس گهري ننڊ ۾ ستو پيو آهي. هن جي سيراندي کان کليل

ڪتاب پيو هو. لڳي ته ائين پيو ته هاڻي هاڻي ئي ستو آهي. هُوءَ ڏيئي کي تورو تيز ڪري ديوداس جي پيرن پرسان ويهي رهي. رڳو پيت تي لڳل گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ وارو آواز اچي رهيو هو. باقي مڪمل ماٺ هئي.

ديوداس جي پيرن تي هٿ رکي پاروَتيءَ سڏ ڪيو... ”ديوَ! ... ديوَ!“

ديوداس سمجهيو ته ننڊ ۾ ئي ڪيس ڪجهه ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي. هن اکيون کولڻ کان سواءِ ئي چيو... ”اُون ... هُون... !“

”ديوَ!“

هن پيري ديوداس اکيون مهٽيندي اٿي ويٺو. پاروَتي جي مُنهَن تي نقاب نه هو. تنهن ڪري ديوداس سولائي سان کيس سڃاڻي ورتو. پهريون ته هن کي يقين نه آيو پر پوءِ چيو: ”هي ڇا؟ پارو! تون آهين؟“

واچ ڏي ڏسي ديوداس حيرت مان چيو: ”ايڏي رات جو؟“

پاروَتي خاموش رهي ۽ ڪنڌ جهڪائي ويٺي رهي. ديوداس وري پڇيو.

”اڌ رات جي وقت اڪيلي ئي آئي آهين؟“

”ها.“ پاروَتي جواب ڏنو.

خوف جو ماريل ديوداس گهبرائجي ويو. هن حيران ٿي چيو: ”اهو ڇا چئي رهي آهين؟ رستي تي تو کي ڊپ نه ٿيو؟“

”مان جنن کان ناهيان ڊڄندي.“ پاروَتي مرڪندي جواب ڏنو.

”ازي! جنن کان نه ماڻهن کان ته خوف ٿيندو آهي. ٻڌاءِ، هتي ڇو آئي آهين؟“

پاروَتي ڪو به جواب نه ڏنو پر هن جي دل چئي رهي هئي ته: ”شايد مون کي هن کان ڊپ نه ٿو ٿئي.

”تون اندر ڪيئن آئينءَ، هتي ايندي ڪنهن ڏٺئي ته ڪونه؟“

”دربان ڏٺو آهي.“

ديوداس اکيون ڦاڙيندي چيو: ”رڳو دربان ڏٺو اٿئي يا ڪنهن ٻئي به؟“

”آڳر ۾ ڪجهه نوڪر ستا پيا هئا، تي سگهي ٿو ته انهن مان به ڪنهن ڏٺو هجي؟“

ديوداس بستري تان اٿي در جي طرف وڌيو ۽ در بند ڪري ڇڏيائين. پوءِ وري پڇيو. ”ڪنهن توکي سڃاتو ته نه؟“

”تي سگهي ٿو ته ڪنهن مون کي سڃاتي ورتو هجي، ڇو ته مون کي سڀ سڃاڻندا آهن.“ پاروَتي بنان ڪنهن خوف جي چيو.

”پارو! اهو تون ڇا چئي رهي آهين، تون ائين ڇو ڪيو؟“

”تون ڇا سمجهي رهيو آهين ته مون ائين ڇو ڪيو هوندو؟“

پاروَتي دل ئي دل ۾ چيو پر هوءَ ڪجهه ڳالهائي نه سگهي. رڳو ڪنڌ جهڪائي چپ چاپ ويٺي رهي.

”ڇي... ڇي! ايتري رات جو سياڻي پنهنجو ڪهڙو مُنهن ڏيکاريندينءَ؟“

”اها همت به آهي مون ۾.“ پاروَتي جهڪيل ڪنڌ سان ئي چيو.

”ڇا تون اڃان ٻار آهين. توکي هتي ايندي شرم نه آيو.“ ديوداس چيو.

”بلڪل نه آيو.“ پاروَتي ڪنڌ لوڏيندي چيو.

”سياڻي تون شرم کان ڪنڌ به نه کڻي سگهندينءَ.“

اهي لفظ ٻڌي پاروَتي اداس نظرن سان ديوداس ڏي ڏٺو ۽ بنان ڪنهن خوف جي چيو.

”جيڪڏهن مون کي انهي ڳالهه جو يقين نه هجي ها ته منهنجي انهي شرم کي تون ڍڪي نه رکندين ته مان بلڪل به ڪنڌ نه کڻي سگهان ها.“

”پر ڇا مان ڪنهن کي مُنهن ڏيکارڻ جي لائق هوندس؟“

”تون .... انهيءَ ۾ تنهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي، ديَو!“ پاروَتي ساڳئي ئي لهجي ۾ جواب ڏنو.

ڪجهه دير خاموش رهڻ کان پوءِ پاروَتي وري چيو.

”تون مرد آهين.... اڄ نه ته سڀاڻي ماڻهو تنهنجو داغ وساري ڇڏيندا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ته ڪو به اهو نه چوندو ته ڪڏهن ۽ ڪهڙي رات بدنصيب پاروَتي تنهنجي قدمن ۾ پنهنجو ڪنڌ رکڻ جي لاءِ سڀ ڪجهه وڃائي آئي هئي.“

”اهو ڇا چئي رهي آهين، پارو؟“

”ءِ ... مان.“

ديوداس کي ڄڻ ڪجهه ٿي ويو هو. هن چيو... ”ءِ تون؟“

”تون منهنجي خواري جي ڳالهه ٿو ڪرين، پر منهنجي ڪا به خواري ناهي. جيڪڏهن انهي ڳالهه تي بدنامي ٿيندي ته مان لڪي لڪي تنهنجي ڪمري ۾ آئي آهيان ته انهي جو مون کي ذري برابر به خوف ناهي.“

”پر، پارو! اهو ڇا؟ تون روئي رهي آهين؟“

”ديو! ڪيترو گهرو ۽ تيز پاڻي آهي نديءَ ۾، ڇا انهي ۾ منهنجي بدنامي نه ٻوڙي سگهندي؟“

انهي وقت ديوداس پاروَتي جا هٿ پنهنجي هٿن ۾ ورتا ۽ چيو، ”پاروَتي!“

پاروَتي ديوداس جي قدمن ۾ ڪنڌ رکي ٻُڏندڙ آواز ۾ چيو: ”بس... هنن قدمن ۾ ٿي توري جڳهه ڏئي ڇڏ. . ... ديوَ!“

انهي ڪانپوءِ ٻئي ڄڻا خاموش ٿي ويا. ديوداس جي قدمن ۾ ڪرندڙ ڳوڙها اڇي بستري ۾ جذب ٿيندا ويا.

”ڇا مون کان سواءِ توکي پيو نه ٿو ملي سگهي؟“ ديوداس پنهنجي پيرن مان پاروَتي جو ڪنڌ ڪڻندي چيو.

پاروَتي ڪجهه به نه ڳالهائي سگهي. هوءَ ساڳي طرح ديوداس جي پيرن ۾ پنهنجو ڪنڌ جهڪايو ويٺي رهي. ڪمري ۾ رڳو ساهه کڻڻ جو ئي آواز ا ـ ـ ـ پ رهيو هو. ٽن... ٽن... گهڙيال به وڄڻ جي گهنٽي هنئي. ديوداس چيو، ”پارو!“

”ڇا؟“ پاروَتي پريل آواز ۾ پڇيو.

”تو ٻڌو آهي ته والدين انهي رشتي جي خلاف آهن.“

پاروَتي ڪنڌ لوڏي ها ڪئي. تنهن ڪانپوءِ وري خاموشي ڇانئجي وئي. گهڻي دير ڪانپوءِ ديوداس هڪ ٿڌو ساهه کڻي خاموشيءَ کي ٽوڙيو.

”ته پوءِ تون اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿي ڪرين؟ پارو!“

ـ ـ ـ ٽيءَ ريت ٻڏندڙ کي ڪک جو به سهارو هوندو آهي ۽ هو

ڪنهن بہ صورت ۾ انهي کي ناهي ڇڏيندو. اهڙيءَ طرح پاروَتي بہ چرين وانگر ديوداس جي پيرن سان چنبڙيل رهي. ديوداس ڏي ڏسندي هن چيو: ”مان ڪنهن بہ ريت وڃڻ نہ ٿي چاهيان، ديوَ!“

”پارو! ڇا مان ماءُ پيءُ جي حڪم ڪان بہ مُنهن موڙي ڇڏيان؟“

”انهي ۾ ڪهڙو گناهہ آهي.... مُنهن موڙي ڇڏ.“

”تہ پوءِ تون رهندينءَ ڪٿي؟“

ٿوري دير لاءِ هُو ٻئي ڄڻا خاموش رهيا. چار ٿي ويا هئا ۽ وري گرمين جون راتيون. ٿوري ئي دير ۾ صبح ٿيڻ وارو هو. اهو ڏسي ديوداس پاروَتي جو هٿ پڪڙيندي چيو، ”هل تہ توکي گهر ڇڏي اچان.“

”ڇا مون سان گڏ هلندين؟“

”انهي ۾ ڪهڙو حرج آهي؟ شايد انهي بدنامي مان ئي ڪو رستو نڪري اچي.“

”تہ پو هل.“

هُو آهستي آهستي پير کڻندا ٻاهر نڪري آيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♦

ٻئي ڏينهن انهي باري ۾ ديوداس جي پنهنجي پيءُ سان ڳالهه ٻولهه ٿي.

”تو مون کي سدائين پريشان ڪيو آهي. جيستائين مان جيئرو آهيان، تون مون کي سڪون سان جيئڻ نہ ڏيندين. تنهنجي زبان مان اهڙيون ڳالهيون نڪتيون، انهيءَ ۾ حيرت جي ڪا ڳالهه ناهي.“ سندس پيءُ چيو.

ديوداس خاموشي سان پنهنجو ڪنڌ جهڪايو بيٺو هو.

”مان ڪجهه نہ ٿو چاهان، توکي جو ڪجهه ڪرڻو آهي، سو پنهنجي ماءُ سان ملي وڃي ڪر.“ سندس پيءُ چيو.

اهو ٻڌي ديوداس جي ماءُ روئندي چيو: ”پٽ! اهو بہ منهنجي قسمت ۾ لکيل هو!“

انهي ڏينهن ديوداس پنهنجو سامان کنيو ۽ ڪلڪتي هليو ويو.

جڏهن پاروَتي اهو ٻڌو تہ چرين وانگر کلي پئي، پر انهي کِلَ ۾ ڪيترو ڏک ۽ ڪيتري پيڙا هئي، اهو ڪوئي بہ نہ پيو ڄاڻي سگهي. گذريل رات وارين ڳالهين جي ڪنهن کي ڪا بہ خبر نہ هئي ۽ نہ وري پاروَتيءَ ئي ڪنهن کي ڪجهه ٻڌايو هو. پر منورما هن کي پڪڙي ورتو هو. منورما چيو،

”پارو! ... ڇا ديوداس واقعي بہ ڪلڪتي هليو ويو آهي؟“

”ها“

”تہ پوءِ تنهنجو ڇا ٿيو؟“

اهو تہ هوءَ پاڻ بہ نہ پئي ڄاڻي تہ ديوداس هن جي لاءِ ڇا ڪيو؟ تہ پو پلا ٻئي ڪنهن کي ڇا ٻڌائي. هُوءَ ڪيترن ئي ڏينهن کان اهو ئي سوچي رهي هئي، پر اڄ تائين هوءَ اهو نہ سمجهي سگهي هئي تہ هن

ڪي انهي معاملي ۾ ڪيتري اميد آهي ۽ ڪيتري نااميدي آهي. ايترو ضرور هو تہ ڏکئي وقت ۾ جڏهن انسان ڪجھہ بہ ناهي سمجهي سگهندو ۽ ڪيس ڪوئي ڪنارو نظر ناهي ايندو، تڏهن هُو اميد جو دامن ناهي ڇڏيندو. جيڪي ڳالهيون هن کي پنهنجي فائدي ۾ نظر ايندیون آهن، هو انهن جي متعلق ڏينهن رات سوچيندو رهندو آهي. سندس خواهش پوري ٿئي نہ ٿئي، هُو آس رکيو، اميد ڀريل نظرن سان ڏسندو رهندو آهي.

ٺيڪ اها ئي حالت پاروَتي جي هئي. هوءَ نااميد هوندي بہ اميد رکي ويٺي هئي تہ ڪالھہ واري ڳالھہ جو ڪجھہ نہ ڪجھہ نتيجو ضرور نڪرندو. جيڪڏهن اها ئي ڳالھہ ابتي ٿي وئي تہ انهي وقت هن جي حالت ڇا ٿيندي، اهو خيال هن جي سوچ کان ئي ٻاهر هو. هُوءَ تہ رڳو اها اميد رکي ويٺي هئي تہ ديو ضرور ايندو ۽ چوندو، "پارو! ... توکي پاڻ کان جدا ٿيڻ نہ ڏيندس."

پر ٻن ڏينهن کان پوءِ پاروَتي کي هڪ خط مليو جنهن ۾ لکيل هو.

"پاروَتي!

ٻن ڏينهن کان تنهنجي ئي ڳالھہ تي غور ڪري رهيو آهيان. بابا ۽ امان، ٻنهي مان ڪوبہ اسان جي شادي لاءِ راضي ناهي. تنهنجي سُک خاطر انهن کي ڏک ڏيان، اهو سون کان نہ ٿي سگهندو. انهن جي مرضيءَ خلاف مان ڪوئي ڪم ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ اهو ڏاڍو مشڪل ٿو نظر اچي تہ مان توکي وري ڪو خط لکي سگهندس. تنهنڪري مان سوچي رهيو آهيان تہ سڀ ڳالهيون هن ئي خط ۾ تنهنجي سامهون رکي ڇڏيان.

تون ذات برادري ۾ اسان کان گهٽ آهين ۽ جنهن خاندان ۾ ڇوڪريءَ کي وڪرو ڪيو ويندو هجي انهي خاندان جي ڇوڪريءَ کي منهنجي ماءُ پنهنجي گهر ۾ ڪڏهن بہ اچڻ نہ ڏيندي ۽ وري پاڙي ۾ ئي رشتيداري تہ هوءَ بلڪل بہ پسند ناهي ڪندي. بابا جي طبيعت ۽ عادت کان تہ تون واقف ئي هوندينءَ. انهي رات جي ڳالهين مان مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي. انهي جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ تو جهڙي

خوددار ڇوڪريءَ نہ ڇاڻ ڪهڙي حوصلي سان اهو ڪم ڪيو هو.

وري هڪ ڳالهہ اها بہ آهي تہ مون بہ ڪڏهن اهو خيال نہ ڪيو هو تہ مان تون کي دل سان چاهيان ٿو. اڄ بہ مان تون کان ڪا تڪليف محسوس نہ ٿو ڪريان. مون کي رڳو انهي ڳالهہ جو ڏک آهي تہ تون رڳو منهنجي ڪري ايتريون تڪليفون برداشت ڪري رهي آهين. ڪوشش ڪر تہ مون کي وساري سگهين ۽ وساري ڇڏجان.

مان سچي دل سان دعا ڪريان ٿو، پارو! ... تہ تون سدائين سُکي رهہ، بس سُکي رهہ. انهي کان علاوه مان ڪري بہ ڇا ٿو سگهان."

"ديوداس"

ديوداس جيستائين هي خط پوسٽ واري دٻي ۾ نہ وڌو هو. تيستائين هن جي حالت ڪجهہ ٻي هئي، پر جڏهن هن اهو خط پوسٽ ڪري ڇڏيو تہ هُو ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو. پٽڙ اڇلائي هڪ ٽڪ انهي طرف ڏسندو رهيو. هن جي دل ۾ هڪ شڪ پيدا ٿيو. هُو سوچي رهيو هو تہ اهو پٽڙ هن جي مٿي تي اهڙي طرح لڳي تہ ڇا هُوءَ انهي جو سُور برداشت ڪري سگهندي؟ ڇا هوءَ زنده رهي سگهندي؟

پوسٽ آفيس مان واپسي تي ديوداس اهو سوچي رهيو هو تہ انهي رات پارَوتي مون وٽ ڇو آئي هئي؟ ۽ منهنجي پيرن ۾ ڪنڌ رکي ڪيترو نہ رني هئي. ڇا اهو صحيح هو؟ ۽ انهي کان بہ وڌي ڳالهہ تہ اها هئي جيڪا ديوداس سوچي رهيو هو تہ جڏهن پارَوتي جو ڪو ڏوهہ ناهي تہ پوءِ ڇو منهنجا والدين هن سان شادي ڪرڻ جي موڪل نہ ٿا ڏين. ڪجهہ تہ عمر وڌڻ جي ڪري ۽ ڪجهہ وقت ڪلڪتي ۾ رهڻ جي ڪري ديوداس اهو سمجهڻ لڳو هو تہ هنن خاندانن جي معمولي ڳالهين جي ڪري ڪنهن کي سزا ڏيڻ غلط آهي. جيڪڏهن پارَوتي انهيءَ زندگي مان تنگ اچي ندي ۾ ٽپو ڏئي ڇڏي تہ ڇا دنيا جي مالڪ جي پاڪ پيرن تي اهو داغ نہ لڳندو؟

گهر اچي ديوداس بستري تي ليٽي پيو. هُو اڄ ڪلهہ بورڊنگ هائوس ۾ رهيل هو. ڪيترن ئي ڏينهن کان هُن پنهنجي مامي جو گهر ڇڏي ڏنو هو ۽ هتي ماحول ڪافي وڻندڙ هو. جنهن ڪمري ۾ ديوداس

رهندو هو تنهن جي بلڪل پر واري ڪمري ۾ چُني لال نالي شخص رهندو هو. هو ڪلڪتي ۾ بي. اي پاس ڪرڻ لاءِ آيو هو، پر نَون سالن جي ڏگهي عرصي ۾ هُو اڃا تائين بي. اي پاس نہ ڪري سگهيو هو. چُني لال معمول مطابق شام جي وقت سير جي لاءِ نڪري ويندو هو ۽ وري صبح جو سوير موٽي ايندو هو. اڃا تان بورڊنگ هائوس ۾ ڪوبہ شاگرد واپس نہ آيو هو. نوڪرياڻي آئي ۽ ڏيئو ٻاري هلي وئي. ديوداس پنهنجي ڪمري جو در بند ڪيو ستو پيو هو. تنهن کان پوءِ هڪ هڪ ٿي سڀ شاگرد واپس موٽي آيا. ماني واري وقت ديوداس کي سڏيو ويو پر هُو ستو رهيو. چُني لال رات جو ڪڏهن بہ واپس نہ ايندو هو، تنهنڪري اڄ بہ ساڳي صورتحال هئي.

رات جو هڪ وڳي جو وقت هو. بورڊنگ هائوس ۾ سواءِ ديوداس جي ٻيو ڪو بہ جاڳي نہ رهيو هو. جڏهن چُني لال واپس آيو تہ هُو ديوداس جي ڪمري ۾ سوجهرو ڏسي وائڙو ٿي ويو. هن ڏٺو تہ در بند آهي ۽ روشني اچي رهي آهي. تڏهن هُو وڏي آواز ۾ سڏ ڪرڻ لڳو.

"ديوداس ... ! او ديوداس... ! ! ڇا تون اڃا تائين جاڳي رهيو آهين؟"

"ها... پر اڄ ايترو جلدي واپس ڇو آيو آهين؟" ديوداس اندران ئي پڇيس.

"اڙي ياءُ! ... اڄ طبيعت ڪجهہ ٺيڪ نہ هئي." چُني لال ڪلندي چيو ۽ ايترو چوندي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ وري موٽي آيو ۽ ديوداس کي سڏڻ لڳو "ديوداس! ڇا در کولي سگهين ٿو؟"

"ڇو نہ ... ضرور."

"تو وٽ تماڪ آهي ٿورو."

"ها... ها... آهي." اهو چوندي ديوداس در کولي ڇڏيو.

چُني لال تماڪ پرڻ لڳو ۽ چيو: "اڌ رات گذري وئي آهي ۽ تون اڃا تائين ڇو جاڳي رهيو آهين؟"

"اڙي، يار! ننڊ هر رات ايندي آهي ڇا؟"

"منهنجي خيال مطابق تہ تو جهڙن ڇوڪرن کي اڌ رات تائين جاڳڻ نہ گهرجي، پر اڄ ڏسي دنگ رهجي ويو آهيان." چُني لال مذاق

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي چيو.

ديوداس خاموش رهيو. چُني لال سگريٽ جو وڏو ڪش هڻندي چيو "جڏهن کان تون گهران تي آيو آهين، لڳي ٿو تہ تنهنجي دل ڏکايل آهي. ديوداس ! ڇا توکي ڪا تڪليف آهي؟"

ديوداس ڪو بہ جواب نہ ڏنو ۽ مُنهن خراب ڪري اٿي ويهي رهيو.

"تنهنجي دل ٺڪاڻي تي ناهي، ڪيئن، ديوداس! ٺيڪ ٿو چوان نہ؟"

ديوداس هڪدم بستري تي ويهي رهيو ۽ هن جي مُنهن ڏي ٿِڪ ٻڌي ڏسندي چيو: "ادا چُني لال! اهو تہ ٻڌاءِ ڇا تنهنجي دل ۾ رحم ناهي؟"

چُني لال رڳو کلندي خاموش ٿي ويو.

"چُني لال! ڇا توکي پنهنجي سڄي زندگي ۾ ڪو ڏک نہ مليو آهي؟"

"اهو پڇي تون ڇا ڪندين؟"

"ائين ئي ڄاڻڻ ٿو چاهين."

"پر، اڄ نہ.... وري ڪڏهن ٻئي ڀيري ٻڌائيندو مانءِ."

"ٺيڪ، پر چُني لال! اهو تہ ٻڌاءِ تون سڄي رات ڪاٿي هوندو آهين؟" ديوداس هن کان سوال ڪيو.

"پر تون اهو ڄاڻي ڇا ڪندين؟" چُني لال چيو.

"بس مان ڄاڻڻ چاهيان ٿو."

"توکي انهيءَ بابت ڪا بہ ڄاڻ ناهي؟" چُنيءَ چيو.

"ڪجهہ ڪجهہ ڄاڻان ٿو، پر چڱي طرح نہ." ديوداس چيو.

چُني لال جو منُهن خوشي ۾ ٻهڪي اُٿيو. انهن ڳالهين سان چاهي ڪجهہ ٿئي يا نہ پر سماج جي نظرن ۾ شرمندگي ضرور ٿئي ٿي. انهن ڳالهين کي چُني لال وڏي تجربي ڪانپوءِ وساري ڇڏيو هو. هن پنهنجيون اکيون بند ڪندي چيو: "ديوداس! جيڪڏهن واقعي تون مون کي ڄاڻڻ چاهين ٿو تہ پوءِ توکي مون جهڙو ٿيڻو پوندو، ڇا سڀاڻي کان تون مان سان گڏ هلندين؟"

ديوداس ڪجهہ دير تائين سوچيندو رهيو پوءِ ڳالهايائين: "ٻڌو

آهي تہ اتي وڏي موج مستي هوندي آهي... دل جا سڀ ڏک سُور ختم ٿي ويندا آهن... ڇا اهو سچ آهي؟"

"اهو سورنهن آنا سچ آهي."

"جيڪڏهن اهائي ڳالهہ آهي تہ سياڻي کان مون کي بہ اُتي وٺي هلجان - مان بہ تو سان گڏ هلندس."

ٻئي ڏينهن شام کان ڪجهہ اڳ جي ڳالهہ آهي تہ چُني لال ديوداس جي ڪمري ۾ آيو. هن ڏٺو تہ هُو پنهنجو سامان ٻڌڻ ۾ لڳو پيو هو. هُنَ حيران ٿي پڇيو: "هي ڇا...! ڪاڏي... ڪاڏي وڃي رهيو آهين؟"

"وڃڻ جو انتظام ڪري رهيو آهيان."

چُني لال کليو. هن سوچيو تہ هي تياري تہ خراب نظر نہ ٿي اچي.

"اڙي هي ڇا؟ تون تہ سڀ ڪجهہ ئي کڻي وڃي رهيو آهين؟"

"جيڪڏهن کڻي نہ وڃان تہ باقي ڪنهن جي آسري تي ڇڏي وڃان؟"

چُني لال ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهيو ۽ چيو: "مان پنهنجو سامان ڪنهن جي آسري تي ڇڏي ويندو آهيان؟ سڀ ڪجهہ تہ هتي ئي پيو هوندو آهي."

ديوداس هڪدم هوش ۾ اچي ويو ۽ ڪجهہ لڄي ٿيندي چيو: "ڳالهہ اها آهي تہ مان اڄ گهر وڃي رهيو آهيان."

"اهو ڇو...؟ ۽ موٽندين ڪڏهن؟"

"هاڻي ڪڏهن بہ نہ ايندس." ديوداس ڪنڌ لوڏيندي چيو.

چُني لال حيران ٿي ويو ۽ ڪجهہ گهڙين جي لاءِ ڏسندو ئي رهجي ويو. انهي وقت ديوداس چيو، "هان، هي پيسا سنڀال ۽ جنهن جا بہ مون ڏي پيسا رهيل هجن تن جو حساب چڪتو ڪري ڇڏجان. انهي کان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪجهہ بچن تہ بورڊنگ هائوس جي نوڪرياڻين ۽ ٻين ملازمن ۾ ورهائي ڇڏجانءِ. مون کي هاڻي وري ڪڏهن بہ ڪلڪتي موٽي نا هي اچڻو."

"ڪلڪتي اچڻ جي ڪري تہ مان پنهنجو گهڻو ڪجهہ وڃائي وينو آهيان." هن دل ئي دل ۾ سوچيو.

آخر ۾ ڪيس محسوس ٿيو تہ ننڍپڻ ۾ راند روند ۾ گذاريل ڏينهن، هنن ڪلڪتي ۾ گذاريل ڏينهن کان هزار ڀيرا سٺا هئا. اهي ڏينهن اڄ وارن ڏينهن کان ڪيترا نہ ڀلا هئا. هن وري چُني لال طرف ڏنو ۽ چيو "بابو چُني لال! هي سڀ لکڻ پڙهڻ رڳو سُک جي لاءِ ئي تہ آهي. جنهن پاسي بہ ڏس سواءِ پنهنجي سُک واري پڙهائي جي ٻيو تہ ڪو پاسو ئي ناهي."

"تہ ڇا تون پڙهڻ لکڻ سڀ ڪجهہ ڇڏڻ جو سوچي رهيو آهين؟" چُني لال سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو.

"ضرور ڇڏي ڏيندس. مون کي جيڪڏهن اها خبر هجي ها تہ ڪلڪتي اچڻ جي ڪري منهنجي زندگي برباد ٿي ويندي تہ مان ڪنهن بہ صورت ۾ ڪلڪتي نہ اچان ها."

"توکي ٿي ڇا ويو آهي، ديوداس!؟"

ڪجهہ سوچڻ کان پوءِ ديوداس چيو "زندگي ۾ وري ڪڏهن تو سان ملاقات ٿي تہ سڄو راز کولي تنهنجي سامهون رکندس."

صبح جا نَو ٿيا هئا. بورڊنگ هائوس جي سيني ماڻهن ڏنو تہ ديوداس پنهنجو سامان ڪنيو. بورڊنگ هائوس ڇڏي هميشہ جي لاءِ وڃي رهيو هو. انهن کي حيراني ٿي. هن جي هليو وڃڻ کان پوءِ چُني لال ٻڙ ٻڙ ڪندي چيو "اهو ڀِ مُنهُون ٻَڱهُہ ڪنهن جي بہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي."

◆

سياڻن ماڻهن جي اهائي سڃاڻپ هوندي آهي، تہ اُهي ترت ئي ڪنهن شيءِ جي خوبي يا خرابي جي باري ۾ پنهنجي راءِ قائم ناهن ڪندا. پر ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ هوندا جيڪي انهن جي صفا ابتڙ هوندا آهن. اهڙي قسم جا ماڻهو ڪنهن هڪ ڳالهہ تي گهڻو سوچ ويچار ناهن ڪندا. جيئن ئي انهن جي ذهن ۾ ڪا ڳالهہ ايندي آهي تيئن ئي تڪڙ ۾ فيصلو ڪري ڇڏيندا آهن. اُهي اهو ناهن سوچي سگهندا تہ انهي ۾ فائدو ڪيترو آهي ۽ نقصان ڪيترو آهي؟ ڪنهن ڳالهہ جي گهرائي ۾ وڃڻ هُو مناسب ناهن سمجهندا، پر پنهنجي ڪمزور دماغ ۾ ئي انهي ڪي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ائين نہ تہ اهي ماڻهو گهڻو ڪم ناهن ڪري سگهندا، پر ڪنهن وقت تہ هُو بازي کٽي بہ ويندا آهن. جيڪڏهن سندن قسمت جو ستارو بلند هجي تہ اهي ماڻهو ڪنهن وقت بہ ڪاميابي واري ڏاڪڻ پار ڪري ويندا آهن. پر جي ائين نہ ٿئي تہ هيناهين واري ڇُرَ ۾ هميشہ جي لاءِ هليا ويندا آهن. پوءِ انهن ماڻهن ۾ ايتري بہ همت ناهي هوندي تہ اهي ڪو هٽ پير هٽي سگهن يا ٻہ چار قدم هلي سگهن. سُک ڏسڻ جي بدران انهن ڪي ڏُکن جو منُهن ڏسڻو پوندو آهي. انهن جي زندگي تباهہ ٿي ويندي آهي. ديوداس بہ اهڙي قسم جي ماڻهن مان هو.

ٻئي ڏينهن ديوداس پنهنجي گهر پهتو. سندس ماءُ هن ڪي ڏسي حيران ٿي وئي ۽ پڇيو: ”ديوداس! ڇا اسڪول ۾ وري موڪلون ٿي ويون آهن؟“

”ها.“ ... ديوداس رڳو ايترو ئي چيو ۽ هڪ پاسي هليو ويو. هن پنهنجي پيءُ جي سوال جي جواب ۾ اَڻ ڏنگو جملو چيو ۽ موقعو تاڙي کسڪي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس پيءُ کي ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ آيو. تنھن ڪري ھن وري پنھنجي گھرواريءَ کان پڇيو. ”منھنجي خيال ۾ اجا گرمي گھٽ ناھي تي، انھيءَ ڪري وري موڪلون تي ويون آھن.“

ديوداس جا بہ ڏينھن ائين گذري ويا. ھُو جيڪو ڪجھ سوچي رھيو ھو، انھيءَ ۾ ڪيس اجا تائين ڪاميابي نہ ملي ھئي. پارَوتي سان اجا تائين سندس ملاقات نہ ٿي سگھي ھئي. ٻن ڏينھن کان پوءِ پارَوتي جي ماءُ سان سندس اوچتي ملاقات ٿي وئي. پارَوتي جي ماءُ چيو.

”پٽ! جيڪڏھن اچي ويو آھين تہ گھٽ ۾ گھٽ پارَوتي جي شادي تائين تہ ھتي رھجانءِ.“

”ٺيڪ آھي.“ ديوداس چيو.

منجھند واري ماني کان پوءِ پارَوتي گھڙو ڪري تلاءَ تي پاڻي ڀرڻ ايندي ھئي. ھُوءَ ڪچ تي پتل جو گھڙو کڻي اڄ بہ گھاٽ تي اچي پھتي. ھن ڏٺو تہ ويجھو ئي بانس وارن وڻن جي پويان ديوداس پاڻي ۾ مڇي ڦاسائڻ وارو ڪُنڊو وجھيو ويٺو آھي. پارَوتيءَ جي دل ۾ اھو خيال آيو تہ ھوءَ موٽي وڃي، پر پوءِ ھن سوچيو تہ جلدي ۾ پاڻي ڀري ھلي ٿي وڃان، پر اھو نہ ٿي سگھيو. تلاءَ واري پاڻي ۾ گھڙو وجھڻ وقت آواز ٿيو، جنھن ڪري ديوداس جو ڌيان اوڏانھن ٿي ويو. ھن ڪنڌ کڻي پارَوتي ڏي ڏٺو ءِ پوءِ ھٿ کڻي اشاري سان کيس سڏيندي چيو: ”پارو! ... ٿورو ٻڌ تہ...“

پارَوتي آھستي آھستي ھلندي سندس ويجھو اچي بيھي رھي. ديوداس جي زبان مان ھڪ لفظ بہ نہ نڪتو. ھڪ منٽ تائين ھُو ٽڪ ٻڌي پاڻي طرف ڏسندو رھيو. ان وچ ۾ پارَوتيءَ پڇيو: ”ڇا ڳالھ آھي؟ ڇا آھي؟ ديوَا!“

”ھا، ٻڌ.“ ديوداس بنان ڪنھن چرپر ڪرڻ جي چيو.

پارَوتي ڪنڌ جھڪائي خاموش بيٺي رھي. ٿوري دير کانپوءِ ڪجھ بہ ڳالھائڻ کانسواءِ ھُو پنھنجو گھڙو کڻي وڃڻ لڳي تہ ديوداس وري چيس: ”ٻڌ ... تہ!“

پارَوتي ٿورو رڪجي وئي ۽ ھڪ ڀيرو وري ساڳي خاموشي ڇانئجي وئي. تنھن کانپوءِ بنان ڪجھ چوڻ جي پارَوتي گھر جي

پاسي وڃڻ لڳي تہ ديوداس پاڻيءَ مان مڇي ڦاسائڻ وارو ڪُنڊيو ٻاهر ڪڍيو ۽ اتي ويهندي چيو.

”پارو! مان اڇي ويو آهيان.“

پارَوتي ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو... نيٺ مرڪندي پڇيو. ”ڇو؟“

”تو ئي تہ لکيو هو... ڇا وساري ڇڏيئي؟“

”نہ.“

”پر... اهو ڇا، پارو! ڇا انهيءَ رات واري ڳالهہ تو بلڪل وساري ڇڏي آهي؟“

”ياد بہ هجي تہ ڇا هي؟ هاڻي انهيءَ جو فائدو ئي ڪهڙو؟ هن جي ڳالهين ۾ وڏائي ۽ رُکائي هئي.

ديوداس پارَوتي جي حالت سمجهڻ ۾ ناڪام رهيو. هن چيو ”پارو! مون کي معاف ڪري ڇڏ. سچ، مان توکي سمجهي ئي نہ سگهيو هئس.“

”هاڻي ڇڏيو انهن ڳالهين کي. اهڙيون ڳالهيون مون کي صفا سٺيون ناهن لڳنديون.“

”هاڻي جيئن بہ ٿئي، مان بابا ۽ امان کي سمجهائي وٺندس پر پارو! تون؟“

پارَوتي اکيون ڦاڙي ديوداس کي گهوريندي چيو. ”تنهنجا ماءُ پيءُ آهن تہ ڇا منهنجا ناهن؟ ڇا انهن جي راءِ وٺڻ جي ضرورت ناهي؟“

ديوداس شرم وچان ڀڏندو ٿي ويو. هن چيو: ”ضروري آهي، پارو! پر انهن منع ئي ڪڏهن ڪئي آهي. مان انهن کي چڱي طرح ڄاڻان ٿو. هاڻي تون...“

پارَوتي سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو. ”رڳو مان تو سان گڏ... ڇي ڇي!!“

پل کن ۾ ئي ديوداس جون اکيون ٽانڊن وانگر ٻاڙهيون ٿي ويون. هن ڪاوڙ وچان چيو. ”ڇا تون مون کي بلڪل وساري چُڪي آهين؟“

پارَوتي پهرين تہ خاموش رهي، پوءِ سخت آواز ۾ چوڻ لڳي: ”نہ، توکي وساري ڪيئن ٿي سگهان. ننڍپڻ کان وٺي توکي ڏسندي ٿي اچان، جڏهن کان مون هوش سنڀاليو آهي تڏهن کان توکان ڊڄندي ٿي

اچان. هاڻي ڇا تون انهيءَ جي ڪري مون کي رعبُ ڏيکارڻ آيو آهين؟ شايد تو مون کي چڱي طرح سڃاتو ناهي.“ اهو چوندي پاروَتي سنڌس سامهون بيخوف ٿي بيهي رهي.

ديوداس جي واتان ڪوبه لفظ نه نڪتو. هن ڪجهه دير کان پوءِ چيو: ”تون مون کان سدائين ڊڄندي آئي آهين يا پيو به ڪجهه؟“

”نه... پيو ڪجهه به نه...“ پاروَتيءَ وڏي واڪي چيو.

”اهو سچ چئي رهي آهين؟“

”ها... بلڪل سچ. هاڻي توتي مون کي ڪوبه يقين ناهي. هاڻي جنهن وٽ وڃي رهي آهيان، تنهن وٽ مال ملڪيت آهي، عقل آهي، قابليت آهي ۽ پيو سڀ ڪجهه آهي. ائين اهي مون کي تو وانگر گهٽ عقل ۽ نالائق ماڻهو جي حوالي ڪڏهن به نه ڪندا. تون هاڻي پري ٿو نه ٿو ٿئين؟ ڇڏي ڏي منهنجو رستو.“

ديوداس صفا چپ ٿي ويو. هڪ ڀيرو ته رستو ڇڏڻ لاءِ به تيار ٿي ويو پر پوءِ ڪاوڙ ڪندي چيائين: ”ايڏو غرور آهي توکي.“

”ڇو ناهي؟“ پاروَتي چيو. ”تون غرور ڪري سگهين ٿو ۽ مان نه. مون ۾ صورت به آهي ته سيرت به. تون وڏو ماڻهو آهين، تنهنجو پيءُ به وڏو ماڻهو آهي، ته منهنجو پيءُ به ڪنهن جي در تي خيرات گهرڻ ناهي ويندو. انهي کان سواءِ اڳتي هلي مان به ڪنهن به صورت ۾ تو کان گهٽ نه هونديس، تون سمجهين ڇا ٿو؟“

ديوداس وائڙو ٿي ويو. پاروَتي وري چوڻ لڳي.

”تون سوچي رهيو هوندين ته تون مون کي وڏو نقصان پهچائيندين. گهٽ نه ته ٿورو پر ڪندين ضرور. ايترو مان به ڄاڻان ٿي. ٺيڪ آهي جيڪو دل ۾ اچئي سوئي وڃي ڪر، پر منهنجو رستو ڇڏ.“

”مان توکي ڪهڙو نقصان پهچائي ٿو سگهان؟ پارو!“ ديوداس اداس ٿيندي چيو.

”منهنجي بدنامي ڪري ۽ پيو ڪهڙي طرح سان؟ ٺيڪ آهي جيڪو دل ۾ اچئي سو وڃي ڪر.“ پاروَتي چيو.

ديوداس تي ڄڻ ڏکن جو جبل ڪري پيو. هن جي خشڪ چپن

مان رڳو ايترو ٿي نڪتو: "مان ۽ تنهنجي بدنامي؟"

پارَوتي زهر پري ڳل ڪلندي چيو. "وچ ۾ سنهنجي نالي تي ڪو ڇُٽو لڳائي ڇڏ. سيني کي ڇٽي ڇڏ ته انهيءَ رات مان اڪيلي تنهنجي ڪمري ۾ آئي هيس. اها ڳالهه هر پاسي ڦهلائي ڇڏ ته جيئن ڪنهن ڪان به اها ڳالهه لڪل نه رهي ۽ توکي خوشي نصيب ٿئي." پارَوتي ڪاوڙ وچان ڏڪڻ لڳي.

پر ديوداس جي دل ڪاوڙ ۾ سڙي وئي. هن دانهون ڪندي چيو.

"هر پرو جي بدنامي ڪرڻ سان به ڪنهن جي دل کي سڪون ملندو آهي ڇا؟" هن مڇي ڦاسائڻ واري ڪُنڍي جي مُنئي کي زور سان گهمائيندي چيو "پارَوتي! ايڏو غرور به سٺو ناهي هوندو ۽ غرور کي گهٽو وڌائڻ جو نتيجو به چڱو ناهي نڪرندو. ڏس گهٽي سُونهَن هجڻ ڪري چنڊ تي به داغ تي ويندا آهن. ڪنول جو گل به ڪيترو خوبصورت هوندو آهي، پر انهي تي ڪارا ڪارا ڀَنئور ويهندا آهن. اڄ ته تنهنجي حسين چهري تي ڪارو داغ هڻان."

ديوداس جي سهپ جي حد ٿي نه رهي. هن زور سان مڇي ڦاسائڻ واري ڪُنڍي جو مُنيو گهمائي پارَوتي جي مُنهن تي وهائي ڪڍيو. جنهن جي ڪري پارَوتي کي اک جي مٿان نرڙ تي وڏو ڌڪ لڳي ويو. ان ڪري هن جو سڄو مُنهُن رت سان ڳاڙهو ٿي ويو.

پارَوتي تڪليف جي ڪري بيهوش ٿي ڪري پئي ۽ هن جي واتان اهي لفظ نڪتا. "ديو! اهو ڇا ڪيئي؟"

ديوداس مڇي ڦاسائڻ واري ڪُنڍي کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي تلاءَ ۾ اڇلائيندي چيو: "گهٽو نه پر تورو ڌڪ لڳو اٿئي."

"ديو!" چئي پارَوتي روئي پئي.

ديوداس پنهنجي قميص ڦاڙي ۽ انهيءَ مان هڪ پٽي ڪڍي، انهيءَ کي پاڻي ۾ آلو ڪري پارَوتي جي نرڙ تي ٻڌندي چيو. "پارو! هاڻي ڊڄڻ جي ڳالهه ئي ڪهڙي؟ هي ڌڪ ته جلد ئي ٺيڪ ٿي ويندو، رڳو داغ ئي رهجي ويندو ۽ جڏهن به ڪو انهيءَ داغ جي باري ۾ پڇندئي ته ڪوڙ ڳالهائي ڇڏجانءِ. سچ ڳالهائڻ سان تون پنهنجي بدنامي پاڻ

ئي ڪري ڇڏيندينءَ.“
”اَباڙي! !“
”ڇي... ڇي! ! پارو! ائين نہ چئو. هن جدائيءَ جي ياد گهٽي وقت تائين نہ رهندي. ان ڪري مون اهو داغ ناهي ڇڏيو آهي. پنهنجي چانڊوڪي وانگر چمڪندڙ مُنهَن کي جڏهن بہ آئيني ۾ ڏسندينءَ تہ. . .“
اهو چئي جواب ٻڌڻ ڪانسواءِ ئي ديوداس اتان وڃڻ جي لاءِ پَر ساهڻ لڳو.
”او... ديو. . !“ پاروَتيءَ روئندي روئندي چيو.
ديوداس موٽي آيو. هن جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا. هن روئندڙ آواز ۾ چيو. ”ڇا ٿي چوين؟ پارو!“
”ڏس، ڪنهن کي بہ ٻڌائجانءِ نہ.“
ديوداس تورو جهڪي بيهي رهيو ۽ هن جي وارن سان کيڏندي چيو. ”ڇي... ڇي! ! پارو! تون ڪا منهنجي لاءِ ڌاري آهين ڇا. توکي ياد آهي نہ پارو! تون ننڍپڻ ۾ ڪيتريون شرارتون ڪندي هئينءَ. تڏهن ڇا مان توکي ماريندو نہ هئس؟“
”ديو! ... مون کي معاف ڪري ڇڏ.“
”توکي ائين نہ سوچڻ گهرجي، پارو! تو ڇا سچ ۾ مون کي وساري ڇڏيو آهي؟ مون ڪڏهن توتي ڪاوڙ نہ ڪئي هئي ۽ پوءِ وري معاف نہ ڪيو هو... پارو!“
”ديو!“
”پارو! تون ڄاڻين ٿي تہ مون کي گهڻو ڳالهائڻ پسند ناهي ۽ مان بعد ۾ وري ڪنهن ڳالهہ تي گهڻو سوچيندو بہ ناهيان. بس جيڪو دل ۾ ايندو اٿم سو ڪري ڇڏيندو آهيان. پوءِ اهو بہ نہ سمجهي سگهندو آهيان تہ ٿيندو ڇا؟“
تنهن کان پوءِ ديوداس پاروَتي جو مُنهُن پنهنجي هٿن ۾ جهليو ۽ هُنَ کي پيار سان سمجهائيندي چيو: ”تو جيڪو ڪجهہ ڪيو سو سٺو ڪيو آهي، مون وٽان توکي سُک نہ پر رڳو ڏک مليا آهن. مون کي خوشي آهي تہ ڪنهن بہ ريت تنهنجي زندگي سُکن ۾ گذري.“
گهاٽ جي ٻئي پاسي کان ڪنهن جي اچڻ جو آواز آيو. ديوداس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هليو ويو ۽ پارَوتي هوري هوري پاڻي پرڻ لڳي.

پارَوتي جڏهن گهر پهتي ته شام ٿي چُڪي هئي. سندس ڏاڏي کيس ڏسڻ ڪانسواءِ ئي چيو: ”پارو! اڄ پلا ڪيئن تلاءُ ڪوتي پاڻي آندو اٿئي ڇا؟“

سندس ڳالهه اڌ ۾ ئي رهجي وئي، پارَوتي کي ڏسندي ئي وني دانهون ڪيائين، ”رام... رام! ! اهو ڇا ٿيو؟“

رت ان مهل به وهي رهيو هوس. نڙڙ تي ٻڌل پٽي رت ۾ رنگجي ڳاڙهي ٿي وئي هئي. اهو ڏسندي سندس ڏاڏيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ روئندي چوڻ لڳي: ”هَئي... ڙي هَئي! پارو! تنهنجي ته شادي آهي.“

پارَوتي هوريان هوريان پاڻيءَ وارو گهڙو زمين تي رکيو. انهي وقت سندس ماءُ به آئي. هُنَ به رڙيون ڪندي چيو.

”پارو! اهو ڇا ٿيو؟“

”گهيڙ تي پير ترڪڻ ڪَري مان ڪِري پيس. پٿر لڳڻ ڪري ڌڪ لڳو آهي.“ پارَوتي ڍنل آواز ۾ چيو.

تنهن ڪانپوءِ گهر جا سڀ ڀاتي پارَوتي جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا. ديوداس صحيح ئي ته چيو هو ته ڌڪ گهڻو ناهي، ٻن چئن ڏينهن ۾ ئي ڦَٽُ ڀرجي ويو. اهڙيءَ ريت اٺ ڏينهن گذري ويا. ان ڪانپوءِ هڪ ڏينهن هاٿي پوتا جو زميندار ڀوَن موهن صاحب گهوٽ بڻجي، شادي ڪرڻ آيو. سندس رنگ پُورو هو. قد بُت ڪرشن مراري وانگر هوس. سندس وار اڇا ٿي چڪا هيا. ان هُوندي به ڪوپريءَ تان وارَ صفا چَٽُ ٿي ويا هئس. گهوٽ کي ڏسي ڪن ماڻهن کي تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ ڪي ماڻهو انهيءَ شادي ٿيڻ تي ڏاڍا اداس ٿيا.

ڀوَن بابُو ڏسڻ ۾ تمام گهڻو سنجيدو ۽ شريف هو. هو هڪ ڏوهاري وانگر شادي واري منڊپَ تي اچي پڏاريو. ٻين گهوٽن وانگر هن سان به چرچا ڀوڳ ٿيڻ لڳا، پر هو فَهميدو هو، وقت جي نزاڪت کي خوب سمجهندو هو. تنهن ڪري هن انهي طرف ڪو به ڌيان نه ڏنو. پارَوتي ڪجهه عجيب نظرن سان هن ڏي ڏٺو ۽ ڏسندي ئي رهجي وئي. هن جي چپن تي مرڪ اچي وئي. ڀوَن بابوءَ اکيون جهڪائي ڇڏيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهوٽ کي ڏسي سندس آس پاس بيٺل عورتون کلي پيون. چڪرورتي تہ پڄ ٻُڪَ ۾ ڪڏهن هيڏي تہ ڪڏهن هوڏي پورو هو. زميندار شري نارائڻ مُڪرجي ڪنواريتن پاران مُک اڳواڻ لڳو پيو هو. اهڙي ريت شادي جون رسمون پوريون ٿيون.

ٻئي ڏينهن يَون چوڌري زيورن سان پريل پيتي ڪڍي. اُهي زيور پائيندي ئي پارَوتيءَ جو جسم جَرڪي اُٿيو. اهو منظر ڏسي سندس ماءُ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. ويجهو ئي زميندار صاحب جي گهرواري بيٺي هئي. هن ڪجهہ ڏک پريل لفظ چيا: ”خوشي جي هھڙي موقعي تي روئي بدسنئوڻ ڪرڻ سٺو ناهي.“

شام ٿيڻ کان پهرين ئي منورما بہ اچِي وئي. پارَوتي کي ڪمري ۾ اڪيلو وٺي وڃي چيائين: ”جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. هاڻي ڏِسجانءِ تہ تون ڪيڏا نہ سُک پريا ڏينهن ٿي گذارين.“

”ها، ضرور سُک سان رهنديس.“ پارَوتي کلندي چيو ”ڪالهہ... يَم ديوتا جا درشن ٿي ويا آهن نہ.“

”هان... اهو ڇا پئي چوين؟“

”سڀ سمجهي ويندينءَ، منو! اها گهڙي تہ اچڻ ڏي.“

انهي تي منورما ڳالهہ جو رخ مَٽائيندي چيو ”دل ٿي چوي تہ هڪ پيرو ديوداس کي وٺي اچان ۽ سون واري هيءَ مورتي کيس ڏيکاريان.“

پارَوتي گهٻرائجي وئي. ”ائين ڪري سگهندينءَ؟ منو! ڇا هن کي هڪ پيرو وٺي نہ ٿي اچي سگهين؟“

هن جي حالت ڏسي منورما ڊڄي وئي. ”ڇو؟ هاڻي ڇا ڪندينءَ؟“

”هڪ پيرو هن جي قدمن جي مٽي پنهنجي نرڙ تي لڳايان.“

پارَوتي پنهنجي ٻانهن وارو ڪنگڻ گهماٽيندي چيو.

منورما پارَوتي کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ ٻنهي ڄڻين خوب رُنو.

شام ٿي چڪي هئي. آسمان تي اوندهہ ڇانئجي وئي هئي. سندس ڏاڏيءَ در کڙڪائيندي چيو: ”اڙي پارو! توهان ٻئي ٿورو ٻاهر تہ اچو.“

انهيءَ رات ئي ڪنوار پنهنجي پِيا جي گهر هلي وئي.

◆

۽ ديوداس؟

اها رات تہ هُن ڪلڪتي جي ايڊن گارڊن ۾ گذاري. ائين نہ هو تہ ڪو ڪيس ڪنهن قسم جو ڪو ڏک يا فڪر تي رهيو هو. نہ ڄاڻ ڇو هڪ قسم جي اداسي ۽ بيچيني سندس دل تي ڇانيل رهي. جيئن ننڍ ۾ ماڻهوءَ کي فالج ٿي وڃڻ ۽ پوءِ هڪدم جاڳڻ تي جسم جي ڪنهن بہ حصي تي سندس اختيار ناهي هوندو ۽ هو سمجهي ناهي سگهندو تہ ڇو هن جي پنهنجي ئي جسم تي هن جو ڪو بہ اختيار ناهي؟ پر هوريان هوريان هن کي سمجهہ ۾ اچڻ لڳي ٿو تہ هن جي پنهنجي ئي جسم تي ڇو هاڻي هن کي ڪوبہ اختيار ناهي. هاڻي هُو بدن جي حڪم مطابق هلڻ چلڻ تي مجبور آهي. اهڙي ريت ديوداس بہ اهو ئي سمجهي رهيو هو تہ هن تي بہ اڄ ساڳيو ئي دورو پئجي ويو آهي جنهن جي ڪري هن جي دل هن جي جسم کان هميشہ جي لاءِ الڳ ٿي ويئي آهي. هاڻي انهيءَ جو ڏک ڪرڻ اجايو آهي. پراڻو حق بہ هڪ گذري ويل خواب ٿي ويو، اڄ ڪجهہ بہ باقي نہ رهيو.

انهيءَ مهل سج ايري رهيو هو. ديوداس جاڳي پيو. پر هاڻي سندس سامهون سوال اهو هو تہ هُو ڪاڏي وڃي؟ انهي وقت هن کي خيال آيو تہ منهنجو هڪ پاڙيسري هو چُني لال. هُو ترت ئي هن ڏي وڃڻ لڳو. رستي ۾ هُو ڪيئي ماڻهن سان ٽڪريو ۽ هن کي ڪجهہ ڏک بہ لڳا. جنهن جنهن سان بہ هُو ٽڪرايو انهيءَ ڪيس شرابي سمجهي ڏڪو ڏئي پرتي ڪري ٿي ڇڏيو. اهڙي طرح هو ڪِرندو ڍَهندو چُني لال جي گهر پهچي ويو. چُني لال اُنَ مهل ڪاڏي ٻاهر گهمڻ لاءِ وڃي رهيو هو. ديوداس کي پنهنجي سامهون ڏٺائين تہ ڇرڪي ويو:

”ديوداس! تون؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوداس خاموش هو.

”ڪڏهن آيو آهين ڀاءُ! مُنهُن ڇو لٿل اٿئي، ڇا اڃا تائين تَڙ بہ نہ ڪيو اَٿئي؟ اڄ ڇا ڳالهہ آ؟“

ديوداس رستي ۾ ئي ويهڻ وارو هو. جو چُني لال سندس هٿ پڪڙي، ڪيس اندر وٺي اچي آرام سان کٽ تي ويهاريندي چيس: ”ڇا ڳالهہ آهي؟ ديوداس!“

”ڪالهہ گهران آيو آهيان.“

”ڪالهہ آيو هُئين؟ تہ پو سڄو ڏينهن ڪاٿي هُئين؟ رات ڪاٿي گذاريئي؟“

”ايڊن گارڊن ۾.“

”ڇريو تي ويو آهين ڇا، تون اهو ڇا چئي رهيو آهين؟“

”اهو ڄاڻي ڇا ڪندين؟“

”ٺيڪ آهي، هن مهل نہ ٻڌاءِ، پهرين ڪجهہ کائي پي وٺ، پوءِ ٿا ڪچهري ڪريون. تنهنجو سامان ڪٿي آهي؟“

”سامان تہ آهي ئي ڪونہ.“

”ٺيڪ آهي، ڇڏ انهي ڳالهہ کي. ماني تہ کائي وٺ.“ انهي وقت ديوداس کي چُني لال ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ماني کارائي، آرام ڪرڻ جي لاءِ بسترو تيار ڪيو، پوءِ در بند ڪندي چيائين، ”ٿوري دير جي لاءِ سمهي پئُہ، شام جو مان اچي توکي اٿاريندس.“

چُني لال اهو چئي هليو ويو. رات جو اَٽڪل ڏهين بجي واپس آيو. هن ڏٺو تہ ديوداس اڃا تائين گهري ننڊ ۾ ستو پيو آهي، هن ديوداس کي اُٿارڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ چپ چاپ تڏو ڪڍي هيٺ سُمهي پيو.

سڄي رات گذري وئي پر ديوداس جي ننڊ پوري نہ ٿي سگهي، ايستائين جو هُو صبح جو بہ نہ اٿيو. ڏينهن جو ڏهين بجي جو وقت هوندو جو ديوداس جاڳيو. اکيون مهٽيندي

هن پڇيو. ”چُني لال! ڪنهن مهل آيو آهين؟“

”اڃا هاڻي ئي آيو آهيان، پر توکي ڪنهن قسم جي تڪليف تہ نہ ٿي آهي؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ، بلڪل بہ نہ...“

ڪجھہ دير تائين ديوداس سندس مُنهَن ڏي ڏسندو رهيو. پوءِ ٻارن وانگر چيو: ”ياءُ چُني! مون وٽ تہ ڪجھہ بہ ناهي، اهڙي طرح ڪيستائين تون مون کي کارائيندو رهندين؟“

چُني لال کلڻ لڳو. هن کي انهيءَ ڳالهہ جي چڱي ريت ڄاڻ هئي تہ ديوداس جو والد گهڻي مال ملڪيت واري آسامي آهي. ان ڪري هن مُرڪندي چيو: ”مان توکي کارائي سگهان ٿو. ديوداس! جستائين تون چاهين هن گهر کي پنهنجو گهر سمجهي رَهُہ. ڪنهن بہ شيءِ لاءِ توکي ڪابہ تڪليف ڪرڻ جي ضرورت ناهي.“

”چُني لال! تنهنجي آمدني ڪيتري آهي؟“

”ياءُ! ڪا خاص ناهي. ڳوٺ جيڪا زمين آهي سا پنهنجي ياءُ کي مقاطعي تي ڏئي آيو آهيان، هُو ستر روپيا هر مهيني موڪليندو آهي. انهيءَ رقم مان اسان ٻنهي جو خرچ آساني سان ٿي ويندو.“

”چُني! گهر ڇو ناهين ويندو؟“

”اهو هڪ عجيب داستان آهي، منهنجا ياءُ!“ چُني لال مُنهُن ڦيرائيندي چيو.

ديوداس تنهن کان پوءِ ڪجھہ بہ نہ ڪُڇيو. ماني جو وقت ٿي ويو هو. ٻنهي وهنجڻ کانپوءِ ماني کاڌي ۽ ٻئي آرام سان ڪمري ۾ ويهي رهيا. چُني لال ڳالهہ ڇيڙيندي پڇيو.

”ديوداس! ڇا پنهنجي والد صاحب سان جهيڙو ڪري آيو آهين؟“

”نہ تہ.“

”گهر ۾ ڪنهن ٻئي سان؟“

”نہ.“ ديوداس ساڳئي لهجي ۾ جواب ڏنس.

”چُني لال کي ڪجھہ شڪ ٿيو ۽ چيو... ۽... تنهنجي شادي تہ ناهي ٿي؟“

ديوداس پنهنجو مُنهُن ٻئي پاسي ڦيري ڇڏيو. ٿوري دير کانپوءِ هن ديوداس جي طرف ڏٺو. ديوداس سمهي پيو هو. اهڙي ريت سُمهندي ٻہ ڏينهن گذري ويا. ٽئين ڏينهن صبح جو ديوداس ڪجھہ پريشاني ظاهر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي. هن ائين محسوس ڪيو تہ ڄڻ هن جي وات ۾ ڪجھ ڪوڙاڻ ٿي وئي آهي. چُني لال کانئس پڇيو. ”اڄ طبيعت ڪيئن آهي؟“

”ڪجھ صحيح ٿي لڳي. چڱو چُني! هڪ ڳالهہ تہ ٻڌاءِ... تون رات جو ڪاڏي ويندو آهين؟“

چُني لال کي ڪجھ شرم محسوس ٿيو ۽ چيو: ”انهيءَ بابت ڇو ٿو پڇين؟ ديوداس! چڱو اهو تہ ٻڌاءِ اڄ ڪلهہ اسڪول وڃي رهيو آهين؟“

”لکڻ پڙهڻ سڀ ڪجھ ڇڏي ڏنو ڪڏهوڪو.“

”اڙي ياءُ! ائين ڇو ڪري وينين. رڳو ٻن مهينن کان پوءِ ئي تہ امتحان ٿيڻ وارو آهي. پڙهڻ ۾ بہ تہ تون سٺو رهيو آهين، پوءِ امتحان ڇو نہ ٿو ڏئين؟“

”چُني! پڙهڻ ڇڏي ڏنو آهي.“

چُني لال ڪجھ نہ چيو. پوءِ وري ديوداس پڇيو. ”تون ڪاڏي ويندو آهين؟ ڇا مون کي بہ نہ ٻڌائيندين. ڪڏهن ڪڏهن تہ منهنجي بہ دل چاهيندي آهي تہ توسان گڏ هلان ۽ اهو ڄاڻان تہ تنهنجو هر ڏينهن ڪاڏي اچڻ وڃڻ ٿيندو آهي.“

”ديوداس! تون اهو سڀ ڪجھ ڄاڻي ڇا ڪندين؟“ چُني لال ديوداس جي مُنهَن ۾ ڏسندي چيو. ”ايترو ئي سمجهڻ ڪافي آهي تہ مان ڪنهن سٺي جڳهہ تي ناهيان ويندو.“

ديوداس دل ئي دل ۾ ٻَڙ ٻَڙ ڪئي، ”ڇا صحيح آهي، ڇا غلط آهي؟ اهي سڀ فضول ڳالهيون آهن.“ ”پر چُني ياءُ! هڪ ڀيرو مون کي پاڻ سان گڏ ضرور وٺي هل.“

”وٺي وڃڻ ۾ تہ ڪو حرج ناهي، پر منهنجو خيال آهي تہ تون اُتي نہ هل تہ سُٺو آهي.“

”نہ چُني بابو! مان هڪ ڀيرو توسان گڏ ضرور هلڻ ٿو چاهيان. جيڪڏهن اها جڳهہ صحيح نہ هوندي تہ مان وري ڪڏهن بہ اتي نہ هلندس.“

چُني لال دل ئي دل ۾ مرڪڻ لڳو. هن پنهنجو مُنهُن ٻئي پاسي ڦيرائيندي چيو تہ، ”هَئہ... ! منهنجي هيءَ حالت... !“ پوءِ وري وڏي آواز

ٻڌي پر چيو "جيئن تنهنجي مرضي. هلڻ چاهين تو تہ ٻيلي هل."

ٽيپهري ڌاري ڌرم داس ڳوڻن سامان کڻي پهچي ويو. ديوداس کي ڏسندي ئي سندس اکين مان ڳوڙها وهي پيا، هو روئندي روئندي چيو. "ديوداس! ڪيترائي ڏينهن ٿي ويا آهن، تنهنجي ماءُ رات ڏينهن روئي رهي آهي."

"ڇو ٿي روئي؟"

"تون جو ڪنهن کي بہ ٻڌائڻ کان سواءِ هليو آيو آهين." اهو چوندي ڌرم داس کيسي مان چٺي ڪڍي ديوداس کي ڏني.

سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ جي لاءِ چُني لال هنن کي ڏسندو رهيو. ديوداس خط پڙهي رکي ڇڏيو. خط ۾ ماڻس گهر واپس اچڻ جي لاءِ گهڻو ڪجهہ ئي لکيو هو. سڄي گهر ۾ رکو سندس ماءُ ئي هن جي ٻچي وڃڻ جي ڪري پريشان هئي. هن جو شڪ صحيح نڪتو، سندس ماءُ هن جي پيءُ کان لڪائي ڪيس ڪجهہ پيسا موڪليا هئا. ڌرم داس ديوداس کي پيسا ڏيندي چيو.

"ديو بابو! گهر واپس هل."

"مان گهر واپس نہ تو هلي سگهان، تون موٽي وڃ."

انهي رات ٻئي دوست وڏي نٽ ٺانگر سان گهران نڪتا. ديوداس انهي نٽ ٺانگر ڪرڻ جي حق ۾ نہ هو پر چُني لال جي مجبور ڪرڻ تي، هن کي بہ سڀ ڪجهہ ڪرڻو پيو. رات جو نائين بجي کن ٻنهي جڻن بگي ڪرائي تي ڪئي ۽ چيت پور جي بہ ماڙ گهر جي اڳيان اچي لٿا. چُني لال ديوداس کي گهر جي اندر وٺي ويو. انهي گهر جي مالڪياڻي چندرمکي ءَ جي نالي سان مشهور هئي. هن اڳيان وڌي ٻنهي جو استقبال ڪيو. پر ديوداس اهو منظر ڏسي حيران ٿي ويو. هن کي خود بہ خبر نہ هئي تہ هُو ڪجهہ ڏينهن کان عورتن جي پاڇي کان بہ ٻچي رهيو آهي. چندرمکي کي ڏسي سندس سڄو ماضي اکين اڳيان اچي ويو. هن چُني لال ڏي ڏسي ڪاوڙ مان چيو: "تون مون کي هت ڇو وٺي آيو آهين؟"

هن جو ڳورو آواز ٻڌي چُني لال ۽ چندرمکي ٻئي حيران ٿي ويا.

چُني لال پاڻ کي سنڀاليو ۽ ديوداس جو هٿ پڪڙيندي چيس: ”هل، ديوداس! اندر هل.“

ديوداس ڪجهہ بہ نہ ڳالهائي سگهيو. هُو چپ چاپ اندر ويو ۽ ڪنڌ جهڪائي تڏي تي ويهي رهيو. چندرمُکي بہ گم سم تي سندن پرسان ويهي رهي. نوڪرياڻي حقي ۾ تماڪ ڀري کڻي آئي، پر ديوداس هن ڏي اک کڻي بہ ڏسڻ پسند نہ ڪيو. چُني لال بہ بلڪل ائين ئي خاموش ويٺو هو جڻ تہ ڪيس نانگ سنگهي ويو هجي. نوڪرياڻي کي بہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو. هُوءَ اهو بہ نہ سمجهي تہ هاڻي هُوءَ ڇا ڪري. نيٺ نوڪرياڻيءَ حقو چندرمُکي کي هٿ ۾ ڏئي هلي وئي. هوءَ حقي مان ڪش هڻندي رهي، هن کي اهڙي طرح تماڪ پيئندي ڏسي، ديوداس نفرت ڀري لهجي ۾ چيو.

”هن ۾ ذرو بہ تميز ناهي ۽ مغرور وري ڪيڏي آهي.“

ان کان اڳ ڪير بہ ڪڏهن بہ چندرمُکي سان ڳالهائڻ ۾ پڄي نہ سگهيو هو. ڳالهائڻ ۾ هن کان بازي کڻڻ ڪو سولو ڪم نہ هو. ديوداس جي نفرت ڀريل ڳالهين سان هن جي دل کي تڪليف پهتي. ڪجهہ گهڙين جي لاءِ تہ هُوءَ ڄڻ تہ سُن ٿي وئي.

هُنَ ماٺ ڪري حُقو چُني لال جي طرف وڌايو پوءِ گُهوري ديوداس کي ڏٺو. پر واتان هڪ بہ لفظ نہ ڪڍيو. ٽئي ڄڻا بلڪل خاموشي سان ويٺا هئا. ڪمري ۾ مڪمل سانت ڇانيل هئي، رڳو حقي مان دونهون نڪري رهيو هو ۽ گڙگڙ جو آواز ئي انهيءَ سانت کي ٽوڙي رهيو هو.

ٽنهين مان ڪنهن کي بہ سڪون نہ هو. چُني لال حُقو پيئڻ ڪانپوءِ هيٺ لهي ويو. شايد هن جي ڪرڻ لاءِ ڪوبہ ڪم نہ هو. انهيءَ جي ڪري هُو هيٺ لهي ويو. هاڻي ڪمري ۾ رڳو بہ ڄڻا ئي رهجي ويا هئا. ديوداس نظرون مٿي ڪڻندي پڇيو. ”ڇا تون پيسا وٺندي آهين؟“

چندرمُکيءَ کي ڪو بہ مناسب جواب ڏيڻ نہ آيو. هن جي زندگي جا چوويهہ سال گذري چُڪا هئا ۽ گذريل نون ڏهن سالن ۾ هُوءَ سوين قسم جي ماڻهن سان ملي چُڪي هئي، ڪيترن ئي ماڻهن جي عادتن کان واقف هئي. پر اڄ تہ هي ڪو عجيب قسم جو ماڻهو مليو آهي. هن

هيڏي هوڏي ڏسندي چيو. ”اوهان جا قدم جڏهن هن دروازي تي پهتا...“

”هي انهن قدمن جي ڳالهه ناهي. مان پڇان ٿو تہ ڇا تون پيسا وٺندي آهين؟“ ديوداس سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو.

”ضرور وٺندي آهيان، جيڪڏهن نہ وٺان تہ کاوان ڪٿان؟“

”ڇڏ ڪٿي .... ! مان وڌيڪ ڪجهہ بہ ٻڌڻ نہ ٿو چاهيان.“ اهو چئي ديوداس هڪ نوٽ ڪڍي چندرمُکي ڏي وڌايو. هن اهو بہ نہ ڏٺو تہ نوٽ ڪيتري جو آهي ۽ جلدئي وڃڻ جي لاءِ تيار ٿي ويو.

”ڇا ايترو تڪڙا هليا ويندئو؟“ چندرمُکي ڌنل آواز ۾ پڇيو.

هُو جواب ڏيڻ کان سواءِ وڃڻ لڳو ۽ ورانڊي ۾ بيهي رهيو.

هڪ ڀيرو چندرمُکي سوچيو تہ اهو نوٽ ڪيس واپس ڪرڻ گهرجي، پر نہ ڄاڻ ڇو هوءَ ائين ڪري نہ سگهي. دراصل انهن ماڻهن ۾ بين ماڻهن جي طعنن ۽ گارين ٻڌڻ جي عادت ٿي ويندي آهي. تنهن ڪري هُوءَ شرمندي ۽ ڏکويل ٿي، ورانڊي ۾ بيٺي رهي، جيستائين ديوداس ڏاڪڻ نہ لهي ويو.

ڏاڪڻ لهندي ئي ديوداس چُني لال سان مليو: ”ڪاڏي وڃي رهيو آهين؟ ديوداس!“ چُني لال حيران ٿي پڇيو.

”گهر وڃي رهيو آهيان.“

”ڇو؟“ چُني لال چيو.

”بيهہ... مان بہ هلان ٿو.“

ديوداس سندس ويجهو اچي ويو ۽ سندس هٿ پڪڙيندي چيو.

”تہ پوءِ هل.“

”ٿوري دير بيهہ تہ ... مان مٿان ٿي اچان.“

”تہ پوءِ مان هلان ٿو، تون بعد ۾ هليو اچجان.“ اهو چئي ديوداس هليو ويو.

چُني لال مٿي آيو تہ هن ڏٺو تہ چندرمُکي بت بڻي چائنٽ پرسان بيٺي آهي.

چندرمُکي ۽ چُني لال کي ڏسندي ئي چيو: ”ڇا تنهنجو دوست هليو ويو؟“

”ها“

”هي وٺو. جيڪڏهن اوهان مناسب سمجهو تہ هي ڪٽي وچو ۽ پنهنجي دوست کي ڏئي ڇڏجو.“ چندرمُکي نوٽ اڳتي وڌائيندي چيو.

”جڏهن هو توکي پنهنجي رضا خوشي سان ڏئي ويو آهي تہ مون کي واپس ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟“

اهو ٻڌندي ئي چندرمُکي ءَ جي مُنهن تي مسڪراهٽ پکڙجي وئي. هُنَ ڦِڪي کل کلندي چيو: ”هُو پنهنجي رضا خوشي سان ناهي ڏئي ويو، پر هو ان ڪري ڏئي ويو آهي جو اسان پيسا وٺنديون آهيون ... اهو ئي سوچيندي هُو ناراض ٿي هليو ويو آهي. پر چُني بابُو! هڪ ڳالهہ تہ ٻڌاءَ تہ ڇا هو چريو آهي؟“

”نہ تہ ... ڪير ٿو چئي تہ هُو چريو آهي. هُو چڱو ڀلو ماڻهو آهي، پر ايترو ضرور آهي تہ ڪجهہ ڏينهن کان هن جو دماغ ٺيڪ ناهي.“

”ڇو... ائين ڇو آهي؟“

”تفصيل جي تہ مون کي خبر ناهي، شايد گهر ۾ ڪنهن سان وڙهي آيو آهي.“

”پوءِ اوهان ڪيس هتي ڇو وٺي آيا؟“

”منهنجي تہ مرضي نہ هئي. هن پاڻ وٺي اچڻ لاءِ مجبور ڪيو هو.“

اهو ٻڌي چندرمُکي حيران ٿي ۽ پڇيو. ”ڇا هُو پنهنجي مرضي سان آيو هو؟“

”ٻيو نہ تہ؟ ڇا مان ڪيس ورغلائي وٺي آيو هيس، هُو وڏو سمجهدار ماڻهو آهي.“ چُني لال چيو.

ٿوري دير لاءِ چندرمُکي حيران رهجي وئي پر نہ ڄاڻ هن جي دل ۾ ڪهڙو خيال آيو جو جلدي ئي چيائين: ”چُني بابُو! مون تي ڪجهہ مهرباني ڪندئو.“

”ڪهڙي مهرباني؟“

”تنهنجو دوست ڪاٿي رهندو آهي؟“

”مون سان ئي گڏ رهندو آهي.“

”ڇا تون ڪيس وري نہ ٿو آڻي سگهين؟“

”شايد نہ آڻي سگھان. لڳي ٿو تہ هن ڪان ڦيريون هو ڪڏهن بہ اهڙين جڳهن تي ناهي آيو ۽ شايد اڳتي بہ ڪڏهن نہ اچي. پر اهو تہ ٻڌاءِ تون هن کي ڇو ٿي گهرائڻ چاهين؟“

چندرمکي کي ڪجهہ شرم محسوس ٿيو. چوڻ لڳي، ”چُني بابو! جيئن بہ ٿئي هن کي هڪ ڀيرو ضرور وٺي اچ.“

چُني لال کلي پيو ۽ اکيون ڇنڀيندي چوڻ لڳو ”ڇا گاريون ٻڌي پيار ٿي ويو اٿئي؟“

چندرمکي بہ کلي پئي ۽ چيو، ”بغير ڏسڻ جي نوٽ ڏئي ويو آهي، ڇا اُها ڳالهہ بہ ناهين سمجهي سگهيو؟“

چُني لال چندرمکيءَ جي طرف ڏسي سمجهي ويو ۽ ڪنڌ لوڏيندي چيو ”پيسن جي تہ لالچ نہ اٿئي، توهان اهڙن ماڻهن جي پرواهہ ڪرڻ واريون تہ ناهيو. پر اهو ٻڌاءَ تہ اصل ڳالهہ ڪهڙي آهي؟“

”سچ... ڪجهہ شڪ ٿيو اٿم؟“ چندرمکيءَ نرم لهجي ۾ چيو.

چُني لال انهي ڳالهہ تي يقين نہ ڪري سگهيو. کلندي چيائين، ”پنجن منٽن ۾ ئي اها ڳالهہ؟“

چندرمکي کلي پئي ۽ چيو. ”رهڻ ڏي انهيءَ کي... جڏهن هُنَ جي طبيعت صحيح ٿي وڃي تہ هڪ ڀيرو هن کي ضرور وٺي اچجانءِ. ٻڌاءِ ڪيس وٺي اچي سگهندين؟“ ”ڇا ٻڌايانءِ؟“

”نہ، توکي منهنجو قسم.“

”ٺيڪ آهي، مان ڪوشش ڪندس.“

♦

پارَوتي ڏنو تہ سندس مڙس جو گهر تمام وسيع ۽ عاليشان ٺهيل آهي. نئين نموني جو نہ پر پراڻي قسم جو ٺهيل آهي. جنهن ۾ عورتن جو محل، مردن جو محل، تمام وڏو ڪشادو ورانڊو، نانڪ گهر، عدالت ۽ ڪيترائي ئي نوڪر ۽ نوڪرياڻيون. اهو سڀ ڪجهہ ڏسي پارَوتي دنگ رهجي وئي. ايترو تہ هن ضرور ٻڌو هو تہ سندس مڙس تمام وڏو ماڻهو آهي، پر هن ڪيس ايترو وڏو نہ سمجهيو هو. گهر پريل هو، پر هتي هڪڙي ڳالهہ هئي تہ گهراڻي ۾ ٻيو ڪير بہ نہ هو. سڄو گهر ماڻهن کانسواءِ ويران نظر اچي رهيو هو. پارَوتي اجا نئين نئين ڪنوار هئي، پر جلدئي سُگهڙ زال بڻجي وئي. ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لاءِ گهر ۾ هڪ پوڙهي پُڦي هئي. باقي سڀ نوڪر ۽ نوڪرياڻيون ئي هيون.

شام ٽيڻ کان اڳ ئي ويهن سالن جو هڪ خوبصورت نوجوانَ سلام ڪندي چيو، "امان! مان اوهان جو وڏو ڇوڪرو آهيان."

گهونگهٽ کي ٿورو پاسيرو ڪري پارَوتي هن کي ڏٺو پر چيو ڪجهہ بہ نہ. نوجوان وري چيس: "امان! مان اوهان کي سلام ڪري رهيو آهيان... مان اوهان جو وڏو ڇوڪرو آهيان."

هن ڀيري پارَوتي گهونگهٽ ٿورو وڌيڪ پري ڪيو ۽ مٺي آواز ۾ چيو. "اچو پٽ! ويهو."

نوجوان جو نالو مهندر هئو. ڪجهہ گهڙين جي لاءِ هُو پارَوتي جو مُنهن ڏسندو رهيو. تنهن کانپوءِ سندس وڌيڪ ويجهو ٿي ويهي رهيو ۽ ڏک ڀريل لفظن ۾ چيو. "امان کي گذاري وئي اڄ پورا بہ سال ٿي ويا آهن. هن کانسواءِ اسان ڪهڙا ڏک ناهن ڏٺا، پر امان! اڄ توهان وري آئي آهيو. اسان کي دعا ڪر تہ هِيءُ ويران گهر وري آباد ٿئي ۽ ٻهڪي اُٿي."

پارَوتي هوري هوريان سڀ ڳالهيون ڪيون، سڀ کان وڏي ڳالهہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها هئي تہ هُوءَ هاڻي سُگهڙ زال ٿي وئي هئي. تنهنڪري ڪيس ڪوڙ ساريون ڳالهيون ٻُڌائڻ ۽ ڄاڻڻ جي ضرورت هئي. هيءَ ڳالهہ شايد ڪنهن کي سچي نہ لڳي پر اهو سيني کي مِٺو پوندو تہ صحيح معنيٰ ۾ عورت واري طاقت پارَوتي ۾ اڳي ئي چُڪي هئي. عمر گهٽ هجڻ باوجود بہ وَٽس عقل جي گهٽتائي نہ هئي. هُوءَ ڪنهن بہ قسم جو شرم نہ ڪندي هئي ۽ اها عادت منجهس ننڍپڻ کان وٺي هئي. هن تڪڙوئي پڇيو.

”پٽ! ... ٻيا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪاٿي آهن؟“

مهندر ڪلي پيو ۽ چيو: ”منهنجي ننڍي ڀيڻ يعني تنهنجي ڇوڪري پنهنجي ساهرن جي گهر آهي. يشوڌا کي ڪيترا ئي ڀيرا اچڻ لاءِ لکيو پر هوءَ نہ اچي سگهي.“

”اچي نہ سگهي يا اچڻ ئي نہ پئي چاهي؟“ پارَوتيءَ اداس ٿيندي سوال ڪيو.

”اها تہ خبر ناهي، نہ ڄاڻ ڇا سوچي نہ آئي.“ مهندر شرمائيندي جواب ڏنو.

هن جي زبان مان نڪتل لفظن کي پارَوتي سمجهي وئي تہ شايد هوءَ ڪجهہ ناراض آهي، جنهن ڪري نہ آئي هوندي. هن وري سوال ڪيو. ”ننڍو پٽ ڪاٿي آهي؟“

”اهو ڪلڪتي آهي. امتحان ڏيڻ کان پوءِ جلد ئي اچي ويندو.“

يَون ڇوڌري جو تمام گهڻو وقت زمين جي سارَ سنڀال ۾ ئي گذري ويندو هو. تنهن کانپوءِ جيڪڏهن ڪو وقت بچندو هئس تہ هُو اهو وقت پوڄا ڪرڻ، سنان ڪرڻ، غور ۽ ويچار ڪرڻ، ساڌن سنياسين ۽ ٻين ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۾ گذاريندو هو. انهن ئي ڪمن ۾ صبح کان وٺي شام تائين، سڄو وقت گذري ويندو هئس. نئين شادي ڪرڻ جي باوجود بہ سندس دل ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو چاهہ نہ هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ هُو رات جو گهر واپس ايندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري رات جو بہ گهر نہ ايندو هو. واپس اچڻ تي رڳو بہ چار ڳالهيون ئي ٿينديون هُيَن، پوءِ هُو گهڻو ڪري کٽ تي سمهي پوندو هو يا ويهاڻي کي ٽيڪ ڏئي ڇوندو هو. ”هن گهر کي جيئن بہ هلئي، تيئن هلاءِ، هاڻي هن گهر

جي تون ئي مالڪياڻي آهين.“

پارَوتي خاموش رهندي هئي. رگهو ڪنڌ ڌوڻي چوندي هئي، ”ها.“

”ڏس! هي سڀ ٻار تنهنجا آهن.“ ڀُون چوڌري چوندو هو.

پنهنجي مڙس جون ڳالهيون ٻڌي پارَوتي شرم کان مشڪڻ لڳندي هئي. هُو وري چوندو هوس. ”مهندر تنهنجو ٻچو آهي. ڪجهه ئي ڏينهن ٿيا آهن جو هن بي. اي پاس ڪيو آهي. ڪيتري نه سادي طبيعت وارو آهي، ڪيترو نه رحم دل ۽ پنهنجي ڪم سان نيائڻ وارو آهي.“

پارَوتي کلندي چوندي هئي: ”ها، ها... مان سڀ ڄاڻان ٿي... هُو منهنجو وڏو پُٽ آهي.“

”چو نه ڄاڻندين ... اهڙو سادي طبيعت وارو ڪنهن نه ڏٺو هوندو. انهي کان سواءِ منهنجي يشوڌا ڌيءُ اهڙي آهي جڻ ڀڳوان مورتي ناهي هجي. جڏهن پنهنجي پوڙهي پيءُ کي ڏسڻ ايندي ته هن کي ڏسجانءِ.“

پاروتي هن جي ويجهو اچي ڪنول جي گلن جهڙن پنهنجن نرم هٿن سان هن جي نرڙ کي زور ڏيندي چوندي هئي. ”اوهان فڪر چو ٿا ڪيو. مان ماڻهو موڪلي يشوڌا کي گهرائي وٺنديس، جيڪڏهن مهندر ئي کيس وٺڻ وڃي ته ڪهڙو حرج آهي؟“

”هُو ويندو، ضرور ويندو. گهرائي وٺ يشوڌا کي، گهڻا ڏينهن ٿيا آهن کيس ناهي ڏٺو.“

”ها، ها... کيس گهرائينديس چو نه. منهنجي لاڏلي آهي. ڀلا هن کي نه گهرائينديس ته ٻيو ڪنهن کي گهرائينديس.“

پوڙهو زميندار خوشيءَ ۾ اٿي ويٺو. هُو اهو به وساري ويٺو هو ته هن جو پارَوتيءَ سان ڪهڙو رشتو آهي؟ هُنَ کي دعا ڏيندي چيائين، ”تنهنجو ڀلو ٿئي، راڻي! ڀڳوان توکي سدائين سُکيو رکي.“

پوءِ خبر ناهي ته پوڙهي کي اوچتو ڪهڙو خيال اچي ويندو هو. هو پلنگ تي ليٽندي. اکيون بند ڪري دل ئي دل ۾ چوندو هو.

”اها وڏي ڌيءَ... هڪ ئي ته اٿم... هُوءَ مون کي تمام گهڻو چاهيندي هئي... ڏاڍو گهڻو...“

انهي وقت سندس اکين مان نڪتل ڳوڙها هن جي مُنهن تان وهي

نيڪ اهڙا ئي حالت يَون چوڏري جي بہ هئي. ڪنهن ڪنهن ڏينهن تہ سندس زبان مان نڪري ويندو هو. ”هَئي رام... مون هِي سٺو نہ ڪيو.“

”چو منهجا سائين! توهان اهو چا پيا چئو... چو سٺو ناهي ڪيو؟“ پارَوَتي سوال ڪندي هئي.

”تمام سٺا ٿا لڳو... پلا منهنجو سٺو لڳڻ يا نہ لڳڻ بہ ڇا آهي؟“ پارَوَتي ڪلندي چوندي هئي.

اهڙيءَ طرح هڪ مهينو گذري ويو. انهي وچ ۾ هڪ پيرو چڪرورتي آيو. هُو پارَوَتي کي پنهنجي گهر وٺي وڃڻ پيو چاهي، پر پارَوَتي کيس اهو چئي موٽائي ڇڏيو تہ، ”بابا سائين! في الحال هي گهر ڪجهہ ائين آهي جو هت ڪنهن بہ قسم جو ڪو انتظام صحيح ناهي، تنهن ڪري سوچيان پئي تہ گهر جو ٿورو انتظام نيڪ ڪيان تہ پوءِ ئي گهر چڪر هڻڻ اچان.“ هُو دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو تہ عورتن جي ذات ئي اهڙي هوندي آهي.

پنهنجي والد کي واپس موڪلي ڇڏڻ کانپوءِ پارَوَتي مهندر کي چيو ”پٽ! هڪ پيرو يشوڏا کي تہ وٺي اچ.“

مهندر نٺائڻ لڳو. هو ڄاڻي پيو تہ يشوڏا هاڻي هتي نہ ايندي، هن پنهنجي پاڻ کي بچائيندي چيو: ”جيڪڏهن بابا پاڻ ئي هن کي وٺڻ وڃي تہ سٺو ٿيندو.“

”ڇي... ڇي! مهيندر اهو ڇا چئي رهيو آهين. هُن جو کيس وٺي اچڻ لاءِ وڃڻ، ڇا سٺو لڳندو؟ انهي کان بهتر آهي تہ اسان ٻئي ماءُ ۽ پٽ وڃي کيس وٺي اچون.“

”ڇا تون بہ هلندينءَ، امان!؟“ مهيندر حيرت مان پڇيو.

”انهي ۾ ڪهڙي خراب ڳالهہ آهي، پٽ!؟ جيڪڏهن منهنجي هلڻ جي ڪري يشوڏا راضي ٿي وڃي تہ منهنجي هلڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي.“

ٻئي ڏينهن مهيندر اڪيلو ئي يشوڏا کي وٺي اچڻ لاءِ هليو ويو. نہ ڄاڻ هُو ڪهڙي ريت هن کي وٺي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيو. اها تہ ڪنهن کي خبر ناهي پر ايترو ضرور ٿيو تہ هُو چوٿين ڏينهن تي يشوڏا کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو.

انهي ڏينهن پاروتيءَ جي مُنهَن تي عجيب قسم جو نور هو. هُوءَ سهڻن زيورن سان سينگاريل هئي. اهي زيور ڪجهه ڏينهن اڳ ئي پَون بابُوءَ ڪلڪتي مان گهرايا هئا. انهن زيورن کي پائي پاروتي نکري پئي هئي. رستي ۾ يشوڏا جي دل ۾ مختلف خيال پيدا ٿيندا رهيا. هن کي ڪاوڙ اچي رهي هئي، پر جڏهن هُوءَ گهر پهتي تہ پنهنجي نئين ماءُ کي ڏسي حيران ٿي وئي. جهيڙي ڪرڻ واريون سڀ ڳالهيون ڪاٿئس وسري ويون، هن رڳو ٻڳل ٽٽل لفظن ۾ چيو "هي آهي اُها؟"

پاروتي، يشوڏا جو هٿ پڪڙي کيس اندر وٺي وئي ۽ آرام سان کٽ تي ويهاري چڏيائين. سندس هٿ مان وٺو پنهنجي هٿ ۾ وٺندي چيو "ڏيءُ! پنهنجي ماءُ کان ناراض آهين؟"

شرم جي ماريل يشوڏا جو مُنهُن ڳاڙهو ٿي ويو. تنهن کان پوءِ پاروتيءَ پنهنجا سڀ زيور لاهي هڪ هڪ ڪري، هن کي پارائڻ شروع ڪيا. اهو ڏسي يشوڏا حيراني مان چيو.

"هي ڇا ڪري رهي آهين؟ امان!"

"ڪجهه بہ نہ يشوڏا! اها تہ هڪ ماءُ جي خواهش آهي."

يشوڏا زيور پارائڻ ۾ ڪا بہ ڪاوڙ نہ ڪئي. جڏهن هُوءَ سڀ زيور پائي چڪي تڏهن بہ سندس چهري تي خوشي جو ڪو بہ تاثر نظر نہ آيو. تنهن تي پاروتي چيو.

"يشوڏا ڏيءُ! ڇا اڃا بہ پنهنجي ماءُ کان ناراض آهين؟"

"نہ... نہ، مان ناراض ڇو ٿيندیس امان! ۽ انهيءَ ۾ ناراضگي جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

"تہ پوءِ ڪهڙو سبب آهي؟ تنهنجي پيءُ جو هيڏو وڏو گهر آهي. نوڪر، نوڪرياڻيون تنهنجي اڳيان پويان آهن ۽ وري مان بہ تنهنجي خادمِ آهيان، تنهنجو ائين مون کان ڪاوڙجڻ سٺو نہ ٿو لڳي."

عمر وڏڻ جي باوجود بہ يشوڏا ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۾ اڃا ٻار هئي. اهو ٻڌي هوءَ بيچين ٿي وئي. پاروتيءَ وٽڻو هٽندي وري چيس.

"مان غريب ماءُ پيءُ جي ڏيءُ آهيان. توهان ماڻهن جي مهرباني سان مون کي ٿوري جڳهہ ملي وئي آهي. نہ ڄاڻ ڪيترا يتيم ۽ ڏکايل

◆

ديوداس چرين وانگر تي ڏينهن رستن تي ڀٽڪندو رهيو. هڪ ڏينهن ڌرم داس سوچيو تہ هُو ديوداس کي ڪجھ سمجهائي، پر ديوداس دوڏا ڦوٽاري، ڪيس چپ ڪرائي ڇڏيو. اهو ورتاءُ ڏسي چُني لال ڪجھ بہ چوڻ جي همت نہ ڪري سگهيو. ڌرم داس پنهنجا ڳوڙها نہ روڪي سگهيو. موقعو ملڻ تي هن چُني لال کي چيو.

”چُني بابُو! هُنَ جي اهڙي حالت ڇو ٿي وئي آهي؟“

”ڪهڙي حالت، ڌرم داس!؟“ چُني لال پڇيو.

جڻ تہ هڪ انڌي ڪنهن ٻئي انڌي کان رستو پڇيو هجي. اهو نئون روڳ هو، جنهن کي ڪير بہ نہ پيو ڄاڻي. ”چُني بابُو! جيئن بہ ٿئي، ڪنهن نہ ڪنهن طرح ديوداس کي گهر موڪلي ڇڏ.“ ڌرم داس روئندي روئندي چيو. ’هاڻي هن کي پڙهڻو لکڻو تہ ناهي، پوءِ هتي رهي... ڪيس ڇا ڪرڻو آهي؟“

چُني لال انهي مامري تي غور ڪرڻ لڳو.

اٽڪل ڇھ ست ڏينهن گذري ويا هئا جو هڪ ڏينهن شام جو چُني لال معمول مطابق ٻاهر وڃڻ جي لاءِ تيار ٿي رهيو هو تہ ديوداس اچي ويو. هن چُني لال جو هٿ پڪڙي پڇيو. ”ڪاڏي وڃي رهيو آهين؟ چُني! ڇا ساڳي جڳھ تي؟“

”ها... تون ڇوين تہ نہ وڃان؟“ چُني لال رُڪجندي سان چيو.

”نہ، مان تو کي وڃڻ کان نہ ٿو روڪيان، پر اهو ٻڌاءِ تہ تون هُت ڪهڙيون اميدون کڻي ويندو آهين؟“

”ڪهڙيون اميدون هونديون؟ بس ائين ئي وقت گذارڻ ويندو آهيان.“ چُني لال جواب ڏنو.

”اتي وقت سٺو گذرندو آهي؟ پر مون کان تہ وقت گذري ئي نہ ٿو.

مون کي بہ ڪجھ ٻڌاءِ، چُني! ڪو اهڙو سٺو طريقو ٻڌاءِ جنهن سان منهنجو بہ وقت سٺو گذري وڃي.“

چُني لال ديوداس جي مُنهن ڏانهن ڏسندو رهيو. ڄڻ هُو ديوداس جي مُنهن تي لکيل لفظ پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي. پوءِ چوڻ لڳو. ”توکي ڇا ٿي ويو آهي، ديوداس! توکي جيڪو ڪجھ ٿيو آهي، صاف صاف ڇو نہ ٿو ٻڌائين؟“

”مون کي ڇا ٿيو آهي... ڪجھ بہ تہ ناهي ٿيو.“

”ٻڌائيندين نہ؟“

”چُني! ڇا ٻڌايانءِ.“ ديوداس جواب ڏنو. ”ٻڌاءِ تہ هاڻي مون وٽ باقي رهيو ئي ڇا هي؟“

چُني لال نظرون جهڪائي چيس: ”ديوداس! منهنجي هڪ ڳالھ مڃيندين؟“

”ڪهڙي ڳالھ؟“

”توکي هڪ پيرو اُتي ضرور هلڻو پوندو، مان واعدو ڪري آيو آهيان.“

”جتي انهيءَ ڏينهن هليا هئاسين؟“ ديوداس پڇيو.

”ها“

”مان اُتي نہ هلندس.“

”پر مان ائين بہ ڪري سگهان ٿو جو توکي انهي جڳھ سان پيار ٿي وڃي.“

ٿوري دير جي لاءِ ديوداس گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو. پوءِ هلڪي آواز ۾ چوڻ لڳو. ”نيڪ آهي، پوءِ هل پيلا.“

ديوداس کي ڪڏي ۾ هڪ ڏاڪو اچا هيٺ لاهي، چُني لال نہ ڄاڻ ڪاڏي هليو ويو.

ديوداس اڪيلو ئي چندرمُکي ءَ جي ڪمري ۾ شراب پي رهيو هو. چندرمُکي اها حالت ڏسي گهبرائجي وئي ۽ ڏکندڙ آواز ۾ چيو.

”ديوداس! بس هاڻي وڌيڪ نہ پيءُ.“

ديوداس شراب جو گلاس هيٺ رکي سوال ڪيو. ”ڇو؟“

”تواچ ڪلهہ تمام گهڻو شراب پيئڻ شروع ڪيو آهي. اهو زندگيءَ جي لاءِ نقصان ڪار آهي، ديوداس!“

”ڪهڙو بدبخت ٿو چئي تہ مان زنده رهڻ جي لاءِ ٿو پيئان . مان تہ رڳو انهي جي ڪري ٿو پيئان تہ جيئن مان ساهہ کڻي سگهان.“

چندرمُکي اها ڳالهہ اڳ بہ ڪيترائي ڀيرا ٻڌي چُڪي هئي. هُوءَ اڪثر سوچيندي هئي تہ جيڪڏهن هي پٽ سان مٿو ٺاڙي مري وڃي تہ بهتر آهي. ديوداس جي لاءِ سندس دل ۾ تمام گهڻي محبت هئي.

ديوداس شراب جي بوتل پلنگ جي پائي سان هڻي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي ۽ ليٽنندي، وهاڻي کي ٽيڪ ڏيندي چيو.

”مان هتي انهي جي ڪري ويٺو آهيان تہ مون ۾ اٿڻ جي طاقت ناهي.“ هن ٻُڙ ٻُڙ ڪئي ۽ وري چيو. ”جيڪڏهن مون کي هوش ناهي هوندو تہ تنهنجي مُنهن ڏي ڏسندو آهيان، پر چندرمُکي! مان بلڪل بہ بيهوش ناهيان ٿيندو. ٿورو ٿورو تہ هوش رهندو ئي اٿم، چندرمُکي! پر توکي هٿ لائڻ ناهيان چاهيندو... نفرت جو ڪندو آهيان توسان- صحيح آهي نہ؟“

چندرمُکي پنهنجي اکين مان ايندڙ ڳوڙها اگهندي چوڻ لڳي ”ديوداس! هتي گهڻا ماڻهو اهڙا ايندا آهن، جيڪي شراب ڏي اک کڻي بہ ناهن ڏسندا.“

ديوداس ڪاوڙ مان اکيون ڦاڙي اٿي ويٺو ۽ بيهوشي ۾ پنهنجا هٿ هلائيندي چيو. ”ڇا چيو تو تہ اهي شراب ڏي اک کڻي بہ ناهن ڏسندا؟ بندوق هجي تہ انهن کي گولي هڻي ڇڏيان، جيڪي ايتري سٺي شيءِ کي ناهن پيئندا. چندرمُکي! اهي سڀ ڪان وڏيڪ پاپي آهن. انهن کي خدا بہ معاف نہ ڪندو ۽ ڀڳوان تہ منهنجو دوست آهي.“

هُو ڪجهہ گهڙيون خاموش رهيو. نہ ڄاڻ هُو ڪهڙين لهرن ۾ ٻڏندو ٿي ويو پر هُو گهڻي دير تائين خاموش رهي نہ سگهيو ۽ چيو. ”جيڪڏهن مان شراب پيئڻ ڇڏي ڏيان، پر مان ڇڏيندس نہ. فرض ڪر جيڪڏهن مان شراب پيئڻ ڇڏي ڏنو تہ پوءِ هتي نہ ايندس. منهنجي لاءِ اهو ئي هڪڙو رستو آهي، پر ٻين جي ڪهڙي حالت

هوندي؟ مون کي اها خبر ناهي، چندرمُکي ! مون کي اها خبر ناهي.“

وري ڪجهه دير چپ رهي چوڻ لڳو. ”نه ڄاڻ مان ڪنهن جي ڏک ۾ ڏکوئجي شراب پيئڻ سکيو آهيان. انهي ڪري شراب منهنجي ڏک جو ساٿي آهي. مان شراب کي ڪڏهن به ڇڏي نه ٿو سگهان... ڪڏهن به نه.“

ديوداس وهاڻي ۾ پنهنجو مُنهن لڪائي ڇڏيو. چندرمُکي تڪڙ ۾ اٿي هن جو مُنهن مٿي ڪيو. ديوداس ڪاوڙ ڪندي چيو. ”هٽ پري، مون کي هٿ به نه لاءِ. مان اڃا به هوش ۾ آهيان. تون نه ٿي ڄاڻين، چندرمُکي ! مان توهان جهڙن ماڻهن کان ڪيتري نه نفرت ڪندو آهيان... مان تو کان هميشه نفرت ڪندو رهندس... ڪندو رهندس.“

”پر انهيءَ جي باوجود مان هتي ايندو رهندس-تو وٽ ويهي تو سان ڳالهيون ڪندس. انهي کان سواءِ ٻي ڪا به راهه ناهي. ڇا تون سمجهي سگهين ٿي، چندرمُکي ! ڇي، ڇي! رهڻ ڏي ... ها، ها، ها!!!! دنيا ۾ هن کان وڌيڪ ٻي ڪا به سٺي جڳهه ناهي؟“

خاموشي سان ديوداس هن جي مُنهَن ڏي ڏسندو رهيو. هُنَ جي مُنهَن تي ڏک جا آثار اپريل ڏسي چيو ”۽ تون ڪيتري نه صبر واري آهين: عورت تي ڪيترو به ظلم ڇو نه ٿئي. هُنَ سان ڪيتري به جُٽ ۽ تعدي ڪئي وڃي، پر هن کي سڀ ڪجهه برداشت ڪرڻو پوندو آهي. تون به انهن مان هڪ آهين.“

تنهن کان پوءِ هُو ٻانهون ڏگهيري سمهي پيو ۽ چوڻ لڳو. ”چندرمُکي چوي ٿي ته هُوءَ مون سان محبت ٿي ڪري، پر مان هن کي ناهيان چاهيندو. ناهيان چاهيندو. هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ رڳو ڍونگ آهي. هتراڏو ناٽڪ آهي... ناٽڪ ۾ سڀ ٻهروپ هوندا آهن. مُنهَن تي سفيدي ۽ ڪارنهن مَلي ڪو چور ٿيندو آهي ته ڪو ڦورُو، ڪوئي فقير، ڪوئي راجا ته ڪائي راڻي ٿيندي آهي. پوءِ محبت جو ڍونگ رچائيندا آهن ۽ نه ڄاڻ محبت جون ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن. ڏسڻ ۾ ته ائين ايندو آهي ته ڄڻ سڀ ڪجهه سچ ۾ ٿي رهيو آهي. چندرمُکي به مون سان اهوئي ساڳيو ناٽڪ ڪري

رهي آهي. مان ڏسان ٿو پيءُ ڏسندو ئي پيو رهان ته هن جي ياد مون کي ڪيترو ستائي ٿي. اڙي! هُوءَ ڪاڏي وئي ۽ مان ڪاٿي آهيان. هاڻي هڪ وڏو ناٽڪ ڪرڻو آهي. هڪ شرابي-خير اِهو به رهڻ ڏي- جيڪو ٿئي ٿو سو ٿيڻ ڏي. هن ويچاريءَ ۾ ڪهڙي ڪمي آهي. ڪا خواهش ناهي، ڪا اميد ناهي، ڪنهن جو ڪوئي پروسو ناهي، ڪنهن جو به ڪو سهارو ناهي. هاءِ! اها به ڪهڙي نه سٺي ڳالهه آهي."

ديوداس پاسو بدلايو... پوءِ نه ڄاڻ ته ڇا ڇا ڳالهائيندو رهيو. چندرمُکي ڪجهه به سمجهي نه سگهي هئي ته هُو ڇا چئي رهيو آهي. ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ ڪيس ننڊ پنهنجي هنج ۾ ورتو ۽ چندرمُکي سندس پرسان ويهي رهي. هن پنهنجي رئي جو پلاند آلو ڪري سندس مُنهن صاف ڪيو. آلو وهاڻو تبديل ڪيو ۽ ڪافي دير تائين ويٺي رهي. رات جو هڪ ٿي چڪو هو، هُنَ ڏيئو وسائي ڇڏيو ۽ ڪمري جو در ورائي پاڻ ٻئي ڪمري ۾ هلي وئي.

♦

زميندار نارائڻ مکرجي کي اگنيءَ حوالي ڪري، ديوداس ۽ دوج داس ، ٻئي ياڻر ڳوٺ جي ٻين ماڻهن سان گڏ گهر موٽيا. دوج داس جي حالت صفا چرين جهڙي ٿي وئي هئي. هُو زار زار روئي رهيو هو. پنج ڏهه ماڻهو هن کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ديوداس بلڪل خاموش ٿي هڪ ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. هن جي اک ۾ نه ڪو ڳوڙهو هو ۽ نه وري سندس زبان مان ڪو لفظ ئي ٿي نڪتو. نه هن کي ڪنهن سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ نه ئي ڪنهن هن کي ڪو سهارو ڏنو هو. مڏوسُوڏن گهوش هڪ پيرو هن جي ويجهو اچي چيو.

”ياءُ! جيڪا قسمت. . .“

”او هُت.“ ديوداس، دوج داس ڏي آڱر جو اشارو ڪندي چيو. انهيءَ کان پوءِ ڪو به ديوداس جي ويجهو نه آيو.

منجهند جي وقت جڏهن ديوداس جي ماءُ وٽ ڪيتريون ئي عورتون ويٺيون هيون، ته هُو به پنهنجي ماءُ جي قدمن ۾ ويهي رهيو. پارَوتيءَ جي ڏاڏي به اتي ويٺي هئي. تنهن روئڻهارڪي آواز ۾ هُنَ ڏکايل رَنَ زالَ کي ڏيان ڏياريندي چيو.

”ڏس ته، نُنهن! ديوداس آيو آهي.“

”اما!“ ديوداس سڏيو.

”ها... پٽ!“ سندس ماءُ هن ڏي ڏسندي چيو.

تنهن کان پوءِ ڳوڙهن جو اڻ ڳڻيون نديون هن جي اکين مان وهي پيون. سڀ مايون به ڏکايل جي ڏک ۾ روئڻ لڳيون. ديوداس پنهنجي ماءُ جي قدمن ۾ ڪجهه دير تائين مُنهن لڪائي ويٺو رهيو. انهيءَ کانپوءِ هورڙيان اٿي، پنهنجي پيءُ جي سمهڻ واري ڪمري ۾ هليو ويو. هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا . هن جون ڳاڙهيون اکيون مٿي کڄيون، پر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلد ئي هيٺ جهڪي ويون. هن جي شڪل ايتري تہ خوفناڪ ٿي وئي هئي، جو جيڪڏهن ڪو ڪيس ڏسي ها تہ ڊڄي وڃي ها. پيشانيءَ تي ڳهنج پئجي ويا هئس. مٿي جا وار وڪريل هئس. هن جو جَرڪندڙ اَڇو مُنهُن مرجهائجي ويو هو. ڪلڪتي جي هن رئيس تي ڏک جي وڏي داستانَ جو ۽ هاڻي وري سندس پيءُ جي فوت ٿيڻ جو ايترو اثر ٿيو جو سندس جسم بلڪل سُڪي ويو. ايستائين جو جيڪڏهن ڪو ڪيس ڏسي ها تہ سڃاڻي نہ سگهي ها.

ٿوري دير ڪانپوءِ پاروَتي جي ماءُ ڪيس ڳوليندي ڳوليندي پهچي وئي ۽ چيو، "ديوداس!"

"جِيءُ... چاچِي!"

"پٽ! ... ائين ڪم ڪيئن هلندو؟"

"چاچِي! مون چا ڪيو آهي؟" ديوداس سندس طرف ڏسندي چيو.

چاچِي خاموش ٿي وئي. جيتوڻيڪ هوءَ چڱي پَرِ ڄاڻي پئي تہ هن چا ڪيو آهي؟" هن ديوداس کي پنهنجي طرف ڇڪيندي پاڪر پاتو ۽ چيو.

"ديو!"

"چا؟ چاچِي!"

"ديوَ پُٽَ!"

هُنَ جي ڇاتيءَ تي پنهنجو مُنهن رکندي ديوداس جي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا.

ڏکويلن جا ڏينهن بہ گذري ويندا آهن. هاڻ ٻئي ڏينهن جو سڄ ايريو هو.

روئڻ، دانهن ڪرڻ ۽ رڙين ۾ ڪجهہ گهٽتائي ٿي هئي. دوج داس بہ هاڻي هوش ۾ اچي ويو هو. سندس ماءُ بہ اُٿي ڪم ڪرڻ لڳي. هُوءَ اکيون اگهندي سڄو ڏينهن ڪم ۾ لڳي پئي هئي. ٻن ڏينهن کان پوءِ دوج داس، ديوداس کي گهرائي چيو: "ديوَ! بابا جي ڪريا ڪرم تي ڪيترو خرچ ڪرڻ گهرجي؟"

"جيڪو اوهان مناسب سمجهو." ديوداس پنهنجي وڏي ڀاءُ طرف

ڏسندي چيو.

”رڳو منهنجي مناسب سمجهڻ سان ڪم نہ هلندو. منهنجا ڀاءُ! تون هاڻي سياڻو ۽ وڏو ٿي ويو آهين، تنهنجي راءِ وٺڻ بہ ضروري آهي.“

”روڪ پيسا ڪيترا آهن؟“ ديوداس پڇيو.

”ڪل ڏيڍ لک روپيا بابا جي حساب ۾ آهن. منهنجو خيال آهي تہ اٽڪل ڏهہ هزار رُپيا خرچ ڪرڻ گهرجن.“

”منهنجوان ۾ ڪيترو حصو ٿيندو؟“

دوج داس ڪجهہ حساب ڪري چيو، ”توکي اڌ پيسا ملندا. تنهنجي حصي جا ستر هزار ۽ منهنجي حصي جا بہ ستر هزار بچندا.“

”امان کي ڇا ملندو؟“

”امان تہ گهر جي مالڪياڻي آهي، اسان سيئي هن جو خرچ ڪٽنداسين، پوءِ هُوءَ روڪ پيسا وٺي ڇا ڪندي؟“

ديوداس ڪجهہ سوچڻ کانپوءِ چيو: ”منهنجي سمجهہ ۾ تہ ائين ٺو اچي تہ تون پنهنجي حصي مان پنج هزار رپيا خرچ ڪر ۽ مان پنجويهہ هزار رپيا. باقي مون وٽ بچيا پنجاهہ هزار، مان انهن مان پنجويهہ هزار ڪٽان ٿو ۽ باقي پنجويهہ هزار امان جي نالي تي جمع ڪري ٿو ڇڏيان. ان سلسي ۾ اوهان جي راءِ ڇا آهي؟“

پهريون تہ دوج داس کي ڪجهہ شڪ ٿيو پر پوءِ سوچيندي چيائين: ”ائين نيڪ آهي. تون ڄاڻين ٿو تہ منهنجا ٻار ٻچا آهن، ايڏو وڏو ڪٽنب آهي، ٻارن جي وهانءَ شادي سميت سڀ بارَ مون تي آهن. ڪيترائي خرچ ڪرڻا آهن، تنهن ڪري تنهنجي ڳالهہ مڃڻي پوندي.“

ڪجهہ دير کان پوءِ وري چيو: ”پوءِ ڇو نہ لکت ڪئي وڃي؟“

”نيڪ آهي، پر جيڪڏهن... وري...“

”نيڪ آهي. مان ٿي ڇو نہ لکي وٺان!“

ديوداس انهي ڏينهن ئي تحريري ڪم ڪري ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن جنهن وقت ديوداس ڏاڪڻ تان لهي رهيو هو تہ پاروَتي کي سامهون کان ايندي ڏٺائين، هُو رڪجي ويو. پاروَتي هن ڏي ڏٺو. هُوءَ هن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ديوداس سندس

ويجهو ايندي پيار ڀريي لهجي ۾ پڇيس.

”پارَوتي! ڪڏهن مهل آئي آهين؟“

ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو اهو ئي پراڻو انداز. پارَوتي ڪنڌ جهڪائيندي جواب ڏنو.

”اڄ صبح جو.“

”ڪيترن ئي ڏينهن کان پوءِ ملي رهي آهين... ٺيڪ ته آهين نه؟“

پارَوتيءَ رڳو ڪنڌ ڌوڻيو.

”چوڌري به ٺيڪ آهي... ٻار ٻچا سڀ ٺيڪ آهن؟“

”ها، سڀئي ٺيڪ آهن.“

پارَوتيءَ هڪ ڀيرو هن طرف ڏٺو. هُوءَ پڇڻ چاهي پئي ته تون ڪيئن آهين؟ ڇا ڪندو آهين؟ پر هُوءَ پڇي نه سگهي. انهيءَ قسم جا سوال پڇڻ هاڻي ڪيس ڪجهه عجيب لڳي رهيا هئا.

”ڪجهه ڏينهن ته رهندينءَ نه؟“

”ها.“

”ته پو ٺيڪ آهي.“ اهو چوندي ديوداس هليو ويو.

شراڌ -ڪريا (هندن جي هڪ رسم جنهن ۾ بدي جي مهيني ۾ مُئل عزيزن جي نالي تي برهمڻن کي کاڌو کارائبو آهي) جي رسم پوري ٿي وئي. شراڌ واري رسم جو ٻيو ڏينهن. پارَوتيءَ ڌرم داس کي اڪيلائي ۾ گهرايو ۽ سندس هٿن ۾ هڪ سونو هار ڏيندي چيو.

”ڌرم داس! هي هار تنهنجي ڇوڪريءَ جي لاءِ آهي.“

ڌرم داس پنهنجي ڀنَل اکين کي اجا به وڌيڪ ڀڃائيندي هن ڏي ڏٺو ۽ چيو: ”ڪيترن ئي ڏينهن کان تو کي ناهي ڏٺو، پيڻ! توهان جي طبيعت ته ٺيڪ آهي نه؟“

”ها، منهنجي طبيعت ٺيڪ آهي. تنهنجا ٻار ٻچا ڪيئن آهن؟“

”ها، اهي به ٺيڪ آهن.“

”۽ تون؟“

”مان... به ڪهڙو ٺيڪ آهيان!؟ پيڻ! منهنجي دل به هتان هليو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃڻ لاءِ چوي ٿي. مالڪ تہ ويچارو ويو گذاري." ڌرم داس هڪ گهرو ساهہ کڻندي چيو.

ڏک ۾ نہ ڄاڻ هُو ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڪري وڃي ها، پر پاروَتي هن کي وچ ۾ روڪي ڇڏيو. نيٺ هن اهي ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ تہ هار نہ ڏنو هو.

ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي پاروَتيءَ چيو: "اهو ڇا ٿو چئين ڌرم داس!؟ جيڪڏهن تون نہ رهندين تہ پوءِ ديوداس جي سنڀال ڪير ڪندو؟"

"جڏهن هُو ٻي سمجهہ هو تہ مان سندس ضرور سنڀال ڪندو هئس. پر پارو! هاڻي هن کي نہ ڏسڻ گهرجي، انهيءَ ۾ ڀلائي آهي." ڌرم داس چيو.

پاروَتي ڌرم داس جي اچا بہ ويجهو ٿي ويٺي ۽ هوريان چوڻ لڳي. "ڌرم داس! هڪ ڳالهہ پڇانءِ، جواب ڏيندين؟"

"ضرور ڏيندس، ڀيڻ!"

"نيڪ آ. تہ پوءِ اهو سچ سچ ٻڌاءِ تہ، ديوداس اڄ ڪلهہ ڇا ڪري رهيو آهي؟"

"ڇڏيو انهي ڳالهہ کي."

"نہ، صحيح صحيح ٻڌاءِ، ڌرم داس!"

"مان صحيح ڇا ٻڌايان، ڇا اهي ڳالهيون ٻڌائڻ جهڙيون آهن. مالڪ ويچارو تہ گذاري ويو، ديوداس وٽ هاڻي پيسن جي ڪا بہ ڪمي ناهي. اهو ٿي تہ سوچي رهيو آهيان تہ اها ئي وڏي مصيبت آهي." ڌرم داس پنهنجي مُنهن تي ڌَڪ هڻندي چيو.

پاروَتي جو مُنهن ڪومائجي ويو. هن ڪجهہ ڳالهيون ٻڌيون هيون هُوءَ ڌڪاري ٿيندي چوڻ لڳي: "اهو تون ڇا چئي رهيو آهين، ڌرم داس!؟"

منورما جي خطن ۾ ديوداس جي باري ۾ هن جيڪو ڪجهہ پڙهيو هو، تنهن تي هن کي يقين نہ هو.

ڌرم داس ڪنڌ لوڏيندي چيو، "هاڻي نہ ڪجهہ کائڻ پيئڻ آهي، نہ سکون سان سمهڻ. ڏينهن رات رڳو بوتل ئي بوتل... بس رڳو ڪيس شراب جي ئي ضرورت آهي. چار چار- ڇهہ ڇهہ ڏينهن نہ ڄاڻ ڪاٿي

هوندو آهي، ڪا خبر ناهي، نہ ڄاڻ ڪيترا پيسا وڃائي ايندو آهي. گهڻا ئي ماڻهو چون ٿا تہ ڪيترن ئي هزارن جا زيور ڪپائي چڪو آهي.“

پاروَتيءَ جو سڄو جسم ڪنبي ويو. ”ٻڌاءِ، ڇا اهو سڀ سچ آهي، ڌرم داس!؟“

ڌرم داس چيو: ”شايد هُو تنهنجي ڳالهہ مڃي، اهي غلط عادتون ڇڏائينس. هڪ ڀيرو تون هن کي روڪ متان صحيح رستي تي اچي وڃي. اهو چمڪندڙ چهرو هاڻي ڪيڏو نہ خراب ٿي ويو آهي . اهو سڀ ڪيستائين هلي سگهندو؟ ڪيترو جيئرو رهندو ائين؟ اهي ڳالهيون هاڻي ڪنهن کي ٻڌايون وڃن. گهر جي هر ڀاتيءَ کي تہ اهي ڳالهيون نہ ٿيون ٻڌائي سگهجن نہ؟“

ڪجهہ دير لاءِ ڌرم داس اداس ٿي ويو ۽ پوءِ ڀڳل ٽٽل لفظن ۾ چيائين: ”هاڻي تہ اهو ئي ٿو سوچيان، پاروَتي! تہ ڪنهن بہ ريت هن گناهگار روح کي آزاد ڪري ڇڏيان.“

پاروَتي هلي وئي. هن جڏهن نارائڻ بابُوءَ جي موت جي خبر ٻڌي تہ پنهنجن ساهرن جي گهران پڄندي آئي. هن ڏک جي گهڙي ۾ هُوءَ هڪ ڀيرو ديوداس سان ضرور ملڻ پئي چاهي. پر هتي سندس ديو جي ڪهاڻي اها هئي. هن جي ذهن ۾ ڪيئي خيال ڦيريون پائڻ لڳا. هُوءَ سوچڻ لڳي تہ جيڪڏهن اڄ مان هتي هجان ها تہ ديوداس جي اها حالت نہ هجي ها. ديوداس کان وڌيڪ هُوءَ پاڻ کي ڏوهي سمجهي رهي هئي. هن پنهنجي پيرن تي پاڻ ئي ڪهاڙو هنيو هو، جيڪو هاڻي هن جي ڪنڌ تي تي اچي لڳو هو. اڄ سندس ديوَ جي حالت اها هئي جو هُو پنهنجي زندگي تباهہ ڪرڻ تي ضد ٻڌي بيهي رهيو هو. پاروَتي پاڻ بيو گهر سنڀالڻ جي فڪر ۾ هئي. پاڻ ٻين جي مدد ڪندي رهندي هئي، پر اڄ هن جي پنهنجي ئي شڪست هئي. هُنَ جو گهر ٺهڻ کان اڳ ئي اُجڙي ويو. پاروَتيءَ پڪو ارادو ڪيو تہ هُوءَ ديوداس کي صحيح رستي تي آڻيندي، نہ تہ هن جي قدمن ۾ پنهنجو سرُ قربان ڪري ڇڏيندي.

شام ٿيڻ ۾ اڃا دير هئي. پاروَتي ديوداس جي ڪمري ۾ آئي. ديوداس پلنگ تي ويٺو ڪنهن حساب ڪتاب ڪرڻ ۾ مصروف هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاروَتيءَ کي ڏسندي ئي ڪنڌ مٿي ڪنيائين ۽ مشڪيو. پاروَتي سندس ويجهو ئي هيٺ فرش تي ويهي رهي. ديوداس جي مُنهَن تي ڏک ۽ غم جا آثار هئا. ديوداس ڪلندي چيس.

”هاڻ مان تو کي بدنام ڪري ڇڏيان؟“

ديوداس پنهنجي پِنَل اکين سان هن ڏي ڏٺو پر جلد ئي پنهنجون نظرون جهڪائي ڇڏيون. سندس حالت مان صاف ظاهر هو تہ هُو ڏبجي ويل ڳالهين کي وري اُپارڻ نہ پيو چاهي. انهيءَ زخم کي وري کولڻ نہ پيو چاهي، جيڪو دل کي هر وقت تڪليف ڏيندو رهندو آهي ۽ هاڻي ڇا؟ اڄ هن کي تمام گهٽيون ڳالهيون پاروَتيءَ سان ڪرڻيون هيون، پر هِنَ وقت ڪيس هڪ ڳالهہ بہ ياد نہ رهي. ديوداس وري ڪلندي چيس.

”هاڻي سمجهہ ۾ آيم... ڪيئن پارو! تو کي شرم اچي رهيو آهي نہ؟“

پاروَتيءَ هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو. ديوداس چوندو رهيو: ”پارو! ان ۾ شرمندو ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. بہ ماڻهو ملي ڪري ڪا ٻاراڻي ڪري وجهندا آهن، پلا! ڏس تہ اها بہ ڪا ڳالهہ آهي، تون آپي مان ٻاهر نہ نڪرين ها تہ ڇا مان تنهنجي مُنهَن تي ڏڪ هڻان ها.“

انهن اُبتين سُبتين ڳالهين جو ڪو مقصد ئي نہ هو. هن جيڪو ڪجهہ بہ چيو هو سو سڀ اجايو هو. پر پاروَتي جو اندر ڏک مان ڦاٽي رهيو هو. هن دل ئي دل ۾ چيو: ”اهو زخم منهنجي زندگي جو سهارو آهي، ديوَ! انهيءَ ڪري مون کي ڪيترو ئي سڪون ملي ٿو. نيٺ تہ تنهنجو منهنجو پيار هو. ان جو داستان تو منهنجي پيشانيءَ تي لکي ڇڏيو هو. منهنجي لاءِ اها ڪا خراب شيءِ ناهي، پر اها محبت جي نشاني آهي.“

”پارو!“

”ڇا آهي؟“ پاروَتيءَ پنهنجي رئي جو پلاند پرتي ڪندي چيو.

”مون کان تون سدائين ناراض رهندي آهين ۽ مون کي بہ تو تي ڪيتري ڪاوڙ...“

ديوداس جو آواز پرجي آيو. هُو چوڻ لڳو: ”بابا گذاري ويو آهي. منهنجي لاءِ ان کان وڏو ٻيو ڪهڙو ڏک تي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن تون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سان گڏ هجين ها تہ مون کي ايترو ڏک نہ ٿئي ها. ڏوھ جو رويو توکان ڪو لڪيل ناهي ۽ پاڇائي کي بہ تون سڃاڻين ٿي. هاڻي رڳو امان تي رهجي وئي. هن کي مان ڇا ڪيان. تون ئي ٻڌاءِ، پارو! مان ڇا ڪيان؟ ڪاش! تون هجين هان تہ سڀ ڪجھ تنهنجي حوالي ڪري ڏيان ها. مون کي ڪنهن بہ قسم جو ڏک نہ هجي ها، پر پارو! اهو ڇا ٿي ويو؟ هي سڀ ڇا ٿي ويو؟"

پارو روئي ويئي.

"تون روئي رهي آهين؟ ٺيڪ آهي، ڇڏ انهيءَ ڳالھ کي. اهو ڏک پريو داستان اِتي ئي ختم ٿو ڪيان."

"ڇئو... ڇئو... تو کي جيڪو ڪجھ بہ چوڻو آهي، ڇئو."

پارَوتيءَ اکيون اگهندي چيو.

"پر، پارو! تون تہ هاڻي پنهنجي گھر ٻار واري ٿي وئي آهين."

ديوداس نڙي صاف ڪندي چيو.

پارَوتيءَ دل ئي دل ۾ چيو "ڪهڙي پنهنجي گھر ٻار واري ٿي آهيان!؟ مان تہ ڪجھ ناهيان ٿي. ڇا سُنبل جو گُل بہ پگهوان جي چرنن ۾ پينٺ ٿيندو آهي؟"

"پارو توکي ڏسي ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي کل ايندي آهي. ڪالھ تون ننڍو ٻار هئينءَ ۽ اڄ تون ايتري وڏي ٿي وئي آهين. اڄ وڏي زميندارياڻي، وڏو گھر آهي، ٻار ٻچا آهن ۽ چوڌري صاحب. سڀ جا سڀ وڏا وڏا آهن. ڪيئن آهن نہ؟ پارو!" ديوداس کلندي چيو.

چوڌري صاحبُ پارو جي لاءِ کل يوڳ واري هڪ شيءَ هئي. هن جو ذڪر ايندي ئي هُوءَ کلڻ لڳندي هئي. انهيءَ ڏک واري وقت بہ هُوءَ پنهنجي کل روڪي نہ سگهي.

"هڪ طريقو آهي." ديوداس پنهنجي مُنهَن تي ڪوڙو تاثر آڻيندي چيو.

"ڪهڙو؟"

"تنهنجي نظر ۾ ڪا ڇوڪري آهي؟"

"ڇوڪري! ڇا ڪندين؟" پارَوتي ٽُڪ ڳهندي چيو.

”سوچي رهيو آهيان... تہ شادي ڪري ڇڏيان. دل تي ڇٽي تہ مان بہ پنهنجو گهر وسايان.“

”ڪيتري سهڻي هجڻ گهرجي؟“ پاروتي پڇيو.

”تو جيتري ٿي.“

”سادي سُودي بہ هجي؟“ پاروتي وري پڇيو.

”نہ... نہ ... تمام گهڻي سادي سودي هجڻ جي ضرورت ناهي. مون کي اهڙي گهرواري گهرجي جيڪا تو وانگر جهيڙيڪار هجي. جيئن تون پريشان ڪندي آهين، ائين پريشان ڪندڙ بہ هجڻ گهرجي.“

پاروَتي سوچيندي رهي. هُوءَ چوڻ چاهي پئي: ”ديوَ! اها سڀ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي. گهٽ ۾ گهٽ هن کي مون جهڙو تہ پيار نہ ڪرڻ گهرجي.“ پوءِ چيائين.

”ڇا چيُوَ؟ مون جهڙي ڪارِ زباني. مون جهڙيون تہ الائي ڪيتريون ڇوڪريون تنهنجي خدمت ڪري پنهنجي زندگي سداري سگهنديون.“

”ڇا اهڙي ڪا ڇوڪري منهنجي لاءِ ڳولي سگهين ٿي؟“ ديوداس شرارت واري کِلَ کِلندي چيو.

”ڇا تون واقعي شادي ڪرڻ جو سوچي رهيو آهين؟“ پاروَتي سوال ڪيو.

”ٻيو نہ تہ ڇا؟“ ديوداس جواب ڏنو.

هُو اها ڳالهہ صاف طور تي ظاهر نہ ڪري سگهيو تہ مان سڄي زندگي توکانسواءِ ڪنهن ٻئي جي طرف اک کڻي بہ نہ ڏسندس.

”هڪ ڳالهہ پڇانءِ؟ ديوَ!“

”ها، پڇ.“

”تون شراب ڇو ٿو پيئين ۽ تو اهو پيئڻ ڪٿان سکيو؟“

ديوداس پنهنجي کِلِ روڪي نہ سگهيو ۽ چوڻ لڳو: ”ڇا ڪنهن شيءِ کي ڪائڻ ۽ پيئڻ جي لاءِ سکيا وٺڻ جي ضرورت هوندي آهي؟“

”نہ... نہ. مان اهو ٿي پڇان تہ اها خراب عادت توکي پئي ڪيئن؟“

”توکي اهو ڪنهن چيو آهي؟ ڇا، ڌرم داس کان ٻڌو اٿئي؟“

”ڪنهن کان بہ ٻڌو هجي، تنهن سان تنهنجو ڪهڙو واسطو. پر

تون اهو ٻڌاءِ تہ ڇا اهو سچ آهي؟"

"ها، بلڪل سچ آهي." ديوداس صاف صاف لفظن ۾ چيو.

پارَوتي حيران ٿي وئي. هن وري پڇيو: "ٻہ هزارن جا زيور ڇو کپايا اٿئي؟"

"اڃا ڪنهن کي ڏنا تہ ناهن. رکيو نهرائي ڏنا اٿم. ٻڌاءِ تون وٺندينءَ؟" ديوداس کلندي چيو.

"ڪٿي اڄ، ڏي. ڏسين نہ ٿو تہ مون کي سونَ جو ذرو بہ پاتل ناهي."

پارَوتيءَ هٿ اڳتي ڪندي چيو.

"چوڏري ناهن نهرايا ڇا؟"

"نهرايا ڇو نہ اٿس؟ پر اهي سڀ زيور مون سندس ڌيءُ کي ڏئي ڇڏيا آهن."

"تہ پوءِ توکي انهن جي ضرورت نہ هئي شايد."

پارَوتي رکيو ڪنڌ لوڏيندي، پنهنجون نظرون زمين ۾ کپائي ڇڏيون. ديوداس جي اکين مان ڳوڙها وهي پيا. هن پنهنجي دل ۾ سوچيو تہ ڪيتري نہ ڏک وچان اِهي عورتون پنهنجا زيور ڇڏينديون آهن، پوءِ هنن کي اهي سٺا ناهن لڳندا. هن پنهنجا ڳوڙها اگهندي آهستي آهستي چوڻ شروع ڪيو.

"اهو بلڪل غلط آهي، پارو! مون ڪنهن کي بہ زيور ناهن ڏنا ۽ مان ڪنهن سان بہ پيار نہ ٿو ڪيان."

"مان بہ ائين ئي سمجهان ٿي." پارَوتي هڪ ٿڌي آهہ ڀري دل ئي دل ۾ چيو.

ڪجهہ دير تائين ٻئي ڄڻا خاموش رهيا. پوءِ پارَوتي ڳالهايو: "هاڻي تون واعدو ڪر تہ تون ڪڏهن بہ شراب کي هٿ نہ لائيندين."

"نہ... پارو! نہ. اها منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي. ڇا تون مونسان اهو واعدو ڪري سگهين ٿين تہ تون مون کي هڪ گهڙي بہ ياد نہ ڪندينءَ؟"

پارَوتي ماٺ ٿي وئي. شام ٿي چڪي هئي. ٻاهران مندرن مان آواز اچي رهيا هئا. ديوداس حيراني ۾ ٻڌندي اتي ويهي رهيو. جڏهن

هُنَ دري کولي ٻاهر ڏنو تہ شام تي چُڪي هئي. هُنَ پارَوتي ڏي ڏسندي سوال ڪيو. ”گهر نہ ويندينءَ ڇا؟ شام تي وئي آهي.“

”نہ، مون کي ڪاڏي بہ ناهي وڃڻو. پهرين تون واعدو ڪر.“

”اها منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي.“

”ڇو ناهي؟“

”اهو مون کان نہ ٿو ٿي سگهي.“

”تون چاهين تہ ڇو نہ ٿو ٿي سگهي؟“

”ڇا تون اڄ رات مون سان ڀڄي سگهين ٿي؟“

اهو ٻڌندي ئي پارَوتي گهٻرائجي وئي. رڪجي رڪجي سندس زبان مان هي لفظ نڪتا.

”اهو ناممڪن آهي.“

ديوداس هوريان پلنگ تي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳو: ”پارَوتي! در کولي ڇڏ.“

پارَوتي ڪجهہ اڳتي وڌي ۽ دَر زور سان بند ڪري ڇڏيائين ۽ در جي اڳيان بيهي چوڻ لڳي، ”نہ، پهرين توکي واعدو ڪرڻو پوندو.“

ديوداس اٿي بيٺو ۽ صفا هوريان آواز ۾ چوڻ لڳو: ”اهڙي طرح ڪنهن کي مجبور ڪري واعدو وٺڻ صحيح ناهي ۽ ٻيو تہ انهي مان توکي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ پارو! جيڪڏهن مان اڄ واعدو ڪيان ۽ سڀاڻي انهي کي پورو نہ ڪري سگهان تہ پوءِ؟ توکي اهڙي طرح بيوقوف ڪرڻ مان مون کي ڪهڙو فائدو ملندو؟“

انهن ڳالهين ۾ ڪجهہ وڌيڪ وقت گذري ويو. گهڙي رات جا 9 وڄڻ جي گهنٽي وڄائي. ديوداس گهٻرائجي ويو. هن وري چيو: ”پارو! ٻڌين نہ ٿي. در کول!“ جڏهن پارَوتيءَ ڪو بہ جواب نہ ڏنو تہ هن وري ڏاڍيان رڙ ڪئي، ”پارَوتي!“

”مان هتان هرگز نہ هٽنديس.“ اهو چوندي ئي سندس آواز ڀرجي آيو. ضد ۾ اچي انهي جڳهہ تي سمهي پئي ۽ روئڻ لڳي. ڪمري ۾ مڪمل سانت هئي. ديوداس ڏٺو تہ پارَوتي روئي رهي آهي.

”پارو! او پارو! !“ هن پارَوتيءَ کي پرچائيندي چيو.

”ديوَ! مون کان ڏک برداشت نہ ٿو ٿئي.“ پارَوَتي روئندڙ لهجي ۾ چيو.

ديوداس ڪيس اجا بہ وڌيڪ ويجهو آيو. سندس اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا. هن پريل آواز ۾ چيو: ”اها ڳالهہ ڪا مون کان لڪل آهي ڇا؟“

”مون کي مرڻ ڇو نہ ٿو ڏين؟ ديو بابو! مان تنهجي ڪا بہ خدمت نہ ٿي ڪري سگهان، منهنجي آخري خواهش ...“

”انهيءَ لاءِ بہ هڪ وقت آهي، پارو!“ ديوداس اونداهيءَ ۾ پنهنجون اکيون لڪائيندي چيو.

”تہ پوءِ تون مون وٽ هل. هتي تنهجي سنڀال وارو ڪوئي بہ نظر نہ ٿو اچي.“

”تون هتان وڃي منهنجي ڪائي خدمت ڪري سگهين ٿي؟“

”اهائي تہ منهنجي ڪڙي تمنا آهي. هَئي ڀڳوانَ! تون منهنجي اها تمنا ڇو نہ ٿو پوري ڪرين. انهيءَ کان پوءِ مون کي مرڻ جو بہ ڪو افسوس نہ ٿيندو.“

ديوداس جون اکيون پرجي آيون.

”ڪيئن؟ ديوَ! مون سان گڏ هلندين نہ؟“

”ضرور هلندس.“ ديوداس پنهنجا ڳوڙها اگهندي جواب ڏنو.

”منهنجو قسم کڻ تہ ضرور هلندين؟“

اُوندهہ ۾ ئي ديوداس پارَوَتي جي پيرن کي ڇهندي چيو: ”اها ڳالهہ زندگي ڀر نہ وساريندس. جيڪڏهن منهنجي خدمت ڪرڻ سان تنهجو ڏک گهٽ ٿئي ٿو تہ مان ضرور ايندس. مرڻ کان اڳ اهو قسم ياد رهندو.“

♦

ديوداس پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ ڇهه مهينا گهر ۾ رهيو. هُو ڏکي زندگي کان تنگ ٿي پيو هو. هت هن کي ڪنهن به قسم جو سُک نه هو، ۽ نه ئي ڪو سڪون پيو حاصل ٿي پيو سگهيس. پارَوتي جي ياد اڃا به کيس وڌيڪ غمگين ڪري ڇڏيو هو. هُو ڏينهن رات هن جي ياد ۾ قيد رهندو هو. وري سندس پاءُ ۽ ڀاڄائي جي سخت ڳالهين، هن جي لاءِ اڃا به وڌيڪ ڏکيائي پيدا ڪري ڇڏي هئي.

ديوداس جي ماءُ جي به بلڪل اها ئي حالت هئي. مڙس جي وفات کان پوءِ سُکن جو خاتمو ٿي ويو هوس. جيڪي سُکَ کيس پنهنجي مڙس جي زندگي ۾ ميسر هئا، سي هاڻي نه رهيا. پٽَن جي نگرانيءَ ۾ رهندي گهر هلائڻ مشڪل ٿي ويو هو. ڪجهه ڏينهن کان هُوءَ ڪاشي وڃڻ جا سانباها ڪري رهي هئي، پر هُوءَ ديوداس جي شادي ڪرائڻ کانسواءِ ڪيئن پئي وڃي سگهي. هُوءَ اڪثر ديوداس کي چوندي رهندي هئي، ”ديوداسَ! شادي ڇو نه ٿو ڪرين؟ تنهنجي شادي ڪرائي پوءِ مان ڪاشي وڃڻ ٿي چاهيان.“

پر اها مشڪل ڪڏهن سولي ٿي پئي سگهي. هڪ ته وڏندڙ عمر ۽ ٻيو پنهنجي پسند جي ڇوڪري ملڻ ڏاڍو مشڪل ٿي ويو هو. سندس ماءُ کي اهو افسوس ٿيندو هو ته جيڪڏهن ديوداس جي شادي پارَوتي سان ٿي وڃي ها ته ڏاڍو سنو ٿئي ها. نيٺ هن هڪ ڏينهن ديوداس کي گهرائي پڇي ورتو. ”ديوداس! هن گهر ۾ هاڻي مون کان وڌيڪ رهڻ نه پڄندو. جيڪڏهن مان ڪاشي هلي وڃان ته تون ڪيئن رهندين؟“

ديوداس اهو ئي سوچي رهيو هو. چيائينس، ”منهنجي به اهائي راءِ آهي. ڇٽ... جن مهينن کان پوءِ موٽي اچڻ تي سڀ مشڪلو... ل ٿي وينديون.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تہ پوءِ ائین ڪَر، پٽ! تنهنجي پيءُ جي ٻارس ٿيڻ تي تنهنجو وهانءُ ڪرائي ڇڏيندس. تنهنجو گهر آباد ٿي ويندو ۽ مان ڪاشيءَ هلي ويندس.“

اها ڳالهہ ديوداس مڃي ورتي ۽ پنهنجي ماءُ کي ڪاشي ڇڏي، پاڻ ڪلڪتي هليو آيو. هتي پهچندي ئي هن سڀ کان پهريون اهو ڪم ڪيو جو چُني لال جي ڳولا ڪرڻ لڳو. هن ڏاڍو تلاش ڪيو پر ڪيس چُني لال نہ ملي سگهيو. شايد هو پهرين جڳهہ ڇڏي ڪنهن ٻي جاءِ تي هليو ويو هو.

هڪ ڏينهن شام جو ديوداس کي اوچتو چندرمُکي ياد اچي وئي. هڪ ڀيرو چو نہ ساڻس ملي ونجي. اهو سوچڻ کان اڳ ديوداس کي ڪجهہ شرم آيو. پر نيٺ هڪ ڏينهن هُو شام جوٽانگو ڪري چندرمُکي جي گهر پهچي ويو. ڪافي دير تائين هُو سڏيندو رهيو پر کيس ڪو بہ جواب نہ مليو. آخرڪار هڪ عورت چيس.

”اِتي ڪو بہ ناهي رهندو.“

ديوداس تورو ويجهو ٿي هڪ بجلي جي ٿنڀي وٽ وڃي بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو: ”هُوءَ ڪاڏي هلي وئي آهي؟ ڪجهہ ٻڌائيندئو؟“

هن گهر جي دري کولي ڪجهہ دير ڏسڻ کانپوءِ چيو: ”ديوداسَ! تون آهين؟“

”ها!“

”اچ!“ هن در کوليندي چيو.

ديوداس کي اهو آواز ڪجهہ چاتل سڃاتل لڳو. پر اُوندهہ جي ڪري هُو هن جو مُنهن صحيح طرح نہ ڏسي سگهيو. هن پڇيو. ”ٻڌائڻ جي تڪليف ڪندئو تہ چندرمُکي ڪاڏي هلي وئي آهي؟“

”اچ! متي هليو اچ... مان تو کي ٻڌايان ٿي.“ هن مشڪندي چيو.

ديوداس کيس سڃاڻي ورتو ۽ حيران ٿيندي چيو. ”تون؟“

”ها، مان... ايتري جلدي وساري ڇڏيئہ؟ ديوداسَ!“

ديوداس متي آيو. هن ڏٺو تہ چندرمُکي کي رڳو ميري ڪاري رنگ واري ڌوتي ٻڌل هئي. ٻانهُن ۾ رڳو بہ ڪنگڻ پاتل هئس ۽ سندس

متي جا وار وکريل هئا.

"تون اهڙن بُرن حالن ۾؟" ديوداس حيراني مان پڇيو ۽ غور ڪرڻ تي هن محسوس ڪيو تہ چندرمُکي جي صحت گهڻي خراب ٿي وئي هئي. "ڇو؟ طبيعت خراب آهي ڇا؟"

"نہ. مون کي ڪا بہ تڪليف ناهي." چندرمُکي ۽ کلندي جواب ڏنو. "تون صحيح طرح آرام سان تہ ٿي ويهہ."

ديوداس پلنگ تي آرام سان ويهي رهيو. هُنَ ڏٺو تہ گهر جي هر شيءِ تبديل ٿي چڪي آهي. سڄي سجاوٽ ئي ختم ٿي وئي آهي. ميز، الماري، ڪرسي جي جاءِ خالي ۽ اداس لڳي پئي آهي. ڪمري ۾ رڳو هڪ کٽ پئي هئي. پٽ تي رڳو لوهہ وارا ڪوڪا لڳل هئا، جن مان ڪن ۾ هن وقت بہ رنگين ڪپڙا لٽڪي رهيا هئا. گهڙيال تہ پٽ تي لڳل هو پر هلي نہ رهيو هو. ڪوريئڙن انهيءَ جي چوڌاري ڄارا ٺاهي پنهنجا گهر ٺاهي ڇڏيا هئا. هڪ ڪنڊ ۾ پيل اداس، ڏيئو جهيڻي روشني ڦهلائي رهيو هو. ديوداس جهيڻي روشنيءَ ۾ سڄي گهر جي سجاوٽ ڏسي رهيو هو. اها بدتر حالت ڏسي هُو حيران ٿي ويو ۽ هُنَ ڏکويل لهجي ۾ پڇيو، "چندرا! هيءَ ڪهڙي بُري حالت ٿي وئي اٿئي؟"

"انهيءَ کي تون بُري حالت ٿو چوين، هاڻي تہ منهنجي قسمت جو ستارو چمڪي رهيو آهي." چندرمُکي کلندي چيو.

ديوداس ڪجهہ بہ نہ سمجهي سگهيو. هن پڇيس: "تنهنجا زيور ڪاٿي آهن؟"

"کپائي ڇڏيا."

"گهر جون ٻيون شيون؟"

"اهي بہ کپائي ڇڏيم.

"ڇا گهر ۾ لڳل تصويرون بہ کپائي ڇڏيئي؟"

"اهي تصويرون سامهون واري گهر ۾ رهندڙ شيترمني کي ڏئي ڇڏيون اٿم."

ديوداس حيراني مان کيس ڏسڻ لڳو. هن وري سوال ڪيو. "چُني بابُو ڪاڏي هليو ويو آهي؟"

"مون کي ڪهڙي خبر؟ اٽڪل ٻن مهينن جي ڳالهہ آهي تہ هن جو مون سان ٿورو جهيڙو ٿي پيو هو. بس ناراض ٿي هليو ويو. وري اڄ تائين اچڻ جو نالو نہ ورتائين."

"جهيڙو ڇا تي ٿيو هو؟" ديوداس حيرت مان پڇيو.

"ڇا توهان جو ڪڏهن ڪنهن سان جهيڙو ناهي ٿيو؟" چندرمُکي پڇيو.

"اهو تہ صحيح آهي، پر پوءِ بہ ڪو تہ سبب هوندو جهيڙي ڪرڻ جو."

"دلال ٿي آيو هو. تنهن ڪري کيس گهران ڪڍي ڇڏيم."

"ڪهڙي دلالي؟"

"سِٽيءَ جي دلالي، ٻيو وري ڇا؟" چندرمُکي کلندي جواب ڏنو. "نہ سمجهيئہ؟ "ڪنهن وڏي ماڻهو کي وٺي آيو هو. هر مهيني بہ سئو رُپيا، گهڻائي زيور ۽ در تي پهري جي لاءِ چوڪيدار . هاڻي آيئہ ڪجهہ سمجهہ ۾؟"

ديوداس سمجهي ويو. کلندي چيائينس، "پر هتي تہ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي؟"

"هتي رهن ها تہ توکي ڪجهہ ڏسڻ ۾ اچي ها نہ، مون سيني کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو."

"انهن جو ڪو قصور؟"

"ڪو خاص قصور ڪونہ هين. اصل ڳالهہ اها آهي تہ اهو سڀ مون کي سٺو نہ ٿو لڳي."

ديوداس ڪنهن سوچ ۾ گم ٿي ويو. تنهن کان پوءِ چيائين، "تنهن کان پوءِ انهن مان ڪو بہ ناهي آيو؟"

"نہ. تنهنجي وڃڻ جي ٻئي ڏينهن کان پوءِ ڪنهن بہ هتي پير ناهي رکيو. رڳو چُني لال ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو پر اَٽڪل ٻن مهينن کان هُو بہ ناهي آيو."

ديوداس بستري تي ليٽي پيو. ڪجهہ دير خاموش رهي هن وري چيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تہ چندرا! تو دَندو ئي بند ڪري ڇڏيو؟“

”بند ڇا ڪيم جڻ تہ ڏيوالو ئي نڪري ويو آهي.“

”اهو تہ ٻڌاءِ تہ هاڻ ڪائڻ پيئڻ ۾ ٻيو خرچ پڪو ڪٿان ايندو؟“ ديوداس پڇيو.

”ٻڌائي تہ چڪي آهيان تہ سڀ زيور کپائي گهر جو خرچ پڪو ڪندي آهيان.“

”ڪيترن پيسن ۾ زيور کپايئہ؟“

”گهڻا تہ نہ. رڳو اٺ نَو سئو رُپيا مون وٽ آهن ۽ مون اهي پيسا هڪ واپاري وٽ رکي ڇڏيا آهن. هُو مون کي هر مهيني ويهہ روپيا ڏيندو آهي.“

”تہ ڇا تون اڳ ۾ بہ ويهن روپين مان سڄو مهينو گذارو ڪري ويندي هئينءَ؟“

”پر هاڻي تہ ڪري ويندي آهيان. هن وقت ٽن مهينن جو گهر جو ڪرايو مٿان چڙهي ويو آهي. سوچي رهي هئس تہ چوڙيون کپائي گهر جو رهيل ڪرايو بہ پورو ڪيان ۽ پوءِ ڪاڏي تمام گهڻو پري هلي وڃان.“

”ڪاڏي ويندينءَ؟“

”اها ئي تہ هڪ وڏي مشڪل آهي جنهن کي هن مهل تائين حل نہ ڪري سگهي آهيان. ڪنهن اهڙي جاءِ هلي وڃان جتي ويهن رُپين ۾ گذارو ٿي وڃي. شايد ڪنهن ڳوٺ هلي وڃان.“

”تہ پوءِ تون هن وقت تائين وئي ڇو ناهين؟ جيڪڏهن توکي واقعي ڪنهن شيءِ جي ضرورت ناهي، تہ پوءِ اڄ تنهنجي مٿان ايترو قرض ڇو چڙهي ويو آهي؟“

چندرمُکي ڪنڌ جهڪائي ڪجهہ سوچيندي رهي. اڄ هوءَ پنهنجي زندگي ۾ پهريون ڀيرو شرم محسوس ڪري رهي هئي.

”چپ ڇو ٿي وئي آهين؟“ ديوداس پڇيو.

چندرمُکي کٽ جي هڪ پاسي ٽيندي چيو. ”دل ۾ نہ ڪجانءِ. هتان وڃڻ کانپو اڳ منهنجي رڳو هڪ ئي خواهش هئي تہ توسان هڪ ڀيرو ملاقات ٿي [illegible] وڃي تہ ڪيڏو نہ ڀلو ٿي وڃي. مون کي پورو يقين [illegible]

هو تہ تون هڪ ڀيرو ضرور ايندين. هاڻي تو سان ملاقات ٿي وئي آهي. سوچي رهي آهيان تہ سياڻي ئي هتان وڃڻ جو بندوبست ڇو نہ ڪري ڇڏيان، پر هڪ ڳالهہ تہ ٻڌاءِ تہ مان وڃان ڪاڏي؟"

"ڇا مون کي ئي هڪ ڀيرو ڏسڻ جي لاءِ تون هتي رهيل هُئينءَ؟ پر ائين ڇو؟" ديوداس حيران ٿيندي پڇيو.

"رڳو هڪ ئي سبب جي ڪري. توکي مون کان سخت نفرت آهي نہ... شايد انهي جي ڪري... تون مون کان جيتري نفرت ڪرين ٿو، شايد ايتري ڪنهن بہ نہ ڪئي هجي؟ هن وقت توکي اهو صحيح طرح ياد آهي يا نہ، چئي نہ ٿي سگهان. پر مون کي اهو ڏينهن چڱي طرح ياد آهي، جڏهن تون پهريون ڀيرو هتي آيو هئين ۽ تو مون کي پهريون ڀيرو ڏٺو هو. تون هڪ امير ماڻهو جو پٽ آهين، اها بہ مون کي خبر هئي. پر دولت جي لالچ جي ڪري مان توڏي ڇڪجي نہ آيس. توکان اڳ بہ اهڙا ماڻهو هتي تمام گهڻا آيا، پر ڪنهن ۾ بہ اها ڳالهہ نہ هئي جيڪا ڳالهہ مون تو ۾ ڏٺي. تو ايندي ئي منهنجي دل قابو ڪئي. تو رکيون ڳالهيون ڪري مون کان مُنهن موڙي ورتو هو ۽ وڃڻ مهل مون کي ڪجهہ ڏئي هليو ويو هئين. ڇا اهو سڀ توکي ياد آهي؟"

ديوداس ڪجهہ بہ نہ چيو، چندرمُکي ڳالهائيدي رهي. "انهي ڏينهن کان مون تو تي نظر رکي، پر اها نظر نہ پيار جي هئي ۽ نہ وري نفرت جي ئي هئي. جيئن ڪا عجيب شيءِ نظر ايندي آهي تہ هميشہ جي لاءِ ياد رهجي ويندي آهي. ڪوشش ڪرڻ جي باوجود بہ ناهي وسرندي. اهڙي طرح مان بہ توکي وساري نہ سگهيس. تنهنجي ايندي ئي مان ڊڄي ويندي هئس ۽ تنهنجو اچڻ مون کي سنو نہ لڳندو هو. پر تنهن کان پوءِ نہ ڄاڻ مون کي ڇا ٿي ويو جو مان هر شيءِ کي ٻي نظر سان ڏسڻ لڳيس. مان ايتري قدر بدلجي ويس جو بلڪل اڳ جهڙي نہ رهيس. انهي کان پوءِ تو شراب پيئڻ شروع ڪيو. انهي کان مون کي سخت نفرت آهي. جيڪڏهن مان ڪنهن کي نشي ۾ ڏسندي آهيان تہ مون کي ڪاوڙ اچي ويندي آهي، پر جڏهن تون هوندو هئين تہ تو سان پيار ٿي ويندو هو، تي رڳو رحم ايندو هو."

اهو چوندي چندرمُکي ديوداس جي پيرن تي پنهنجو هٿ رکي ڇڏيو. ڳوڙهن سان پرجي آيل اکين سان چيو: ”مان نيچ آهيان. منهنجي غلطين ۽ اُوڻائين تي نہ سوچجانءِ . تو نہ ڄاڻ ڪيترا ڀيرا مون کان نفرت ڪندي پاڻ کان پري ڌڪاري ڇڏيو هو پر پوءِ بہ مان تنهنجي اڳيان بہ وڌيڪ اچڻ چاهيان پئي ۽ آخر جڏهن تون سمهي پوندو هئين. خير! ڇڏ انهن ڳالهين کي، نہ تہ تون وري خفا ٿي ويندين.“

ديوداس ڪجهہ نہ ڳالهايو. اڄ ان نئين قسم جون ڳالهيون ٻڌي هن کي تمام گهڻو ڏک ٿي رهيو هو. چندرمُکي ديوداس کان پنهنجا ڳوڙها لڪائيندي وري چوڻ لڳي.

”هڪ ڏينهن تو چيو هو تہ اسان ماڻهو ٻين جي بيعزتي ۽ جُٺ برداشت ڪنديون آهيون. انهي ڏينهن کان منهنجي غيرت جاڳي ۽ مون هي سڀ ڪجهہ ختم ڪري ڇڏيو.“

”پر هاڻي تنهنجا ڏينهن ڪيئن گذرندا؟“ ديوداس اٽڪندي پڇيو.

”اهو تہ مان اڳ ئي چئي چڪي آهيان.“

”فرض ڪر تہ جيڪڏهن اهو واپاري توکي ڌوڪو ڏئي ڇڏي ۽ تنهنجا سڀ پيسا کائي وڃي تہ پوءِ؟“

چندرمُکي بلڪل بہ نہ گهٻرايو. هن هورڙيان چيو ”ان ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالهہ آهي ۽ مجي ورتو تہ جيڪڏهن اهو سچ ۾ ٿي بہ وڃي تہ پوءِ مان تو کان خيرات گهرنديس.“

”جڏهن بہ چاهين، گهري وٺجانءِ.“ ديوداس ڪجهہ سوچڻ کانپوءِ چيو. ”پر هاڻي هن جڳهہ کي ڇڏڻ جي لاءِ بہ ڪجهہ سوچ.“

”انهي ۾ ڪهڙي دير لڳندي. سڀاڻي ڏينهن ۾ ئي سڀ انتظام ٿي ويندا. ٻئي ڪنگڻ وڪڻي سڀ ڪجهہ چُڪائي ڇڏينديس.“

ديوداس سئو سئو وارا پنج نوٽ وهاڻي جي هيٺان رکي ڇڏيا. پوءِ ڪجهہ سوچي چيو ”ڪنگڻ وڪڻڻ جي ڪا ضرورت ناهي. پر پهريون انهي وياجيءَ سان تہ ملي وٺ. تو اهو تہ ٻڌايو ئي ناهي تہ توکي وڃڻو ڪاڏي آهي؟ ڇا ڪنهن تيرٿ آستانَ تي وڃڻ ٿي چاهين؟“

”ديوداس مون کي ڌرم ۽ تيرٿن تي يقين ئي ناهي. مان تہ رڳو اهو

ٿي چاهيان تہ ڪلڪتي کان تمام گھڻو پري هلي وڃان ۽ ڪنهن پرسڪون ڳوٺ ۾ رهي پنهنجي زندگي جا بچيل ڏينهن آرام سان گذريان.“

”چا ڪنهن گهر ۾ ڪم ڪندينءَ؟“

چندرمُکي جون اکيون وهڻ لڳيون. هُنَ اکين جا ڳوڙها روڪيندي چيو ”نہ اهڙا ڪم نہ. اهڙن ڪمن طرف منهنجو ڪو بہ خيال ناهي. مان تہ آزاد زندگي گذارڻ چاهيان ٿي. هاڻي مون کان ڏک نہ ٿا برداشت ٿين. جسماني تڪليف سهڻ جي هاڻي مون ۾ همت ناهي. هاڻي اهو ٿي سوچيان تہ گهڻو ڪم ڪرڻ ڪري هي جسم جلدئي بيڪار نہ ٿي وڃي.“

”جيڪڏهن تون شهر ۾ رهندينءَ تہ ٿي سگهي ٿو تہ وري لالچ پيدا ٿي پوئي. آخر انسان جي دل ئي تہ آهي نہ، جيڪا ڪنهن مهل بہ ڪاڏي بہ مُنهُن ڪري سگهي ٿي.“ ديوداس ڦڪي کل کلندي چيو.

چندرمُکي جو مُنهن ٻهڪي پيو. هن مشڪندي چيو ”اهو صحيح آهي تہ انسان جي دل لالچي ٿي ويندي آهي پر مان يقين سان ٿي چوان تہ هاڻي مان ڪنهن بہ لالچ ۾ نہ ايندس. ايترو سو آهي تہ عورتون ڪجهہ ضرورت کان وڌيڪ لالچي هونديون آهن پر جڏهن مان انهن کي خود بخود ترڪ ڪري رهي آهيان تہ پوءِ وري ڇو انهن جي پويان لڳندس. جڏهن ڏک ۾ انهن کي ڇڏيان ها تہ پوءَ انهن جي پويان لڳڻ جي ڪوشش ڪيان ها، پر مون تہ سڀ ڪجهہ سُک ۾ ڇڏيو آهي. تنهن ڪري مون کي پنهنجي پاڻ تي پورو ڀروسو آهي.“

”پر، چندرمُکي! دل جو ڪو بہ ڀروسو ناهي. هيءَ چلولي دل نہ ڄاڻ ڪڏهن پاسو بدلائي ويهي.“ ديوداس ڪنڌ لوڏيندي چيو.

چندرمُکي ديوداس جي اچا بہ وڌيڪ ويجهو ويهي رهي. هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي چيو ”ديوداسَ!“

ديوداس هڪ ٽڪ سندس منهن ڏي ڏسندو رهيو. هن ۾ ايتري بہ همت نہ رهي تہ هو ڪجهہ چئي سگهي تہ، ”اڙي! مون کي هٿ نہ لاءِ.“

چن[illegible]ي ڪجهہ عجيب نظرن سان هن ڏي ڏٺو ۽ هن [illegible]ئي

هٿ پنهنجي جهوليءَ ۾ رکندي چيو: ”ديوداسَ! مون کان ناراض نہ ٿجان. شايد اڄ منهنجو آخري ڏينهن آهي، سڀاڻي تہ مان هلي وينديس پر هڪ ڳالهہ تہ دل ئي دل ۾ رهجي وئي آهي.“

چندرمُکي ديوداس جي مُنهن جو جائزو وٺندي رهي پوءِ وري ٿورو ترسي چيو.

”ڇا اهو سچ آهي، ديوداسَ! تہ تون پاروَتي جي ڪري ايترو پريشان آهين؟“

”تون اهو ڇو ٿي پڇڻ چاهين؟“ ديوداس ڪاوڙ ڪندي چيو.

چندرمُکي جڻ بت بڻجي وئي. هن چيو، ”مان اهو ڄاڻڻ ٿي چاهيان، مان توکي صاف ڇوان ٿي تہ جڏهن تون غم ۾ ٻڏل هوندو آهين تہ مون کي تمام گهڻو ڏک ٿيندو آهي. رڳو اهو ئي نہ پر مان تنهنجي ٻين ڳالهين کان بہ چڱي طرح واقف آهيان، جڏهن تون نشي ۾ هوندو هئين تہ سڀ ڪجهہ چئي ڏيندو هئين. انهي وقت کان مان سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿي، پر پوءِ بہ مون کي يقين نہ هو تہ پاروَتي توکي دوکو ڏئي هلي وئي. آخر مان انهي نتيجي تي پهتي آهيان تہ اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ تو پنهنجي پاڻ کي پاڻ ئي دوکو ڏنو هجي، پاڻ پنهنجي هٿن سان ئي پاڻ سان دغا ڪئي هجي.“

”ديوداسَ! تون عمر ۾ مون کا ڪافي ننڍو آهين. مون پنهنجي زندگي ۾ گهڻو ڪجهہ ڏٺو آهي. انهي جي لاءِ مان پنهنجي تجربي جي بنياد تي ڇوان ٿي تہ شايد تون ئي ڪڏهن ڪا غلطي ڪري وينو آهين. جيتوڻيڪ مردن جي پيٽ ۾ عورتن جي خواري گهڻي ٿيندي آهي، پر اها گهڻي ديرپا ناهي هوندي. جيتري بدنامي انهن جي ٿيندي آهي ايتري ٿيڻ نہ گهرجي. پر حيراني تہ اها آهي تہ انهن جي بدنامي بہ اوهان ئي ماڻهو ڪندا آهيو ۽ انهن جي ناماچاري بہ اوهان ماڻهن جي زبان جي ذريعي ئي ٿيندي آهي. عورتن جي باري ۾ اوهان مرد جيڪو بہ چوڻ چاهيون ٿا سو چئي سگهو ٿا، پر انهن بدقسمت عورتن کي زبان مان هڪ لفظ بہ ڪڍڻ جي اجازت ناهي هوندي. جيڪڏهن اهي غلطي مان ڪڏهن ڪجهہ چئي بہ ڇڏين تہ انهن جي ڳالهہ تي ڌيان بہ

اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هوندو. مردن جي وڏي آواز جي اڳيان انهن جو مُئل آواز دٻجي ويندو آهي، ۽ آخر نتيجو اهو ئي نڪرندو آهي تہ دنيا جي سامهون انهن مردن جي ئي ڳالهہ کي سچ سمجهيو ويندو آهي.“

”گهڻن ئي ڏينهن تائين مون عشق جو واپار ڪيو آهي. پر عشق هڪ ڀيرو ئي ڪيو آهي. ان جي قيمت بہ مون کي ڪا گهٽ چڪائڻي ناهي پئي. مون گهڻو ڪجهہ سکيو آهي ۽ گهڻو ڪجهہ سمجهيو آهي. تون تہ ڄاڻين ٿو تہ عشق ڪرڻ الڳ ڳالهہ آهي ۽ حُسن تي مرڻ ڪجهہ ٻيو آهي. انهن ٻنهي ۾ وڏو فرق آهي. شايد مرد ئي انهي جو هڪ سبب ٿي سگهن ٿا. انهيءَ سبب جي ڪري ئي ايترو ظلم ٿئي ٿو. حُسن تي عورتون بہ مرنديون آهن، پر مردن وانگر جان ناهن ڏينديون. مرد تہ محبت جو ڊرامو ڪندا آهن. نہ ڄاڻ ڪيترين سچين ڪوڙين ڳالهين جو سهارو وٺندا آهن. ڪيترائي فريب ڪندا رهندا آهن. انهي وقت عورتون انهن جي خاطر پنهنجو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏينديون آهن. اهو فريب انهن عورتن کي سچ نظر ايندو آهي. عورتن جي دل ۾ مردن جي لاءِ پلي نفرت ئي ڇو نہ هجي، پر مردن جي سامهون ايندي ئي هُو شرمائجي وينديون آهن. شايد اهو سوچي انهن جي ڪري مردن کي ڏک نہ پهچي يا انهن جي دل کي تڪليف نہ پهچي. پوءِ اهڙي طرح محبت جو ڊرامو شروع ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن انهي جو خاتمو ٿي ويندو آهي تڏهن مرد ٿڌي آهہ ڀريندي چوندو آهي تہ تو بيوفائي ڪئي آهي. ماڻهو جيڪو ٻڌن ٿا، انهيءَ کي ئي سچ سمجهندا آهن. انهي وقت بہ عورتون خاموش رهنديون آهن. انهن جي ڏک جي داتهن ٻڌڻ وارو ڪير هوندو آهي؟“

ديوداس صفا خاموش رهيو. ڪجهہ دير تہ چندرمُکي بہ ڪجهہ نہ ڳالهايو. تنهن کان پوءِ هن وري چوڻ شروع ڪيو.

”جڏهن عورتون انهيءَ محبت کي ڏسنديون آهن تہ اِهو سمجهنديون آهن تہ اهوئي سچو عشق آهي. تڏهن هو تن، من، ڌن، سڀ انهن تي گهوري ڇڏينديون آهن. ڪڏهن وقت ۾ هُو پنهنجي جان جي بازي بہ لڳائي ڇڏينديون آهن. انهي وقت اڪثر مرد سندن تعريف ۾ انڌا ٿي

ويندا آهن. مرد پنهنجي پاڻ کي وڏا خوش قسمت سمجهندا آهن ۽ خدا پاڪ جو شڪر ادا ڪندا آهن. پر انهيءَ وقت تائين بہ عورتن کي اها خبر ناهي هوندي تہ عشق چوندا ڪنهن کي آهن ۽ اهو هوندو ڇا آهي؟ پر انهيءَ کان پوءِ جڏهن هنن تي مشڪل وقت ايندو آهي تہ هو لڏي ويندي يون آهن ۽ سندس حواس خطا تي ويندا آهن. تڏهن انهن جو وقت...“

چندرمُکيءَ ديوداس ڏي گهور وجهي ڏٺو ۽ چيو.

”تڏهن مرد دانهون ڪندو آهي، ... گناهگار عورت... بدڪردار عورت. ڇي. . ڇي!!“

انهي وقت ديوداس پنهنجي هٿن سان چندرمُکي جو وات بند ڪيو ۽ رڙيون ڪندي اٿيو.

”چندرمُکي اهو تون ڇا چئي رهين آهين؟“

چندرمُکي پنهنجي وات تان ديوداس جو هٿ هٽائيندي چيو.

”گهبراءِ نہ، مان تنهنجي پاروَتي جي ڳالهہ نہ ڪري رهي آهيان.“

چندرمُکي وري خاموش ٿي وئي.

”فرض بہ تہ ڪجهہ هوندا آهن. ڌرم، گناهہ، اهو سڀ بڪواس آهي.“ ديوداس ڪجهہ دير چپ رهڻ کان پوءِ چيو.

”اهو تہ آهي.“ چندرمُکي چيو. ”پر، ديوداسَ! جيڪي سچو پيار ڪندا آهن، انهن کي سڀ ڪجهہ سَهڻو پوندو آهي. جيڪي اهو ڄاڻن ٿا تہ دل سان محبت ڪرڻ ۾ جيڪو سُڪون ملندو آهي، اهي هرويرو پنهنجي گهر ۾ ڏک آڻڻ ناهن چاهيندا. انهي ڪري سچا عاشق انهن ڳالهين کان پري ڀڄندا آهن. پر، ديوداسَ! مان ڇا چئي رهي هئس. مون کي پورو يقين آهي تہ، پاروَتي توکي ڪڏهن بہ دوکو نہ ٿي ڏئي سگهي. اهو ٿي سگهي ٿو تہ تو پنهنجي پاڻ کي دوکو ڏنو هجي. مان ڄاڻان ٿي تہ اڄ انهي ڳالهہ کي سمجهڻ تنهنجي وس کان ٻاهر آهي. پر هڪ ڏينهن اهڙو ضرور ايندو ۽ تون ڏسندين تہ منهنجي چيل ڳالهہ ۾ ڪيتري سچائي آهي.“

ديوداس جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. نہ ڄاڻ اڄ هن کي ائين ڇو

محسوس ٿيڻ لڳو تہ چندرمُکي جيڪو ڪجهہ پارؤتي جي باري ۾ چئي رهي آهي سو غلط ناهي، پر سڀ صحيح آهي. چندرمُکي ڏٺو تہ ديوداس جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا آهن، پر انهن کي اگهڻ جي ڪوشش نہ ڪري رهيو آهي. هُوءَ دل ئي دل ۾ سوچيندي رهي، 'مان ڪيترن ئي طرحن سان توکي ڏک ڏئي رهي آهيان. تنهنجي دل جي حالت بہ چڱي طرح ڄاڻان ٿي. مان هاڻي چڱي طرح ڄاڻي وئي آهيان تہ تون ٻين مردن وانگر پنهنجي محبت ظاهر نہ ٿو ڪري سگهين. جيستائين محبت جو سوال آهي، اها ڀلا ڪنهن کي سٺي نہ ٿي لڳي، پر مان سوچيان ٿي تہ تون حُسن جي پيرن ۾ وڃائجي وڃڻ وارو نہ آهين. ٿي سگهي ٿو تہ پارؤتي تمام گهڻي حَسِين هجي، پر لڳي تہ ائين ٿو تہ شايد هوءَ ئي تنهنجي قدمن ۾ ڪري پئي هجي ۽ هن ئي پهريون پنهنجي محبت ظاهر ڪئي هجي.'

اهي خيالَ رکي رکي هن جي دل ۾ پيدا ٿي رهيا هئا جو اوچتو هُوءَ عجيب آواز ۾ ٻڙ ٻڙ ڪرڻ لڳي: "مون تنهنجي حالت مان اندازو لڳايو آهي تہ هوءَ توسان ڪيترو پيار ڪندي آهي."

"ڇا چيو تو؟" ديوداس جلدي ۾ پڇيو.

"ڪجهہ نہ." چندرمُکي چيو. "مون اهو چيو تہ هُوءَ تنهنجي صورت تي ئي فدا نہ ٿي هوندي. تون خوبصورت ضرور آهين، پر ان جي ڪري ڪير بہ پنهنجي پاڻ کي وساري نہ ٿو سگهي. پوءِ بہ هڪ ڳُجهو حُسن هوندو آهي، انهي کي هر ڪو نہ ٿو ڏسي سگهي ۽ جيڪو هڪ ڀيرو ڏسي وٺندو آهي، اهو پوءِ ڪڏهن بہ پنهنجيون اکيون ناهي هٽائي سگهندو." اهو چئي چندرمُکي هڪ ٿڌي آهہ ڀري، وري چوڻ لڳي.

"تنهنجي حُسن کي تہ رڳو اهو ئي ڄاڻي سگهي ٿو، جنهن توسان ڪڏهن ڪو عشق ڪيو هجي، پر ڇا دنيا جي ڪابہ عورت انهيءَ جنت کان مُنهُن موڙي سگهي ٿي؟ ڇا هوءَ هِن زمين تي ٽِڪي سگهي ٿي؟"

ڪجهہ دير تائين هُوءَ خاموشي سان ديوداس اُنهن ڏسندي رهي، پوءِ هوريان هوريان چوڻ شروع ڪيائين، "اهو روپ اکين سان ناهي نظر ايندو، پر دل تي وڏو گهرو اثر ڪندو آهي. انهي جي سرانجام ٿيڻ

تي دل باهہ سان ڳڏ سڙي خاڪ ٿي ويندي آهي.“

”تون اڄ اهو ڇا چئي رهي آهين؟ چندرمُکي !“ ديوداس چرين جهڙو مُنهن ڪندي چيو.

چندرمُکي مُشڪندي چيو: ”ديوداسَ! اها ڪيڏي نہ مشڪل ڳالهہ آهي تہ ماڻهو جنهن سان پيار نہ ڪندو آهي، اهائي هن کي محبت جتائڻ لڳندي آهي، پر، ديوداسَ! مان اهو پاروَتي جي طرفان چئي رهي آهيان، پنهنجي طرفان نہ.“

”مان هاڻي هلان ٿو.“ ديوداس وڃڻ جي لاءِ تيار ٿيندي چيو.

”ٿوري دير اڃا ويهہ. مان ڪڏهن بہ توکي اهڙي طرح هوش ۾ ناهي ڏٺو. ڪڏهن بہ اهڙي طرح تنهنجي هٿن ۾ پنهنجا هٿ ڏئي ڳالهيون ناهن ڪيون. ڪيڏو نہ مزو ٿو اچي.“ اهو چوندي چندرمُکي زور سان کلڻ لڳي.

”تون کلي ڇو رهين آهين؟“ ديوداس حيران ٿيندي پڇيو.

”ائين ئي. بس، هڪ پراڻي ڳالهہ ياد اچي وئي. ڏهہ سال اڳ جڏهن مان عشق جي چڪر ۾ اچي گهر گهاٽ ڇڏي هلي آئي هئس. تڏهن دل ۾ رکيو اهو هو تہ مان ڪيترو نہ عظيم ڪم ڪري رهي آهيان. شايد عشق جي خاطر پنهنجي جان بہ ڏئي ڇڏيان ها. پر پوءِ هڪ معمولي زيور جي ڪري اسان ٻنهي ۾ جهيڙو ٿي پيو. انهي وقت کانپوءِ اسان ٻنهي هڪ ٻئي جو مُنهن بہ ناهي ڏٺو. تنهن وقت دل کي اها تسلي ڏني هيم تہ هُو مون سان سچو پيار نہ ڪندو هو، نہ تہ ڇا هُو مون کان هڪ زيور رکي ها. سچي پيار جي خاطر عاشق پنهنجي جان بہ ڏئي ڇڏيندا آهن.“

هڪ ڀيرو وري چندرمُکي دل ئي دل ۾ مرڪي ڏنو. پر هڪدم سنجيده ٿي وئي. هن هوريان چيو. ”ڪڏ ۾ وڃي پيون زيور. انهيءَ وقت ڪهڙي خبر هئي تہ معمولي مٽي جي سور کي ختم ڪرڻ جي لاءِ بي خوف ٿي پنهنجي جان بہ ڏئي سگهجي ٿي. انهي وقت تہ سيتا، دينتيءَ جي ڳالهہ ئي سمجهہ ۾ نہ پئي آئي ۽ نہ وري جڳائي مڳائي واري داستان تي ئي ڪو يقين ايندو هو. چڱو، ديوداسَ! اهو تہ ٻڌاءِ، ڇا هن دنيا ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ڪجهه ممڪن آهي؟“

ديوداس ڪجهه به نه چئي سگهيو. هُو بُت بڻيو هن جو مُنهن ڏسندو رهيو. پوءِ چوڻ لڳو، ”چڱو، چندرمُکي! مان هاڻي هلان ٿو.“

”گهبرائين ڇو ٿو؟ ڪجهه دير ته اچا وڏيڪ ويهه. هاڻي مان تون کي وڏيڪ ڏوکو نه ٿي ڏئي سگهان، هاڻي منهنجا اهي ڏينهن ناهن رهيا. تون جيتري مون کان نفرت ڪندو آهين، تنهن کان وڏيڪ نفرت مان پنهنجي پاڻ کان ڪندي آهيان. هڪ ڳالهه پڇانءِ؟ ديوداسَ! تون شادي ڇو نه ٿو ڪرين؟“

”شادي ڪرڻ جي لاءِ سوچيندو ته آهيان، پر دل نه ٿي چوي.“

”دل چوي يا نه چوي، پر شادي ضرور ڪر. شايد ٻارن ٻچن جو مُنهُن ڏسي ڪجهه سُڪون ملي وڃئي. انهي کان سواءِ منهنجي لاءِ به هڪ راهه نڪري ايندي. تنهنجي گهر ۾ نوڪرياڻي ٿي، پنهنجي زندگي جا ٻچيل ڏينهن سُڪون سان گذاريندي.“

”نيڪ آهي. ان وقت مان تو کي ضرور گهرائيندس.“ ديوداس کلندي چيو.

چندرمُکي جڙ سندس کل نه پئي ڏسي سگهي. هن سانگئي لهجي ۾ ڳالهايو، ”دل ٿي چوي ته توکان هڪ سوال وڏيڪ پڇان.“

”ڪهڙو سوال؟“

”تو ايترو وقت مون سان ڳالهه ٻولهه ڇو نه ڪئي؟“

”ڇا انهي ۾ به ڪو حرج آهي؟“

”اهو ته معلوم ناهي پر ڪجهه نواڻ ضرور آهي، انهي کان اڳ جيستائين تون شراب جي نشي ۾ چُور نه ٿي ويندو هئين، تيستائين مون طرف اک کڻي به نه ڏسندو هئين.“

انهي سوال جو ڪوئي جواب نه ڏيندي، ديوداس چيو. ”هاڻي ته مان شراب کي هٿ به ناهيان لائيندو. توکي خبر ناهي، منهنجي والد صاحب جو انتقال ٿي ويو آهي.“

گهڻي دير تائين چندرمُکي هن کي عجيب نظرن سان ڏسندي چيو، ”ڇا هاڻي ڪڏهن به شراب نه پيئندين؟“

”پڪ سان ڪجهہ نہ تو چئي سگهان.“

چندرمُکي سندس هٿن کي اجا بہ وڌيڪ سُکَ ڪري جهليو ۽ پوءِ روئندڙ لهجي ۾ چيو، ”جيڪڏهن تي سگهئي تہ شراب هميشہ جي لاءِ ڇڏي ڏي. ايترو سگهارو ۽ سهڻو جسم برباد نہ ڪر.“

ديوداس هڪدم اٿي بيٺو ۽ چيائين، ”ٺيڪ آهي، مان هاڻي هلان ٿو، تون جتي بہ رهين، مون کي انهي جو اطلاع ضرور ڏجان، جيڪڏهن ڪڏهن بہ ڪنهن شيءِ جي ضرورت محسوس ڪرين تہ گهرڻ ۾ شرم نہ ڪجان.“

چندرمُکي ديوداس کي الوداع ڪيو ۽ سندس پيرن جي مٽي پنهنجي نرڙ تي هنئي ۽ پوءِ چيو ”مون کي آشيرواد ڏي تہ جيئن منهنجا ڏينهن سُکون سان گذرن. هڪ ڳالهہ ٻي بہ چوانءِ ٿي تہ ايشور نہ ڪري جي وري ڪڏهن هن گناهگار جي ضرورت پوني تہ ياد ضرور ڪجان.“

”ٺيڪ آهي.“

ديوداس هليو ويو. چندرمُکي هٿ ٻڌي، روئندي دعا گهري ”ڀڳوان! هڪ ڀيرو وري هن سان ضرور ملاقات ڪرائجان.“

◆

ٻہ سال گذري ويا. پاروَتيءَ مهيندر جي شادي ڪرائي ڇڏي ۽ گهڻي حدتائين بي فڪر ٿي وئي. سندس نُنهُن جو نالو جلدبالا هو. جيڪا تمام گهڻي هوشيار ۽ چالاڪ ڇوڪري هئي. پاروَتيءَ جي بدران هاڻي سڀ ڪم پاڻ ئي ڪندي هئي. پاروَتي جي دل هاڻي ٻئي پاسي لڳڻ لڳي. جيتوڻيڪ سندس شادي ٿئي پنج سال ٿي چڪا هئا، پر اڃا تائين کيس اولاد نہ ٿيو هو. انهي ڪري ٻين جي ٻارن سان تمام گهڻو پيار ڪندي هئي. غريبن ۽ مسڪينن کي تہ ڇڏيو پر جيڪي ماڻهو سٺو ڪمائيندا پيئندا هئا، انهن جي ٻارن جو خرچ بہ هن پنهنجي ذمي ڪري ڇڏيو هو. انهي کان سواءِ مندرن ۾ پوڄا پاٺ، ساڌو فقيرن جي خدمت چاڪري ۽ نابينن، معذورن جي شيوا ڪرڻ ۾ ئي گهڻو وقت گذري ويندو هئس. پنهنجي مڙس کي چئي پاروَتي هڪ مهمان خانو ٺهرائي ڇڏيو هو. جنهن ۾ غريب ماڻهن کي رهڻ ڏنو ويندو هو. زميندار صاحب جي طرفان هتي انهن جي خدمت لاءِ مڪمل انتظام ڪيل هو. هتي کين ڪپڙا ۽ کائڻ پيئڻ جو سامان بہ ملي ويندو هو.

انهي کا علاوہ هڪ ڪم جيڪو پاروَتي ڪيو هو، سو هي هو تہ هُوءَ غريبن ۽ سفيدپوش ماڻهن جي هر مهيني روڪ پيسن جي مدد بہ ڪندي هئي. انهي ڳالهہ جي ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي. هُوءَ اهو سڀ پنهنجي خرچ وارن بچيل پيسن مان ڪندي هئي. پنهنجي مڙس کان ملندڙ هر مهيني وارو خرچ سڀ جو سڀ، هُوءَ خير خيرات ۾ دانُ ڪري ڇڏيندي هئي. اها خبر ٻين دلالن کان لڪي نہ سگهي. اهي پاڻ ۾ سُس پُس ڪندا رهيا، انهن جو خيال هو تہ اڄ ڪلهہ گهر ۾ خرچ اڳ کان وڌيڪ ٻيڻوٽيڻو ٿيڻ لڳو آهي. خزانو خالي آهي ، پيسا ڪجهہ بہ جمع نہ ٿا ٿين. گهر جو خرچ وڌڻ تي نوڪرن ۽ نوڪرياڻين کي بہ ڏک ٿيڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو. اها ڳالهہ جلدبالا تائين پهچڻ کانسواءِ نہ رهي سگهي، هڪ ڏينهن هُوءَ پنهنجي مڙس کي چوڻ لڳي، ”ڇا گهر ۾ تنهنجو ڪو بہ اختيار ناهي؟“

”ڇو؟ ڇا ڳالهہ آهي؟“ مهيندر ڄاڻڻ چاهيو.

شريمتيءَ چيو ”سيني نوڪرن ۽ نوڪرياڻين کي انهي ڳالهہ جي خبر آهي ۽ اوهان کي ذرو بہ خبر ناهي. بابا بہ ڪجهہ نہ ٿو چئي ۽ نہ ئي پنهنجي نئين زال کي ڪجهہ چئي ٿو سگهي. پر توکي تہ ڪجهہ سوچ سمجهہ کان ڪم وٺڻ گهرجي.“

مهيندر کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. هن بي چين ٿيندي چيو: ”پلا ڳالهہ ڇا آهي؟ ڪجهہ ٻڌاءِ بہ تہ؟“

جلدبالا سنجيدا ٿيندي پنهنجي مڙس جا ڪَنَ ڀرڻ لڳي. ”تنهنجي نئين ماءُ کي تہ ٻار ٻچا ناهن ٿيا. تنهن ڪري گهر طرف سندس ڪو بہ ڌيان ناهي. تون تہ سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهين، پيسا ڪيئن نہ وڏي بيدردي سان زيان ڪيا پيا وڃن.“

”ڪهڙي طرح؟“ مهيندر ڪاوڙ ڪندي چيو.

”اڪيون هجنئي تہ ڏسين نہ!“ جلدبالا چوندي رهي، ”اڄڪلهہ گهر ۾ اڳ کان ٻيڻو ٽيڻو خرچ ٿي رهيو آهي. هر وقت خير خيراتون، ساڌن ۽ فقيرن تي دولت لٽائي پئي وڃي. اهو بہ سنو آهي تہ هوءَ پنهنجو پرلوڪُ ٺاهي رهي آهي، پر اسان جا ٻار هن دنيا ۾ ڇا کائيندا؟ جڏهن سڀ ڪجهہ هليو ويندو تہ پوءِ خيرات گهرڻ جي نوبت اچي ويندي.“

”اڇا! تہ تون امان جي ڳالهہ ڪري رهي آهين؟“ مهيندر پلنگ تي ويهندي چيو.

”منهنجي تہ قسمت ئي ڦٽل آهي، جو اڄ سڀ ڳالهيون زبان سان چوڻيون ٿيون پَوَن.“ جلدبالا چيو.

”انهي لاءِ تون ماءُ جي خلاف شڪايت ڪرڻ آئي آهين؟“ مهيندر چيو.

”مون کي شڪايت ڪرڻ جي ضرورت ناهي. مون کي جيڪو چوڻو هو سو مون چئي ڇڏيو. پوءِ ڪڏهن مون کي قصوروار نہ سمجهجانءِ.“ جلدبالا ڪاوڙمان چيو.

”تنهنجي پيءُ جي گهر تہ چلهہ تي ديڳڙي بہ ناهي چڙهندي، پوءِ تون زميندار جي گهر جي خرچن مان ڇا ڄاڻين؟“ مهيندر ڪجهہ سوچي جواب ڏنو.

”ءِ تنهنجي ماءُ جي گهر ڪهڙا لنگر خانا کليا پيا آهن.“ جلدبالا غصي ۾ اچي چيو.

مهيندر بنان بحث ڪرڻ جي ماٺ رهيو. هُو صبح جو اُٿي پارَوتيءَ وٽ وڃي چوڻ لڳس: ”امان! تو هيءَ واهہ جي سٺي شادي ڪرائي. هن سان منهنجو گهر نہ ٿو هلي سگهي. تنهن ڪري سوچي رهيو آهيان تہ مان ڪلڪتي هليو وڃان.“

”ڇا جي لاءِ؟ پٽ!“ پارَوتي حيران ٿيندي پڇيو.

”هُوءَ توهان جي لاءِ نہ چوڻ جهڙيون ڳالهيون ڪري رهي آهي، انهي ڪري مون هن کي ڇڏي ڏنو.“

پارَوتي ڪجهہ ڏينهن کان جلدبالا جا رنگ ڍنگ ڏسي رهي هئي، پر پوءِ بہ هن پنهنجي جذبن کي روڪيندي چيو.

”پُٽَ! هوءَ تہ منهنجي لاڏلي نُنهُن آهي.“

تنهن کانپوءِ پارَوتي جلدبالا کي گهرائي چوڻ لڳي، ”نُنهُن! ڇا توهان ٻنهي جي وچ ۾ جهيڙو ٿيو هو؟“

مهيندر جي ڪلڪتي وڃڻ وارين تيارين کي ڏسي جلدبالا دل ئي دل ۾ ڊڄي وئي. پنهنجي سَسُ جون ڳالهيون ٻڌي هُوءَ روئي پئي ۽ چوڻ لڳي، ”سڀ قصور منهنجو آهي، امان! اهي نوڪرياڻيون تمام گهٽي خرچ ٿيڻ جون ڳالهيون ڪنديون هيون.“

جڏهن پارَوتي کي سيني ڳالهين جي خبر پئي تہ شرم جي ماريل پنهنجي نُنهُن جا ڳوڙها اگهندي چيائين: ”نُنهُن! تون صحيح تہ چوين ٿي. منهنجي ڌيءُ! مون کي گهر هلائڻ جو ڪو خاص تجربو ناهي، تنهن ڪري ايترو خيال ناهي رهندو.“

پارَوتي پوءِ مهيندر کي گهرائي چيو: ”پُٽَ! توکي ائين ڪاوڙ ڪرڻ نہ ٿو سونهين. تون مڙس ماڻهو آهين. تنهنجي پلائي چاهڻ کان سواءِ منهنجي نُنهُن جي لاءِ باقي ٻيو سڀ ڪجهہ حقير هجڻ قدرتي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ صحيح بہ اهو ئي آهي. نُنھن تون لڪشمي آهين.“

انهي ڏينهن کان پاروَتي خرچ ڪرڻ کان پنهنجو هٿ هٽائي ڇڏيو. هاڻي مهمان خاني ۾ پهريون وانگر خدمت نہ ٿيڻ لڳي. ڪيئي جوڳي فقير خالي هٿ وڃڻ لڳا. زميندار صاحب هڪ ڏينهن پاروَتي کي گهرايو ۽ چيو. ”چو خزانو خالي ٿي ويو آهي ڇا؟“

پاروَتي کلندي چيو: ”ڏهاڙي ڏيڻ سان ڪم نہ ٿو هلي، ڪجهہ ڏينهن جمع بہ ڪرڻ گهرجي. ڇا اوهان کي خبر ناهي تہ خرچ ڪيتري قدر وڌي ويا آهن؟“

”جيڪڏهن وڌي ويا آهن تہ وڌڻ ڏي-هاڻي زندگي جا باقي گهٽا ڏينهن رهجي ويا آهن! جيڪي ٿورا گهٽا ڏينهن بچيا آهن، ڇو نہ اهي سٺن ڪمن ۾ گذاريا وڃن؟ گهٽ ۾ گهٽ هُو جهانُ تہ سڌري ويندو.“

”اها تہ پُجَ جي ڳالهہ آهي.“ پاروَتي کلندي چيو: ”رڳو پنهنجو ئي پلو ڇاهڻ سٺو ناهي هوندو. گهٽ ۾ گهٽ ٻارن ٻچن جو تہ خيال رکڻ ضروري آهي-ڪجهہ ڏينهن ائين ئي رهڻ ڏيو. بعد ۾ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو.“

زميندار صاحب چپ رهيو.

پاروَتي هاڻي ايترو گهٽو ڪم ڪري نہ سگهندي هئي. تنهن ڪري ڪجهہ ڳتي بہ گهٽ ٿي وئي هيس. پر ڳتيون بہ تہ ڪيترن ئي قسمن جون هونديون آهن. جنهن ماڻهوءَ کي زندگي ۾ ڪجهہ اميدون لاڳاپيل هجن تہ اُهو ڪجهہ ٻئي طريقي سان سوچيندو آهي ۽ نااميدي جو طريقو ڪجهہ ٻيو ئي هوندو آهي. پهرئين قسم جي فڪر ۾ ڏک ئي ڏک هوندا آهن، پر ٻئي فڪر ۾ نااميدي ئي پريل هوندي آهي. بي صبر ماڻهوءَ جي لاءِ هن دنيا ۾ ڪجهہ بہ ناهي هوندو. ڏک ۽ غم ئي سندس ساٿي هوندا آهن. انهن جي اکين مان ڳوڙها ڪرندا آهن. انهن ۾ ڪجهہ سنجيدگي بہ هوندي آهي، پر اهي ئي غم هنن کي هر وقت نئين طريقي سان تنگ ناهن ڪندا. اُهي هلڪن ڪڪرن وانگر آسمان تي سفر ڪندا آهن، جتي هوا نہ هوندي اتي رڪجي ويا، جتي هوا جو هڪ بہ جهوٽو آيو تہ وري سفر ڪرڻ شروع ڪندا آهن.

پارَوتي جي بہ اڄ ڪلهہ اها ئي حالت هئي. جڏهن بہ هوءَ پوڄا پاٺ ڪرڻ ويهندي هئي تہ سندس دل، ڪڏهن سوناپور ڳوٺ جي بانس وارن وڻن ۾، ڪڏهن تلاءَ جي ڪناري تہ ڪڏهن اِسڪول جا چڪر هڻڻ لڳندي هئي ۽ ڪڏهن اهڙي جڳهہ تي ڦاسي پوندي هئي جو پاروَتي کي اها هٿ ڪرڻ ۾ گهڻي ڏکيائي ٿيندي هئي. پهرين ڪڏهن ڪڏهن سندس چپن تي مرڪ اچڻ لڳندي هئي، پر هاڻي هن جا ڳوڙها وهي "پنج پاتر" واري پاڻيءَ ۾ ملي ويندا هئا. ڏينهن تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح گذري ويندا هئا، محنت وارو ڪم ڪندي، کلڻ، پوڄ نڪاءَ ۾ يا غم ۽ ڏک ۾، نااميدي ۾ يا پوڄا پاٺ ۾، ڏينهن تہ گذري ئي ويندا آهن. ڪوئي هن کي لڪشمي چوندو آهي تہ ڪوئي هن کي اَڻ مڃيل ساڌني.

پر ڪالهہ صبح هن ۾ عجيب قسم جي تبديلي اچي وئي. ائين پيو لڳي تہ ڄڻ هن ۾ ڪجهہ سختي ۽ تيزي اچي وئي هجي. جيئن ندي ۾ چاڙهہ اچي ويو هجي. ڪو بہ انهي جو سبب نہ پيو ڄاڻي، آخر انهي جو بہ ڪو نہ ڪو سبب تہ ضرور هوندو. اهو هو منورما جو خط جيڪو ڪالهہ ئي پاروَتي کي مليو هو. اهو ڪجهہ هن ريت لکيل هو.

"پارو!

ڪيترن ئي ڏينهن کان تنهنجو خط ناهي مليو ۽ نہ وري تو ڏي لکي سگهي آهيان. ان ۾ ٻنهي جي غلطي سمجهڻ گهرجي. پر وري بہ سوچيان ٿي، تہ انهي سلسلي ۾ پاڻ ۾ ڪو سمجهوتو ڪري وٺون تہ تمام سٺو آهي. اسان ٻنهي جي انهيءَ ۾ چڱائي آهي تہ اسان ٻئي پنهنجيون پنهنجيون غلطيون مڃي وٺون، جنهن سان ٻنهي جي دل ۾ هڪ ٻئي جي خلاف مِيرُ نڪري ويندو. مان تو کان عمر ۾ وڏي آهيان، انهي ڪري مان ئي توکان معافي وٺان تہ سٺو آهي، هاڻي مون کي پوري اميد آهي تہ تون منهنجي خط جو جواب جلدي ڏيندينءَ. هتي ايندي مون کي اٽڪل هڪ مهينو ٿي ويو آهي. اسان عورتون آهيون ۽ وري گهر جي ڪمن ڪارين ۽ جسماني اگهائي سگهائيءَ بابت سوچينديون ئي نہ آهيون. جيڪڏهن اهڙي طرح هڪ ڏينهن مري بہ ويون سين تہ

اهو ئي ڇيو ويندو تہ سنو ٿيو جو گنگا پار هليون ويون ۽ جيستائين جيئريون آهيون، تيستائين اهو ئي چونديون آهيون تہ مان نيڪ آهيان. چڱو جيڪو وقت گذري ٿو سو صحيح آهي. اهي تہ آهن اسان عورتن جون ڳالهيون.

هيڏانهن هوڏانهن جون ڪي بہ خاص ڳالهيون ناهن. سڀ ڪجهہ صحيح هلي رهيو آهي. پوءِ بہ هڪ ڳالهہ تو تائين پهچائڻ جي ڏاڍي تمنا آهي. ڪالهہ کان اها سوچ اچي رهي آهي تہ اها ڳالهہ توکي ٻڌايان يا نہ ٻڌايان. پر مان انهي کي روڪڻ کان مجبور آهيان. بلڪل سِراب واري حالت آهي. ديوداس جي حال جي تہ توکي خبر ئي آهي پر هاڻي سندس حالت ڏسڻ تي روئڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. سندس پڳوان ئي مالڪ آهي. هاڻي مان سوچيان ٿي تہ سنو ٿيو تہ تنهنجي هن سان شادي نہ ٿي، نہ تہ تون زهر کائي مري وڃي ها يا وري پاڻي ۾ ٻڏي. جيستائين ديوداس جو سوال آهي تہ انهي جي باري ۾ اڄ نہ تہ سڀاڻي سيني کي خبر پئجي ويندي، هن جي ڳالهہ ڪيتري لڪائبي. دنيا سندس باري ۾ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿي.

ديوداس کي هتي ايندي جيڪڏهن گهڻا نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ پنج ڇهہ ڏينهن تہ ضرور ٿيا هوندا. اها تہ توکي خبر هوندي تہ سندس ماءُ ڪاشي وئي آهي ۽ ديوداس ڪلڪتي رهڻ شروع ڪيو آهي. سندس گهر اچڻ جو سبب اهو آهي تہ هُو پنهنجي پاءُ سان جهيڙو ڪري، پيسن جي ورهاست ڪري. ائين بہ ٻڌو آهي تہ انهيءَ وچ ۾ ديوداس ڪيترائي پيرا گهر آيو آهي ۽ پيسا وٺي واپس هليو ويو.

سندس پيءُ کي گذرئي اڄان بہ اڍائي سال مَس ٿيا هوندا ۽ هو انهي عرصي ۾ پنهنجي اڌ ملڪيت وڃائي چڪو آهي. دوج داس ڪجهہ سوچي سمجهي هلڻ وارو ماڻهو آهي. اهو تمام سنو ٿيو آهي جو هن سڀ ڪجهہ پنهنجي هٿ ۾ رکيو آهي، نہ تہ هن مهل تائين سڀ ڪجهہ ختم ٿي وڃي ها. جيڪو ماڻهو شراب ۽ طوائف تي پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏڻ تي ضد ڪيو ويٺو هجي، تنهن جي پڳوان کان سواءِ ڪير ٿو حفاظت ڪري سگهي. يمراج ئي سندس سنڀال

ڪري سگهي ٿو.

هن تي ڪاوڙ بہ اچي ٿي ۽ رحم بہ. ڪيترو نہ حَسِين جسم هئس ۽ اج ڪجهہ بہ ناهي رهيو. هن کي ڏسي ائين محسوس ٿئي ٿو تہ هُو ديوداس ناهي. روئڻي شڪل هوندي اٿس. مٿي جا اڌ ڏوتل وار وڪريل رهندا اٿس. اکيون اندر هليون ويون اٿس ۽ نڪ ڪنڊي وانگر ٻاهر نڪري آيو اٿس. سندس بُري حالت مان توکي ڪيئن ٻڌايان. هاڻي تہ هن کي ڏسندي ڊپ ٿيندو آهي. نفرت ٿي وئي آهي. سڄو ڏينهن بندوق کڻي پکين جو شڪار ڪندو رهندو آهي. پوءِ منجهند جو سخت اس ۾ واڙي پرسان وڻ جي هيٺان پيو هوندو آهي. شام جو گهر اچي وري شراب پيئندو آهي. رات جو بہ سمهندو آهي يا جاڳندو آهي؟ اهو ڀڳوان ئي ٿو ڄاڻي.

ڪجهہ ڏينهن ٿيا آهن، مان تلاءَ تان پاڻي ڀرڻ ويس تہ ديوداس نظر آيو. سڄو سُڪي ويو هو ۽ مُنهن مرجهايل هئس. هٿ ۾ بندوق کڻي اچي رهيو هو. جڏهن مون کي سڃاتائين تہ ويجهو هليو آيو ۽ سامهون بيهي رهيو. منهنجو ڊپ مان ساهہ نڪري رهيو هو. انهي وقت اُتي ٻيو ڪير بہ نہ هو. ان ڪري مان اجا بہ وڌيڪ ڏڪي رهي هئس. مان ڀڳوان جي ٿورائتي آهيان جو هن مون سان چرين وارو ڪو بہ ورتاءُ نہ ڪيو. شريف ماڻهن وانگر چيائين:

"منو ڀيڻ! خوش تہ آهين؟"

مون ڊڄندي ۽ ڏڪندي چيو "ها." ۽ انهي کان علاوه مان ٻيو ڇا چئي سگهان؟

هن هڪ گهڙي آهہ ڀري ۽ چيو: "سدائين خوش رهہ، ڀيڻ! توکي خوش ڏسندي تمام گهڻي خوشي ٿيندي آهي."

پوءِ هُو هليو ويو. انهي وقت ڊپ جي ڪري منهنجو حال تمام برو هو. مرندي مرندي اُتان ڀڄي آيس. اهو ڪيترو نہ سٺو ٿيو جو هُنَ منهنجو هٿ نہ پڪڙيو. خير رهڻ ڏي اهي ڳالهيون. جيڪڏهن هن جو سڄو حال لکنديس تہ سڄو خط هن جي ڳالهين سان ڀرجي ويندو.

ڀيڻ! مان سوچي رهي آهيان تہ ڪٿي هي ڳالهيون ٻڌندي، تو کي

ڏک نہ ٿئي. تي سگھي تہ تون اجان هن کي وساري نہ سگھي هجين، پر هاڻي چا تو ڪري سگھجي. جيڪڏهن مون کان ڪي غلطيون ٿي ويون هجن تہ مون کي معاف ڪجان.

تنهنجي ڀيڻ،
منورما

ڪالهہ پاروَتي کي خط مليو ۽ هن مهيندر کي گھرايو ۽ چيو: ”مان تال سوناپور ڳوٺ وڃڻ جو سوچي رهي آهيان. ان لاءِ ٻن ڏولين ۽ ڪجھہ مزورن جي ضرورت پوندي.“

مهيندر حيران ٿيندي پڇيو.

”ڏولين ۽ مزورن جو انتظام ٿي ويندو، پر ٻن ڏولين کي ڇا ڪندينءَ؟“

”توکي بہ مون سان گڏ هلڻو پوندو. جيڪڏهن رستي تي ئي مان مري وڃان تہ لاش کي باهہ ڏيڻ جي لاءِ وڏي پٽ جي ضرورت پوندي آهي.“ پاروَتي چيو.

مهيندر خاموش ٿي ويو. بہ ڏوليون آيون ۽ ٻئي تال سوناپور ڳوٺ لاءِ نڪري ويا.

جڏهن اها خبر زميندار صاحب جي ڪنن تائين پهتي تہ هو گھبرائجي ويو. هن گھر جي سيني نوڪرن چاڪرن کان پڇا ڳاڇا شروع ڪئي، پر اهي ڪو بہ سبب نہ ٻڌائي سگھيا. نيٺ زميندار صاحب پنهنجو ئي عقل استعمال ڪيو.

ڪجھہ نوڪرن ۽ بہ چار چوڪيدارن کي انهي طرف روانو ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي اها هدايت ڪيائين تہ جيڪڏهن اهي رستي ۾ هنن سان ملي وڃن تہ کين واپس وٺي اچڻ جي ضرورت ناهي پر انهن جي سنڀال لاءِ انهن سان گڏ هجن ۽ انهن کي رستي ۾ ڪا بہ تڪليف ٿيڻ نہ ڏين.

شام جو وقت هو. ٻئي ڏوليون تال سوناپور ڳوٺ پهچي ويون، پر ڳوٺ ۾ ديوداس نہ هو. هو انهيءَ ڏينهن منجهند جو ئي ڪلڪتي هليو

ويو هو.

”هاءِ ڙي منهنجي قسمت!“ پارَوتي اهو چوندي پنهنجي منهن تي ڏک هڻڻ شروع ڪيا. هن وقت ديوداس سان ملڻ جي ڪا بہ صورت نہ هئي، تنهن ڪري هوءَ منورما سان ملڻ هلي وئي.

”پارو! ڇا ديوداس سان ملڻ آئي آهين؟“ منورما پڇيو.

”نہ- مان تہ هن کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ جي لاءِ آئي آهيان. هتي تہ سندس ڪو بہ پنهنجو ناهي.“ پارَوتي جواب ڏنو.

اهو ٻڌي منورما کي حيراني ٿي ۽ هن ڇرڪندي چيو: ”اهو ڇا چئي رهي آهين؟ تو کي اهو چوندي شرم نہ آيو.“

”ڪهڙو شرم؟ پنهنجي شي جيڪڏهن پاڻ سان گڏ وٺي ٿي وڃان تہ ان ۾ شرم جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“

”ڇي... ڇي! ! تنهنجو تہ هن سان ڪو بہ رشتو ناهي. پوءِ تو کي اهڙي ڳالهہ ڪندي ڪا بہ پشيماني نہ ٿي. اهڙي ڳالهہ ڪرڻ تہ پري پر زبان تي آڻڻ بہ نہ گهرجي.“

پارَوتي ڦڪي کل کلندي چيو: ”منو! جيڪا ڳالهہ دل ۾ پنهنجي جڳهہ پيدا ڪري وٺندي آهي، اها پوءِ ڪڏهن نہ ڪڏهن زبان مان نڪري ئي ويندي آهي. منهنجي پيڻ! انهي جي ڪري ئي مون اها ڳالهہ توسان ڪئي آهي.“

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ئي پارَوتي پنهنجي پيءُ ماءُ کان دعا ورتي ۽ ڏولي ۾ ويهي رواني ٿي وئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◆

ٻہ سال گذري ويا. اَشٽ جهوري ڳوٺ ۾ چندرمُکي پنهنجو گهر ٺهرايو. ننڍي ندي جي مٿانهين واري زمين هئي، اتي ٻہ ڪچا صاف سٿرا ڪمرا ٺهرايا. ويجهو ئي مَنَهَن ۾ ڪاري ڳئون ٻڌي پئي هوندي هئي. جيڪي ٻہ ڪمرا هئا انهن مان هڪ ۾ رڌ پچاءُ ڪندي هئي، جنهن جي ڪري انهي ڪمري ۾ ٿانوَ وغيرهہ پيا هوندا هئا ۽ ٻيو ڪمرو هن جي سمهڻ لاءِ هوندو هو. ڪمرن وانگر آڳر جي صفائي بہ گهٽ نہ هوندي هئي. گهر جي صفائي ڪرڻ لاءِ ڏهاڙي باگديءَ جي ڇوڪري رما ايندي هئي. آڳر ۾ چوڌاري ٻوٽا پوکيل هئا. وچ واري حصي ۾ هڪ طرف تُلسي جو ٻوٽو ۽ ٻئي طرف ٻيرِ جو وڻ لڳل هو. ويجهو ئي ندي جو گهيڙ هو. ڪجهہ مزورن جي مدد سان ڪجي جي وڻ کي ڪَپائي، انهي مان ڏاڪڻ تيار ڪرائي هئائين.

انهي گهاٽَ تي سواءِ چندرمُکي جي ٻيو ڪير بہ نہ ويندو هو. مينهوڳي وارن ڏينهن ۾ نديءَ ۾ چاڙهہ جي ڪري پاڻي چندرمُکي جي گهر تائين پهچي ويندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو هن لاءِ فڪرمند رهندا هئا. ڪوڏر ۽ بيلچا کڻي سندس گهر ۾ مٽي وجهي مٿي ڪندا هئا. هن ڳوٺ ۾ هاري، مهاڻا ۽ محنت مزوري ڪندڙ ماڻهو رهندا هئا. هتي ڪجهہ گهر تيلي، رانگڙ ۽ چمارن جا بہ هئا. هن ڳوٺ ۾ پهچندي ئي چندرمُکي سڀ کان پهريون ديوداس کي سنيهو اماڻيو. جنهن ڪيس ڪجهہ پيسا موڪلي ڏنا. چندرمُکي ڳوٺ جي ماڻهن کي پيسا اُڌارا ڏيندي هئي. ڪنهن بہ غريب تي ڪا پريشاني ۽ ڪا مصيبت ايندي هئي تہ هُو ڀڄندو چندرمُکي وٽ پهچي ويندو هو. پوءِ هُو چندرمُکيءَ کان ڪجهہ پيسا اُڌارا وٺي ئي موٽندو هو. چندرمُکي ڳوٺ وارن کي پيسا وياج تي نہ ڏيندي هئي- ٻر پوءِ بہ ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان

ڪيس ساڳُ، سايون ڀاڄيون ۽ ميون سميت انهن وٽ جيڪو ڪجھ بہ هوندو هو سو ڪيس ڏئي ويندا هئا. هوءَ پنهنجن پيسن جي واپسي لاءِ ڪين پريشان نہ ڪندي هئي. جيڪي واپس ڏئي سگھندا هئا سي واپس ڪري ڇڏيندا هئا ۽ جيڪي ڪنهن سبب جي ڪري پريشان هوندا هئا، انهن کي ڪجھ بہ نہ چوندي هئي. انهن ماڻهن کي چندرمُکي هميشہ کلندي چوندي هئي، ”هاڻي توهان جهڙن کي پيسا اُڌارا نہ ڏينديس.“

اهي بہ کلندي جواب ڏيندا هئا تہ: ”امان! هاڻي اهڙي دعا ڪيو جو هن ڀيري اسان جو فصل سنو ٿئي.“

چندرمُکي ڪين دعا ڏيندي هئي. جيڪڏهن وري بہ فصل سنو نہ ٿئي ۽ محنت مصيبت تي مٿان اچي بيهي رهي تہ دانهُن ڪرڻ تي وري ڪين ٻيا پيسا ڏئي ڇڏيندي هئي. رگھو دل ئي دل ۾ مرڪندي چوندي هئي، ”جيستائين هُو جيئرو آهي، مان پيسن جو فڪر ڇو ڪريان؟“

پر هاڻي هُو ڪاٿي آهي؟ ڇھ مهينا گذرڻ تي آهن پر هن جو ڪو بہ ڏس پتو ناهي. هُوءَ باقاعدگي سان ڪيس خط لکندي رهندي هئي پر اهي ساڳيا ئي خط واپس اچي ويندا هئا. رجسٽرڊ خطن جو بہ ڪوئي جواب نہ ايندو هو ۽ اهي بہ ساڳي طرح ئي واپس اچي ويندا هئا.

چندرمُکي ڪنهن کيرواري کي پنهنجي گھر جي پرسان ويهاريو هو ۽ سندس پُٽَ جي شادي ۾ تمام گھڻي مدد ڪيائينس. ساڍا ڏھ رپيا روڪ چوڪريءَ وارن کي ڏنائين ۽ بہ جوڙا ڏاند ۽ هَرَ بہ وٺي ڏنائين. سڄو ڪٽنب چندرمُکيءَ جي حڪم تي تيار رهندو هو. ائين چوڻ گھرجي تہ اُهي چندرمُکي جي هڪ اشاري تي ڪجھ بہ ڪرڻ لاءِ تيار هوندا هئا.

هڪ ڏينهن صبح سوير چندرمُکي انهي مالوَندَ کي گھرايو ۽ چيو، ”ڀيرُو! هتان کان تال سوناپور ڪيترو پري آهي؟“

”ڪجھ دير سوچڻ کان پوءِ ڀيرُو چيوُ: ”بہ ميدان پار ڪرڻ کان پوءِ هڪ اوطاق ايندي، اها ئي انهي ڳوٺ جي اوطاق آهي.“

”اتي شايد ڪو زميندار رهندو آهي.“

”ها، اهو ئي انهي علائقي جو زميندار آهي. اهو ڳوٺ به انهي جو آهي. اٽڪل ٽي سال ٿيا آهن جو زميندار صاحب جو انتقال ٿي ويو آهي. انهن ڏينهن ۾ شايد هڪ مهيني تائين سڄي زمينداريءَ ۾ پُوريون ۽ مٺائي ورهائي هئائون. شايد هن جا ٻه ڇوڪرا آهن، اهي تمام گهڻا امير آهن. ائين رهندا آهن ڄڻ ته بادشاهه هجن.“

”پيرُو! تون مون کي اتي وٺي هلي سگهين ٿو؟“ چندرمُکي پڇيو.

”امان! ڇو نه وٺي هلندس . جنهن مهل به حڪم ڪرين، مان هلڻ لاءِ تيار آهيان.“

”ته پو هل، اسان اڄ ئي هلون ٿا.“ چندرمُکيءَ هيجَ وچان چيو.

پيرُوءَ حيراني مان وراڻيو، ”ڇا اڄ ئي؟“ ان کانپوءِ هن چندرمُکي جي طرف ڏسندي چيو. ”ٺيڪ آهي، امان! تون تڪڙ ۾ ماني کائي وٺ. مان به تورو ڳنڍڻ ناهي ڪٽي تو اچان.“

”ڪجهه ڳنڍڻ ئي ٻڌي وٺ، هِنَ مهل مان ماني نه پچائيندس.“ چندرمُکي چيو.

پيرُوءَ گهر وڃي تورو سَتُو، تورو ڳُڙ ۽ چڻا چادر جي پَلَوَ ۾ ٻڌي ڪلهي تي لڙڪائي ڇڏيا. ڪجهه دير کان پوءِ هڪ لٺ به کڻي آيو ۽ چيو، ”هل، امان! پر واٽَ تي اوهان کائيندئو ڇا؟“

چندرمُکي جواب ڏيندي چيو، ”مون پوڄا پاٺ ته اڃا ناهي ڪئي، پوءِ کائيندس ڪيئن. تنهن ڪري سوچيان ٿي ته اُتي پهچڻ سان ئي سڀ ڪجهه ٿي ويندو.“

چندرمُکي ٻنو وٺي هلي رهي هئي. انهي ڦِڏي سِڌي دڳ تي هلندي کيس تمام گهڻي تڪليف ٿي رهي هئي. سندس اڳيان اڳيان پيرُو هلي رهيو هو ته جيئن چندرمُکي کي گَسُ ڏيکاري سگهي. چندرمُکيءَ جا نرم نرم پير ڇلجي ويا هئا ۽ انهن مان رت وهي رهيو هو. ٿاڪَ منجهند جي ڪاري اُسَ ۾ هن جو مُنهن ڳاڙهو ٿي ويو هو. چندرمُکي نه ڪجهه کاڌو پيتو هو ۽ نه وري وِهنتي هئي يا مُنهن ڌوتو هو. هُوءَ پنهنجي ڌُنَ ۾ مست بڻي، اڳتي وڌي رهي هئي. ڳوٺن جي ماڻهن ۽ ٻنين ۾ ڪم ڪندڙن کي حيرت ٿي رهي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندرمُکي ءَبلڪل سادو لباس پاتو هو. رڳو ڳاڙهيءَ وَٽِ واري اڇي ڌوتي، ٻہ ڪَڙا ۽ جسم تي ويڙهڻ لاءِ ٿلهي چادر پاتل هئس ۽ هُنَ پنهنجو اڌ مُنهُن ڍڪي ڇڏيو هو ۽ پنهنجي راهہ تي اڳتي وڌندي تي رهي. هُو سڄو ڏينهن هلندا، سڄ لهڻ مهل ڳوٺ پهتا. چندرمُکي مرڪندي پڇيو، "ڇا تو وارا ٻہ ميدان اسان پار ڪري چڪا آهيون؟"

پيرُو هن جي ڪِل سمجهي نہ سگهيو ۽ چيو: "اَمان! هاڻي تہ اسان اچي پهتا آهيون. اوهان تہ ڪڏهن تڪليف ناهي ڏني. ايترو ئي هلڻ ڪافي آهي، توهان ڇا هاڻي ئي واپس وڃڻ ٿا چاهيو؟"

چندرمُکي دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳي: "تون تہ اڄ مونئڻ جو چئي رهيو آهين. مان تہ شايد سياڻي ٻہ واپس نہ هلي سگهان." پوءَ وڏي آواز ۾ چيو "ڇا هتي ڏاند گاڏي ملي سگهي تي؟"

"ملي ڇو نہ ويندي؟ ماتاجي! چئو تہ بندوبست ڪيان."

هُو ڏاند گاڏيءَ جي ڳولا ڪرڻ هليو ويو. اُنَ وقت چندرمُکي زميندار صاحب جي گهر وارو دڳ ورتو. حويلي ۾ وڏي نُنهُن ويٺي هئي. نوڪرياڻي سان گڏ چندرمُکي اتي وڃي پهتي. هڪ گهڙيءَ لاءِ ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسنديون رهيون.

چندرمُکي وڏيءَ نُنهُن کي سلام ڪيو. هن جو سڄو جسم زيورن سان پُريو پيو هو. سندس اکيون اڀين نظر اچي رهيون هيون، ڇڻ تہ وڏائيءَ وچان ڦاٽي رهيون هجن. ڏند ۽ چپ پان کائي کائي ڪارا تي ويا هئس. سندس مُنهَن جو هڪ پاسو سُڄيل هو، شايد انهي پاسي سندس وات ۾ سوپاري پيل هئي. وار ڇڪي ٻڌل هئس ۽ انهن ئي وارن جو مٿي تي ونگوڙو ٺهيل هئس. ٻنهي ڪنن ۾ تمام گهٽيون واليون پاتل هئس. نڪ جي هڪ پاسي ۾ لونگُ پاتل هئس ۽ نڪ جي ٻئي پاسي ۾ سوراخ هئس، شايد ساهرن جي گهر ۾ نٿ پاتي ويندي هيس.

چندرمُکي ڏٺو تہ نُنهُن سٺي صحتمند آهي. رنگ سانورو اٿس، گول وڏيون وڏيون اکيون هئس. ڪاري رنگ جي ساڙهي پاتل هئس. تمام قيمتي بلائوزر پاتل هئس.

انهي قسم جي شڪل شبيهہ رکڻ واري عورت کي ڏسي چندرمُکي

ءَ جي دل نفرت سان ڀرجي وئي.

وڏي ننهن ڏٺو تہ چندرمکي ءَ جي عمر موٽ کائڻ واري آهي، پر پوءِ بہ رنگ روپ جسم مان هٽلون ڏئي ٻاهر پئي نڪتس. حُسن ڇڻ وهي رهيو هوس. هن سوچيو تہ شايد اسان ٻنهي جي عمر هڪ جيتري هجي پر هُوءِ پنهنجي انهي خيال تي ڀروسو نہ ڪري سگهي. وڏي ننهن پنهنجي زندگي ۾ ايترو حُسن سواءِ پاروتي جي ٻئي ڪنهن ۾ بہ نہ ڏٺو هو. هن حيران ٿيندي پڇيو.

”ڪير آهين تون؟“

”تنهنجو ئي راڄ آهيان. زمين جي ڍل مٿان چڙهي وئي آهي. تنهن ڪري ئي لاهڻ جي لاءِ هت آئي آهيان.“

”هت اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. عدالت ۾ وڃ.“ وڏي ننهن دل ئي دل ۾ مرڪندي چيو.

”ننهن راڻي! سڄي ڍل نہ ٿي ڏئي سگهان. تمام گهڻي غريب آهيان. اوهان جي رحم دلي ۽ سخاوت جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ ٻڌو اٿم، ان ڪري سوچيم تہ اوهان جي اڳيان اچي پنهنجي تڪليف رکان.“ چندرمکي مرڪندي جواب ڏنو.

هوءَ پنهنجي سڄي زندگي ۾ ڀڪريون ڀيرو ٻڌي رهي هئي تہ هُوءَ رحم دل ۽ سخياڻي بہ آهي ۽ ٻئي ڪنهن جو ڏک ٻڌي ٽڪو پيسو ڍلَ بہ معاف ڪري سگهي ٿي. زمينداري وارن ڪمن ۾ بہ هن جو ڪجهہ هٿ آهي. ان ڪري چندرمکي تي تمام گهڻو ترس کائيندي چيائين.

”ڏيءَ! اهو تہ زماني جو ڪاروهنوار آهي. نہ ڄاڻ ڪيترا ماڻهو ڪيترا سڄو ڏينهن ڏرڙو هنيو ويٺا هوندا آهن، جيڪڏهن انهن کي جواب تي ڏيان تہ دل نہ ٿي مڃي ۽ جيڪڏهن ها ٿي ڪيان تہ زميندار صاحب ناراض ٿو ٿئي. چڱو، تون اهو ٻڌاءِ تہ توکي ڪيتري ڍل ڏيڻي آهي؟“

”گهڻا ناهن، رڳو ٻہ روپيا ئي آهن، پر اهي بہ اسان غريبن جي لاءِ تمام گهڻا آهن. سڄو ڏينهن پنڌ ڪري هت پهتي آهيان.“

”هاءِ! غربت بہ ڪيڏي نہ وڏي بيماري آهي ۽ وري تون اسان جي

راڄ مان آهين. تو تي تہ اسان کي ضرور رحم ڪرڻ گهرجي." هُنَ پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي سڏيندي چيو، "او بُندو! ڪاڏي وئينءَ؟ هن کي ديوان ڄيءَ ڏي وٺي وڃ ۽ کين چئُہ تہ هن جا ڏوڪڙ معاف ڪري ڇڏي."

"ڇگُو، اهو تہ ٻڌاءَ تہ تون ڪتان جي رهڻ واري آهين؟" ننُهن راڻي وري پڇيو.

"توهان جي زمينداري ۾ ئي رهندي آهيان. ڳوٺ جو نالو اشٿ جهوري آهي، پر ننُهَن راڻي! اسان جا مالڪ تہ ٻہ ڄڻا آهن."

"اها تہ اسان جي قسمت خراب نڪتي." وڏي ننُهَن چوندي رهي.

"پر ٻيو آهي ئي ڪير؟ ڪجهہ ڏينهن ۾ سڀ ڪجهہ پنهنجو ٿي ويندو."

"ٻڌو آهي تہ ننڍي مالڪ تي تمام گهڻو قرض چڙهي ويو آهي؟" چندرمُکيءَ اداس ٿيندي پڇيو.

"سڀ اسان وٽ گروي پيو آهي. ننڍو مالڪ تہ صفا رول ٿي ويو آهي. ڪلڪتي ۾ سڀ ڪجهہ شراب ۽ ڇوڪرين جي پويان وڃائي چڪو آهي. هن مهل تائين نہ ڄاڻ ڪيترا پيسا وڃائي ڇڏيا اٿس، ڪو حساب ئي ناهي." وڏي ننُهَن کِلندي چيو.

چندرمُکي جي نڙي سُڪي وئي. هن کي تمام گهڻو ڏک ٿي رهيو هو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ هن چيو: "ننُهن راڻي! ڇا هاڻي هُو هت ناهي ايندو؟"

"ڇو ناهي ايندو؟ پيسن جي ضرورت هوندي اٿس تہ هليو ايندو آ. هت اچي ملڪيت گروي رکي، قرض کڻي وري واپس هليو ويندو آهي. اٽڪل ٻہ مهينا اڳ آيو هو. ٻارهن هزار رپيا وٺي ويو هو. هاڻي اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ هُو گهڻا ڏينهن جيئرو بہ رهندو يا نہ، ڇو تہ هُو تمام وڏي بيماري ۾ ورتجي چڪو آهي. ٿُو... ٿُو!" وڏي ننُهَن چوندي وئي.

چندرمُکي خوف وچان ڏکي وئي. "هُو ڪلڪتي ۾ ڪٿي رهندو آهي." چندرمُکيءَ غمگين ٿيندي پڇيو.

"اڙي ڇري! اها مون کي ڪهڙي خبر تہ هُو ڪا ٿي رهندو آهي ۽ ڪا ٿي نہ. هن بابت مون کي ڪابہ خبر ناهي. هُو ڄاڻي ۽ سندس شراب ڄاڻي. ٻڌو آهي تہ ڏينهن رات شراب جي نشي ۾ مست ٿي هوٽلن ۾ پيو

هوندو آهي. ”نُنهُن راڻي پنهنجي مُنهن تي ڏڪ هڻندي چيو.

چندرمُکي جذبات ۾ اچي اٿي بيهي رهي ۽ چيو، ”چڱو نُنهُن راڻي! هاڻي مان هلان ٿي.“

”ته تون وڃي رهي آهين، پلي وڃ. پر، هو بندو متي! ٻُڌ ته... !“ ۽ پنهنجي نوڪر کي سڏ ڪيو.

”نه... نه. اوهان تڪليف نه ڪيو. مان پاڻ ئي هلي وينديس.“

چندرمُکي هُن کي روڪيندي چيو ۽ هلي وئي.

هُنَ ٻاهر ايندي ڏٺو ته پيرُو بيٺو آهي ۽ سندس پرسان ڏاند گاڏي به بيٺي آهي ۽ انهي رات ئي هوءَ پنهنجي ڳوٺ موٽي آئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو چندرمُکي پيرُوءَ ڏي نياپو موڪلي گهرايو ۽ کيس چيو، ”مون کي ڪلڪتي وڃڻو آهي. شايد توکي هلڻ لاءِ وقت نه ملي، ان ڪري مان تنهنجي وڏي ڇوڪري سان وڃڻ ٿي چاهيان. تنهنجي ڇا مرضي آهي؟“

”جيئن توهان جي مرضي. اهي سڀ انتظام ته ٿي ويندا پر اتي ڪم ڪهڙو آهي؟ توهان ايترو ترت وڃڻ جون تياريون ڇو ڪري رهيون آهيو؟“ هن سوال ڪيو.

”ڪو خاص ڪم آهي.“

”۽، امان! اهو ٻڌايو ته واپسي ڪڏهن ٿيندي؟“

”اهو ته نه ٿي ٻڌائي سگهان ته واپسي ڪڏهن ٿيندي، منهنجو ارادو ته جلدي موٽي اچڻ جو آهي، پر وڌيڪ وقت به لڳي سگهي ٿو. مان ڪجهه به چئي نه ٿي سگهان ۽ ائين به ٿي سگهي ٿو ته مان واپس ئي نه اچان. مون کان پوءِ هِنَ گهر جو مالڪ تون آهين.“

هُنَ کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيو ۽ سندس اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا ۽ روئيندي آواز ۾ چيو.

”اهو ڇا چئي رهي آهين؟ امان؟ جيڪڏهن تون موٽي نه اينديءَ ته پوءِ اسان ڪيئن جيئرا رهي سگهنداسين؟“

چندرمُکي به پنهنجا ڳوڙها نه روڪي سگهي. پر پوءِ به ڪُوڙي ڪل ڪلندي چيو.

”تون اهو چا چئي رهيو آهين... ! مون کي هتي آئي ٻه سال ٻه ناهن ٿيا، ڇا ان کان اڳ توهان جيئرا نه هيا؟“

سادي طبيعت وارو پيرُو اِنَ جو ڪو به جواب نه ڏئي سگهيو. چندرمُکي سندس اها حالت ڏسي، سولائي سان سمجهي وئي.

جڏهن سڀ سامان گاڏي ۾ رکجڻ لڳو ته ڳوٺ جو مايُون ۽ مرد گڏ ٿي ويا، ڇگهو پلو ميڙُ اچي گڏ ٿيو. سيني جي اکين ۾ ڳوڙها نظر اچي رهيا هئا. چندرمُکي به پنهنجيون ڳوڙهن پريون اکيون لڪائي نه سگهي. چندرمُکي اڄ رڳو ديوداس جي لاءِ ئي پنهنجي ڳوٺ جي محبت، ڳوٺ وارن ماڻهن جو پيار ۽ پريم سميت سڀ ڪجهه ڇڏي وڃي رهي هئي. نه ته هن کي جيڪڏهن ڪلڪتي جي راڻيءَ وارو تخت به ڏنو وڃي ها ته به هوءَ هرگز نه وڃي ها.

ٻئي ڏينهن هو ڪشيتر مني جي گهر پهچي وئي. جنهن گهر ۾ هوءَ اڳ ۾ رهندي هئي اُتي هاڻي ڪو ٻيو رهڻ لڳو هو. چندرمکيءَ کيڪشيترمُني ڏسندي ئي حيرت ۾ ٻڏي وئي ۽ چيو. ”اڙي چندرا اچي وئي. ڪاٿي هئينءَ ايترا ڏينهن؟“

”اِله آباد ۾.“ چندرمُکي اصل ڳالهه لڪائيندي چيو.

ڪشيتر مُني ڪيس گهُور وجهي ڏسندي رهي ۽ پوءِ ڪجهه سوچيندي چوڻ لڳس، ”اڙي پيڻ! تنهنجا ڳهه ڳنا ڪاٿي آهن؟“

”مون وٽ آهن.“ چندرمُکي مرڪندي جواب ڏنو.

انهي ڏينهن ئي هُوءَ واپاري سان ملي ۽ ڪانئس پڇيو ته. ”منهنجا اڃا ڪيترا پيسا تو وٽ باقي بچيل آهن؟“

”ڪي سٺ ستر رپين جي لڳ ڀڳ هوندا، پر اهي اڄ نه، سڀاڻي ڏيندومانءِ.“ هن ڪجهه پريشان ٿيندي چيو.

”هاڻ ڏيڻ جي ضرورت ناهي... تون ڀيريون منهنجو هڪ ڪم ڪر.“ چندرمُکي چيو.

”ڪهڙو ڪم؟“

”مون کي هن پاڙي ۾ هڪ گهرُ ڪرائي تي گهرجي. ان لاءِ توکي تڪليف ڪرڻي پوندي. بس اهو ئي منهنجو ڪم آهي.“

”مان سمجهي ويس.“ واڻئي ڪلندي چيو.

”پر گهر سنو هجي، وهاڻي، چادر، ميز، ڪرسي وغيره سان سجايل هجي ۽ بسترو به عمدو هجڻ گهرجي.“

واڻئي ڪلندي ڪنڌ ڌوڻيو.

”شيشو، ڪنگو، خوبصورت رنگين ڌوتيون، بلائوز ۽ ان سان گڏ گِلٽ وارا خوبصورت زيور به گهرجن. ڇا تون اهو ٻڌائي سگهين ٿو ته اهو سڀ ڪجهه ڪٿان ملندو.“ چندرمُکي پڇيو.

”پر اهي سڀ شيون توکي ڪڏهن تائين گهرجن؟“

”جيترو جلدي ٿي سگهن، اوترو سنو آهي. پر هڪ ٻن ڏينهن جي اندر اندر ملي وڃن ته ڏاڍو سنو ٿيندو.“ تنهن کان پوءِ چندرمُکي سَوَ وارو نوٽ ڪڍي سندس هٿ ۾ ڏنو ۽ چيو، ”اهي شيون تمام خوبصورت هجڻ گهرجن، سستين شَيُن جي چڪر ۾ نه پئجان.“

چندرمُکي ٽئين ڏينهن پنهنجي نئين گهر ۾ اچي وئي. سڄو ڏينهن ڪيول رام سان گڏ گهر جي سجاوٽ ۾ گذاريائين ۽ شام ٿيڻ کان اڳ هن سينگار ڪرڻ شروع ڪيو. پهريو ته هن صابڻ سان مُنهن ڌوتو، پائوڊر، ڪريم ۽ لالڙي لڳائڻ کانپوءِ پانُ کائڻ ۾ مصروف ٿي وئي. انهي کان پوءِ پنهنجي جسم کي زيورن سان سجائڻ لڳي. هلڪو بلائوز پائي رنگين ساڙهي ٻڌڻ لڳي. هن نه ڄاڻ اڄ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ پنهنجا وار سَنواريا هئا. نرڙ تي بنديا لڳائي هُوءَ آئيني جي سامهون ويهي رهي. آئيني ۾ پنهنجو مُنهن ڏسي ڪجھ دير تائين سوچيندي رهي، ”نه ڄاڻ هن قتل قسمت ۾ اڃا ڪهڙا ڪهڙا رنگ پرجٽا باقي آهن؟“

جڏهن ڳوٺاڻي ڪيول رام اهي سينگار ڏٺا ته حيران ٿي ويو ۽ انهي حيراني ۾ هن سوال ڪيو.

”اهو ڇا ڪري رهي آهين؟ ڀيڻ!“

”اڄ منهنجو وَرُ اچڻ وارو آهي.“ چندرمُکيءَ کلندي جواب ڏنو.

ڪيول رام ڏسندو رهجي ويو.

ڪشيتر مُني شام ٿيڻ تي هُنَ جي گهر آئي ۽ چيو! ”اهو ڇا ڪري رهي آهين؟ چندرمُکي!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هاڻي وري انهيءَ جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي.“ چندر مُکي کلندي جواب ڏنو.

کشيتر مُني اهو سڀ ڪجهه ڏسندي رهجي ويو ۽ سوچيندي چيو، ”جيتري تنهنجي عمر وڌي رهي آهي ايترو ئي وڌيڪ تنهنجو روپ نکري رهيو آهي.“

انهي وقت ڪنهن دروازو کڙڪايو ۽ ڪيول رام پنهنجو رٽيل جملو دهرايو، ”هت ڪير به ڪونهي.“

جيڪڏهن پراڻي چاڻ سڃاڻ وارا ماڻهو ايندا هئا ته چندرمُکي دل کولي انهن سان ڳالهيون ڪندي هئي ۽ ديوداس جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪندي رهندي هئي، پر ڪير به هن کي ڪجهه ٻڌائي نه سگهيو ته هُو ڪاٿي آهي ته هُوءَ انهن کي ائين ئي موٽائي ڇڏيندي هئي. جڏهن ڪافي رات گذري ويندي هئي ته هُوءَ پاڻ ئي رستن تي نڪري پوندي هئي. سڄي پاڙي جو چڪر هڻندي هئي ۽ خاموشي سان ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌندي هئي. سڀ ماڻهو مختلف قسم جو ڳالهيون ڪندا هئا. پر جنهن ڳالهه ٻڌڻ جي ڳڻتيءَ ۾ هُوءَ هوندي هئي سا ڳالهه ڪو به نه ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته هن کي ائين لڳندو هو ته ڪو آهي جيڪو پنهنجو مُنهن ويڙهي هن جي پويان اچي رهيو آهي ۽ هن کي ڇُهڻ جي لاءِ پنهنجو هٿ اڳتي وڌائي رهيو آهي. انهي وقت چندرمُکي گهبرائجي پنتي هٽي ويندي هئي. ڏينهن، رات، منجهند، شام يا جنهن وقت به هن کي ڪا سهيلي ملندي هئي ته هُوءَ انهي کان اهو ضرور پڇندي هئي ته، ”تون ديوداس کي سڃاڻين ٿي، ديوداس کي؟“

”ڪهڙو ديوداس؟“ سندس سهيلي حيران ٿي پڇندي هئي.

چندرمُکي پنهنجي ديوداس جي باري ۾ ٻڌائيندي، پنهنجا حواس وڃائي ويهندي هئي ۽ چوڻ لڳندي هئي، ”اهو ئي سهڻو ۽ نکريل چهرو، گُهنڊيدار وار، مٿي تي ڪنهن ڌڪ لڳڻ جو نشان به اٿس. هُو تمام وڏو ماڻهو آهي. تمام گهڻي سادي طبيعت وارو آهي. پيسا پاڻيءَ وانگر وهائيندو آهي. تون هن کي سڃاڻين ٿي؟ ديوداس کي سڃاڻين ٿي، ديوداس کي؟“

ڪوبہ نہ ٻڌائي سگهيس تہ ديوداس ڪا تي آهي. هر ڏينهن اهو سلسلو جاري رهندو هو ۽ چندرمُکي نااميد ٿي گهر واپس موٽي ايندي هئي. پوءِ وري سڄي رات جاڳي رستن تي ڳولا ڪندي رهندي هئي. ننڊ اچڻ تي هوءَ پنهنجي پاڻ کي پٽڻ لڳندي هئي ، چوڻ لڳندي هئي، "ڇا هيءُ بہ ڪو سمهڻ جو وقت آهي!"

هڪ مهينو گذري ويو. هر ڏينهن اهو سلسلو ڏسي ڪيول رام اهڙي زندگي مان بيزار ٿي ويو. هن کي گهٻراهٽ ٿيڻ لڳي. هاڻي چندرمُکي کي پاڻ بہ اهو محسوس ٿيڻ لڳو تہ شايد ديوداس هتي ناهي. پر پوءِ بہ اها آس رکي، ڀڳوان جو نالو وٺي پنهنجا ڏينهن گذارڻ لڳي.

ڏيڊ مهينو گذرڻ وارو هو. اڄ رات هن جو مقدر جاڳڻ وارو هو. رات جو اٽڪل يارهن ٿيڻ وارا هئا. هُوءَ مايوس ٿي گهر واپس موٽي رهي هئي، جو هُنَ ڏٺو تہ ڏاڪڻين وٽ هڪ ماڻهو پنهنجي مُنهن ڳالهائي رهيو آهي. چندرمُکي ءَ جي دل خوشي ۾ نچڻ لڳي. هن کي ائين محسوس ٿيو تہ اهو آواز ڪجهہ ڄاتل سڃاتل آهي. اُهو ماڻهو شراب جي نشي ۾ چُور لڳو پيو هو. هُو اُونڌو ستو پيو هو، پر سندس آواز صاف اچي رهيو هو. ڇئني پاسي ڀَوائتي اُوندهہ پکڙيل هئي. تنهن ڪري ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ اچي رهيو هو. چندرمُکي سندس ويجهو آئي ۽ ڪيس سڏيندي چوڻ لڳي، "تون ڪير آهين؟ هتي ڇو اهڙي حالت ۾ پيو آهين؟"

"ٻڌ سَکي! مَنَ جي اها آسَ آ، پيرن ۾ هجي نَتُور جو سُوامي." هُنَ مدهوشي ۾ راڳ ڳائيندي چيو.

هاڻي چندرمُکي کي انهي ۾ ذرو بہ شڪ باقي نہ رهيو تہ اهو ديوداس ئي آهي. هن چيو "ديوداس!"

"هُون!" ديوداس ساڳئي لهجي ۾ جواب ڏنو.

"هتي پيو ڇا ڪري رهيو آهين؟ هل تہ گهر هلون."

"نہ... مون کي ڪاڏي بہ ناهي وڃڻو. بس مان هت ئي صحيح آهيان."

"تورو شراب اچا وڌيڪ پيئندين؟"

”ها، پيئندس.“ ايترو چوندي هن چندرمُکيءَ جي ڪنڌ ۾ پاڪر وجهندي چيو، ”هُون... تون ڪهڙي منهجي دوست آهين جو اڻين مون تي رحم ڪري رهين آهين!؟“

چندرمُکي پنهنجا ڳوڙها نہ روڪي سگهي. هن پنهنجي پوري سگهہ سان هن کي سڌو ڪري ويهاريو. هڪ نظر هن کي ڏسي چيو، ”اها ڪيتري نہ سٺي شيءِ آهي؟ ها نہ، ديوداس!“

چندرمُکي کي روئندي کل اچي وئي.

”ڏاڍي سٺي شيءِ آهي. هاڻي مون کي هلڻ ۾ مدد ڪر، پر هڪ گاڏيءَ جي ضرورت پوندي.“ ديوداس چيو.

”ها، گاڏي جي ضرورت ڇو نہ پوندي.“

”تون مون کي سڃاڻين ٿي؟ سندري!“ هلندي هلندي ديوداس پڇيو.

”ها، سڃاڻان ٿي.“

ديوداس وڏي آواز ۾ راڳ ڳائڻ لڳو، ”مون کي وسارڻ وارئو! قرب توهان جا، توهان کي سُڃاڻان!!“

تنهن کان پوءِ گاڏي آئي. چندرمُکي جو سهارو وٺندي، ديوداس گاڏي ۾ ويٺو. هُو وڏي مشڪل سان گهر پهتو. دروازي تي قدم رکڻ کان پوءِ ديوداس پنهنجا کيسا جاچيا ۽ چيو، ”تون مون کي تلاش ڪري وٺي تہ آئي آهين، پر منهنجا کيسا خالي آهن.“

چندرمُکي خاموش رهي. ديوداس کي هن پلنگ تي سمهاري ڇڏيو ۽ چيو، ”نيڪ آ، تون آرام ڪر.“

”مون ۾ ڪو ڪم آهي ڇا؟ پر ڏس، مون مان ڪا بہ اميد نہ رکجانءِ. منهنجا کيسا بلڪل بہ خالي آهن. سمجهي وئينءَ نہ.“ ديوداس صاف لفظن ۾ چيو.

چندرمُکي سڀ سمجهي وئي ۽ چيو ”نيڪ آهي، اهو سڀاڻي ڏجانءِ.“

”ٻئي تي ڀروسو نہ رکڻ گهرجي. تون صاف صاف ڇو نہ ٿي ٻڌائين تہ مون ۾ ڪهڙو ڪم اٽڪي.“ ديوداس ڪاوڙ مان چيو.

”اڄ نہ، سڀاڻي ٻڌائيندي مانءِ.“ چندرمُکي رڳو ايترو چئي ٻئي

ڪمري ۾ هلي وئي.

جڏهن ديوداس جون اکيون کليون ته هن ڏٺو ته ڏينهن تي ويو آهي اجا به منجهند تي وئي آهي. پر آس پاس ڪوبه ماڻهو نظر نه پيو اچي.

چندرمُکي سَنانُ ڪري ماني تيار ڪرڻ ۾ لڳي وئي هئي. ديوداس محسوس ڪيو ته هُو اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن به هن گهر ۾ ناهي آيو. هتان جي هر شيءِ هن جي لاءِ نئين هئي. گذريل رات به هُنَ جي ذهن تان بلڪل لهي وئي هئي. ڪيس رڳو اهو ياد هو ته ڪنهن ساڻس همدردي ڪئي هئي ۽ پاڻ تڪليف ڏسي ڪيس سُک ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. شايد ڪنهن هن کي پيار سان گڏ آرام سان پلنگ تي سمهاري ڇڏيو هو.

انهي وقت چندرمُکي ڪمري ۾ داخل ٿي. رات وارو سينگار ختم ٿي ويو هئس. ڪجهه ڳهَه ضرور پاتل هئس، پر اها رنگين ساڙهي، اها بنديا ۽ چپن تي سرخي نه هئس. جنهن وقت هُوءَ ڪمري ۾ داخل ٿي ته ڪيس سادي ڏوتي پاتل هئي. هن کي ڏسندي ئي ديوداس کلي پيو ۽ چيو. ”ڪالهه ڪٿي ڌاڙو هڻي، مون کي اغوا ڪري آئين هُئينءَ؟“

”ڌاڙو ناهي هنيو. واٽَ تي پيو هئين، اتان کڻي آئي آهيانءِ.“ چندرمُکي جواب ڏنو.

”خير، جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. پر تو هي سلسلو وري شروع ڪري ڇڏيو آهي ڇا؟ تون اهو سڀ ڪجهه کڻي ڪٿان آئي آهين؟ تنهنجي بدن تي اهو سڀ سنو نه تو لڳي؟“ ديوداس سنجيده ٿيندي چيس.

چندرمُکيءَ تيز نظرن سان ديوداس ڏي ڏٺو ۽ چيو، ”وري اهو ئي رينگٽ!“

”نه، نه. منهنجو مطلب اهو ناهي.“ ديوداس کلي پيو ۽ چوڻ لڳو: ”ڪجهه نه. بس ائين ئي ٿورو ٽوڪ ڪري رهيو هئس. پر اهو ڪيئن ٿيو؟ تون مون کي ڀڏاءِ ته ڪڏهن ٿيو؟“

”ڪو ڏيڍ مهينو کن ٿيو هوندو.“

”اسان جي گهر وڃڻ کان پوءِ هتي آئي آهين؟“ ديوداس ڪجهه حساب ڪندي چيو.

”توکي ڪنهن ٻڌايو تہ مان اُتي آئي هيس؟“ چندرمُکيءَ حيراني مان پڇيو.

”تنهنجي وڃڻ کان پوءِ مان گهر آيو هئس. جنهن نوڪرياڻي سان گڏ تون ياڃائي سان ملڻ وئي هئينءَ. تنهن مون کي ٻڌايو تہ هڪ عورت اشٽ جهوري ڳوٺ کان منهنجي اتي اچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ آئي هئي. شڪل صورت سٺي هئس. انهي کان پوءِ مون کي سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي تہ اها ڪير هوندي. پر تون کي مون اهو تہ ٻڌاءَ تو هِي زيور ڇو نهرايا آهن؟“ ديوداس پڇيو.

”هي نهرايا ناهن پر ڪِلڪ واري بازار مان خريد ڪيا آهن، پر مون کي اهو سڀ ڪجهہ تنهنجي خاطر ڪرڻو پيو. پوءِ بہ هِيءَ ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ اوهان مون کي سڃاڻڻ ۾ ناڪام رهيا.“

”سڃاڻڻ ۾ ناڪام تہ رهيس پر ايترو سو ضرور خيال هيم تہ ائين مون سان ڪير همدردي ڪري رهيو آهي. منهنجي ايتري خدمت ڪير ڪري رهيو آهي؟ چندرمُکي کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نہ ٿو ٿي سگهي.“ ديوداس کلندي چيو.

ديوداس جا اهي لفظ ٻڌي چندرمُکي جي دل تيز ڌڙڪڻ لڳي. ڪجهہ دير تائين هُوءَ سوچيندي رهي ۽ پوءِ چيو. ”ڇا تون اڃان بہ مون کان نفرت ڪندو آهين؟“

”نہ. هاڻي... عشق.“ ديوداس چيو.

جڏهن ديوداس منجهند جو وهنجڻ لڳو تہ چندرمُکي هن کي ڏسندي پڇيو.

”هي پيٽ تي پٽي ڇاجي ٻڌي اٿئي؟“

”ڪڏهن ڪڏهن پيٽ ۾ سور محسوس ٿيندو آهي، انهي جي ڪري ٻڌي ڇڏي آهي، پر تون اها ڏسي گهٻرائجي ڇو وئي آهين؟“

”اهو ڇا ٿيو؟ ڀڳوان! تو اِهو ڇا ڪري ڇڏيو؟ ڦڦڙن ۾ اهو سُور ڇو شروع ٿي ويو اٿئي؟“ چندرمُکي پنهنجي مُنهن تي ڏڪ هڻندي چيو.

”ڪجهہ ائين ئي ٿو لڳي، چندرا!“

ڊاڪٽر انهيءَ ڏينهن ديوداس جي ت... ڪئي هئي ۽ خبر پئي تہ

چندرمُکيءَ جو شڪ صحيح آهي. ڊاڪٽر دوا ڏني ۽ ٻڌايو تہ اڳتي احتياط نہ ڪيو ويو تہ پڇتائڻو پوندو.

ٻئي ڄڻا چڱي طرح سمجهي ويا تہ ڊاڪٽر جي چوڻ جو مقصد ڇا آهي. ڀُونان ڌرم داس ڪي گهرايو ويو ۽ ڪيس علاج جي لاءِ گهران پيسا آڻڻ جي لاءِ موڪليو ويو.

ٻہ ڏينهن گذري ويا. ٽئين ڏينهن صبح کان ئي ديوداس ڪي ڪِٽس شروع ٿي وئي.

”توسان سٺي وقت ۾ ملاقات ٿي وئي، چندرا! نہ تہ اهو ممڪن هو تہ تون مون کي ڪڏهن بہ ڏسي نہ سگهين ها.“ ديوداس چندرمُکيءَ کي گهرائي چيو.

چندرمُکي جي اکين مان ڳوڙها وهي پيا. هُوءَ هر وقت ديوداس جي خدمت ۾ لڳي پئي هوندي هئي ۽ ڀڳوان کان دعا گهرندي رهندي هئي. هُوءَ اڪثر چوندي رهندي هئي تہ: ”اي ڀڳوانَ! ڇا مان هن مصيبت جي وقت ۾ ديوداس جي ڪنهن ڪم اچي سگهنديس. اهو تہ مون ڪڏهن خواب ۾ بہ نہ سوچيو هو ۽ هاڻ تون منهنجي هڪ دعا ٻڌ ۽ ديوداس کي ٺيڪ ڪري ڇڏ.“

هڪ مهيني کان مٿي عرصو گذري ويو هو پر ديوداس بيمار پيو هو. آهستي آهستي سندس طبيعت ٺيڪ ٿيڻ لڳي. بيماري وڌڻ کان اڳ ئي رڪجي وئي.

”چندرمُکي! تنهنجو اهو نالو ڏاڍو ڏکو آهي. توکي سڏڻ ۾ ڏکيائي محسوس ٿيندي آهي، تنهن ڪري سوچيان ٿو تہ تنهنجو ڪو ننڍو نالو رکان. تنهنجي ڇا راءِ آهي؟“ ديوداس پڇيو.

”جيئن توهان جي مرضي.“

”تہ توکي اڄ کان ’ننهن‘ چئي سڏ ڪندو مانءِ.“

اهو ٻڌي چندرمُکي پنُهنجي کِل! نہ روڪي سگهي ۽ چوڻ لڳي، ”تون ان نالي سان مون کي سڏيندين، اهو تہ ٺيڪ آهي، پر مون کي اهو تہ ٻڌاءِ تہ ان نالي جي معنيٰ ڇا هوندي آهي؟“

”ڇا سڀ ڳالهيون معنيٰ رکنديون آهن؟ اها منهنجي خواهش

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. تنهنڪري توکي انهيءَ نالي سان سڏيندم.“

”تہ پوءِ نيڪ آهي، جيڪڏهن تنهنجي خواهش آهي تہ پوءِ پلي انهي نالي سان سڏجان، پر گهٽ ۾ گهٽ اهو تہ ٻڌاءِ تہ اهڙي خواهش چو پيدا تي اَٿئي؟“

”شايد تون انهيءَ جو سبب نہ ڄاڻي سگهين.“ ديوداس چيو.

”نيڪ آهي، جيئن وڻئي تيئن سڏ.“ چندرمُکي ڪنڌ لوڏيندي چيو.

”نُنهن! اهو تہ ٻڌاءِ تہ تنهنجو مون سان ڪهڙو رشتو آهي جو منهنجي ايتري خدمت تي ڪرين؟“ ديوداس پڇيو.

”تون اجا تائين بہ اهو ناهين ڄاڻي سگهيو تہ تون ئي منهنجي زندگي جي دولت آهين.“ چندرمُکيءَ سنجيدا ٿيندي چيو.

ديوداس جون نظرون پٽ تي ڄميل هيون. هن ڪجهہ بدحواسيءَ مان چيو ”اهو تہ ڄاڻان ٿو، پر پوءِ بہ ايتري خوشي نہ ٿي ٿئي. تون ڄاڻين ٿي تہ مان پاروَتي کي ڪيترو چاهيندو آهيان ۽ هُوءَ بہ مون کي ڪيترو پيار ڪندي آهي! اهو مان ئي ڄاڻان ٿو تہ هُوءَ منهنجي ڪري ڪيتري ڏکويل آهي. ايترو ڏک ملڻ ڪانپوءِ مون سوچيو هو تہ اڳتي انهي مامري ۾ نہ پوندس، پر مان اهو دعويٰ سان ٿو چوان تہ مان پاڻ انهي مامري ۾ نہ پيو هئس. پر اهو ٻڌاءِ تہ تو اهو ڇا ڪيو آ جو مون کي مجبور ڏسي قيد ڪري ڇڏيو اَٿئي.“

ڪجهہ دير ماٺ رهڻ کان پوءِ هُنَ وري ڳالهايو. ”نُنهن! شايد تو کي پاروَتي وانگر ڏک ۾ تڪليف برداشت ڪرڻي پوي.“

چندرمُکي رئي سان پنهنجو مُنهن لڪائي ڇڏيو ۽ گم سم ٿي ڪٽ تي ويهي رهي.

”توهان ٻنهي ۾ فرق هوندي بہ ڪيتري نہ هڪجهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.“ ديوداس چيو. ”هڪ مغرور ۽ ڪسبياڻي ۽ ٻي سنجيدا آهي. هُوءِ ڪجهہ بہ برداشت نہ ٿي ڪري سگهي ۽ تو ۾ ڪيڏي برداشت آهي. هُنَ جي نالي جي هر پاسي هاڪ آهي ۽ ماٺهو ڪيس عزت جي نظر سان ڏسندا آهن ۽ تنهنجي تہ هر طرف بدنامي ئي پئي ٿئي ۽

توکي سماج تي ٽِڪو سمجهيو ويندو آهي. هن سان ماڻهو پيار ڪندا آهن ۽ توسان نفرت، پر، ننُهن! مان توسان عشق ڪندو آهيان."

ديوداس هڪ ٿڌي آهہ ڀري ۽ پوءِ وري چوڻ شروع ڪيو. ”گناهہ ۽ ثواب جي باري ۾ سوچڻ وارا تنهنجي باري ۾ ڇا سوچيندا هوندا؟ مان اهو نہ ٿو ڄاڻان، پر ايترو ضرور چاهيان ٿو تہ مون ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪنهن سان تنهنجو ميل ٿئي تہ اهو توسان پيار ڪري. مان تہ مرندي بہ توکان الڳ نہ ٿو ٿي سگهان."

ڳوڙهن جي وهندڙ لارن سان چندرمکيءَ جي ڇاتي آلي ٿي وئي. هوءَ دل ئي دل ۾ چئي رهي هئي، ”ڀڳوان! جيڪڏهن ايندڙ جنم ۾ گناهن جي معافي ملي سگهي تہ مون کي اهائي آسيس ڏجانءِ."

ٻہ مهينا ٻيا بہ گذري ويا. ديوداس ڪجهہ نيڪ ٿي ويو پر ڪمزوري اڃا تائين بہ هيس. آبهوا مٽائڻ ضروري هو، انهيءَ ڪري هن سوچيو تہ اولهہ پاسي گهمڻ وڃڻ گهرجي ۽ ڌرمداس کي گڏ وٺي وڃجي.

چندرمُکي بہ ضد ٻڌي ويهي رهي تہ مان بہ گڏ هلنديس. نيٺ بہ خدمت ڪرڻ جي لاءِ ديوداس کي هڪ ماڻهوءَ جي ضرورت هئي.

”مون کان اهو نہ ٿيندو. ڇا بہ ٿي پوي، پر مان ايترو بيشرم ناهيان." ديوداس جواب ڏنو.

چندرمُکي بلڪل خاموش ٿي وئي، پلا ٻار تہ نہ هئي، هر ڳالهہ آساني سان سمجهي ويندي هئي. هوءَ جلدي سمجهي وئي تہ هن دنيا ۾ سندس ڪا بہ عزت ناهي. هوءَ اهو بہ ڄاڻي پئي تہ هن جي گڏ رهڻ سان ديوداس کي گهڻو آرام ملندو، پر هن جي اها عزت نہ ٿيندي جيڪا ٿيڻ گهرجي. هن پنهنجا ڳوڙها اگهندي سوال ڪيو، ”پوءِ وري ڪڏهن ملاقات ٿيندي؟"

”ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي. جيڪڏهن زنده رهيس تہ توکي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس ۽ توکي ڏسڻ جي خواهش هر گهڙي دل ۾ رهندي."

چندرمُکي سلام ڪري هڪ طرف ٿي وئي ۽ چيو، ”انهي کان وڌيڪ مان ڪجهہ نہ ٿي چاهيان. منهنجي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوداس ويندي ويندي ٻه هزار رُپيا چندرمُکيءَ کي هٿ ۾ ڏنا ۽ چيو، ”هي سنڀال. انسان جي زندگيءَ تي ڪو ڀروسو ناهي... انجام ڇا ٿيندو؟ اهو ڀڳوان ٿو ڄاڻي.“

چندرمُکي جلدي ۾ ديوداس جي ڳالهه سمجهي وئي. ڪجهه سوچڻ کان پوءِ هن پيسا ورتا ۽ اکيون اگهندي چيو، ”اهو ته ٻڌايون وڃ.“

”ڇا؟“

”وڏي نُنهن چيو هو، ته توهان ڪنهن خطرناڪ بيماري ۾ ورتل آهيو. ڇا اهو سچ آهي؟“

اهو ٻڌي ديوداس کي تمام گهڻو ڏک ٿيو ۽ چوڻ لڳو: ”وڏي نُنهن ڇا نه ٿي چئي سگهي، پر توکي ته سڀ خبر آهي. منهنجو ڪهڙو راز توکان لڪل آهي، جيڪو تون نه ٿي ڄاڻين. انهي ماٺري ۾ تون پارَوتي کان به اڳتي آهين.“

”چڱو، ٺيڪ آهي.“ چندرمُکي اکيون اگهندي چيو، ”تنهنجي صحت صحيح ناهي. تنهن ڪري گهڻو احتياط سان رهجان. ڪٿي وري ڪا غلطي نه ڪري ويهين.“

ديوداس رڳو کلي پيو.

”توکان هڪ خيرات گهران ٿي، ڏيندين؟“

”ڇا ٿي گهرين؟“

”ڀڳوان نه ڪري جيڪڏهن تنهنجي طبيعت خراب ٿي پوي ته مون کي اطلاع ڏيندين؟“

”ها، ڇو نه ڏيندس، نُنهن!“ ديوداس سندس مُنهن ڏي ڏسندي جواب ڏنو.

هڪ ڀيرو وري چندرمُکي ديوداس جا پير ڇهيا ۽ روئندي ٻئي ڪمري ۾ هلي وئي.

◆

ڪلڪتي ڇڏڻ کان پوءِ ديوداس ڪجهہ ڏينهن اِلٰه آباد ۾ رهيو. هڪ ڏينهن ائين ئي چندرمُکي کي خط لکي ڇڏيائين.

”نُنهُن!

سوچيو هئم تہ هاڻي ڪڏهن بہ عشق نہ ڪندس. پهرئين عشق ڪرڻ کانپوءِ روئندي موٽڻ ڪيتري نہ ڏک، جي ڳالهہ آهي. انهي کان علاوه ڪنهن هڪ کي پنهنجو ڪري وري ٻئي عشق جي ڪوشش ڪرڻ هڪ وڏو ڏوڪو آهي.“

اِهو ڄاڻڻ جي ضرورت ناهي تہ چندرمُکيءَ انهي خط جو جواب ڇا ڏنو، پر انهن ڏينهن ۾ ديوداس جي دل ۾ وري وري هڪ چاهہُ پيدا ٿيو تہ جيڪڏهن چندرمُکي هڪ ڀيرو اچي رَجي تہ ڪيترو نہ سٺو ٿئي.

پوءِ هن کي هڪڙو ڊپ محسوس ٿيندو هو ۽ سوچڻ لڳندو هو تہ،

”نہ. نہ. هاڻي هُوءَ نہ گهرجي. جيڪڏهن اها خبر پارَوتيءَ کي پئجي وئي تہ؟“

اهڙيءَ ريت ڪڏهن پارَوتي تہ ڪڏهن وري چندرمُکي هن جي ذهن تي ڇانيل رهنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن تہ ٻنهي جا چهرا سندس اکين اڳيان اچي ويندا هئا. تنهن وقت هن کي گهڻي خوشي محسوس ٿيندي هئي ۽ هن کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ ٻنهي جو پاڻ ۾ ڪيترو نہ گهڻو پيار آهي.

ٻئي سندس دل ۾ رهنديون هيون. ڪڏهن هن کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ اُهي ٻئي سمهي پيون آهن. ان وقت هن جي دل بلڪل ئي خاموش ٿي ويندي هئي. رڳو هڪ امنگ هن جي دل ۾ رقص ڪرڻ لڳندي هئي.

تنهن کان پوءِ ديوداس لاهور هليو ويو. اتي چُني لال جو ڪاروبار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. جيئن ئي ديوداس کي هن جو ڏس پتو مليو تہ ملڻ جي لاءِ هليو آيو. هڪ ٻئي سان ملي ٻنهي کي ڏاڍي خوشي ٿي. ٻئي ڪافي وقت ڪانپوءِ مليا هئا. هاڻي وري ديوداس شراب پيئڻ شروع ڪري ڇڏيو. جيئن ئي شراب پيئڻ لڳندو هو، تيئن ئي چندرمُکيءَ جو عڪس سندس اکين اڳيان اچي ويندو هو. هُو سوچيندو هو تہ هُوءَ ڪيتري نہ سٺي هئي، هن وٽ ڪيترو نہ پيار ءِ ڪيڏي نہ سهپ هئي. هاڻي آهستي آهستي پاروَتي جي ياد کيس گهٽ اچڻ لڳي. ڪڏهن ڪڏهن رڳو وسامي ويل ڏيئي جي شعلي وانگر اچي ويندي هيس. لاهور جي آب هوا ديوداس کي راس نہ آئي، ڪنهن ڪنهن مهل سندس طبيعت خراب ٿي ويندي هئي ۽ پيٽ ۾ سور پوڻ شروع ٿي ويندو هوس.

نيٺ ڌرم داس تنگ ٿي، هڪ ڏينهن روئندي چيس، "ديوداس! تنهنجي طبيعت وري خراب ٿي وئي آهي، هاڻي هتان هلڻ گهرجي."

"تہ پوءِ هل هتان." ديوداس خاموشيءَ سان جواب ڏنو.

عام طور تہ ديوداس پنهنجي اوطاق ۾ ئي شراب پيئندو هو. جنهن ڏينهن چُني لال ايندو هو انهي رات ئي هُو شراب پيئندو هو. انهي وقت هُو ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر هليو ويندو هو. رات گذرڻ تي هوندي هئي تہ واپس ايندو هو... ڪڏهن ڪڏهن تہ سڄي رات گم هوندو هو. اڄ ٻہ ڏينهن گذري ويا هئا، پر هُو ڪٿي بہ نظر نہ آيو. ڌرم داس کيس سڄي شهر ۾ ڳوليو پر ڪٿان بہ ڪا خبر نہ پئي. ٽئين ڏينهن بيماري جي حالت ۾ اچي پلنگ تي ليٽي پيو ۽ پوءِ اٿڻ جو نالو نہ ورتائين. ٽي چار ڊاڪٽر سندس علاج ۾ لڳي ويا.

"ديوداس! ڇا ڪاشيءَ مان ماءُ کي گهرايان؟" ڌرم داس پڇيو.

"ڇي... ڇي! ! ڇا هيءَ صورت ماءُ کي ڏيکاري سگهان ٿو؟" ديوداس سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو.

ڌرم داس نہ مڃيو ۽ چيو، "بيماريون تہ لڳي وينديون آهن. ڇا اهو مناسب آهي تہ ايڏي وڏي ڏک واري خبر ماءُ کي نہ ڏيان. ديوداس! اها ڪا شرم جي ڳالهہ ناهي. هل تہ ڪاشيءَ هلون."

"نہ، ڌرم داسَ! مان هن حالت ۾ امان وٽ نہ هلندس. جيستائين

ٺيڪ نہ ٿو ٿي وڃان مان اوڏانهن هلڻ کان لاچار آهيان.“ ديوداس مُنهن ٻئي پاسي ڦيريندي چيو.

ڌرم داس هڪ ڀيرو سوچيو تہ چندرمُکي جي باري ۾ ڳالهہ ڪيانس، پر ديوداس چندرمُکيءَ کي نفرت جي نگاهہ سان ڏسندو هو. اهو خيال ايندي ئي خاموش ٿي ويو.

ديوداس کي سندس ياد ايندي رهندي هئي، پر هُو ڪجهہ نہ چوندو هو. انهي جي ڪري هن ڪنهن کي بہ بيماري جو اطلاع نہ ڏنو. هوريان هوريان سندس طبيعت سڌرڻ لڳي. هڪ ڏينهن هو پلنگ تي اٿي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳو، ”ڌرم داسَ! دل ٿي چئي تہ هاڻي هتان هليو وڃان.“

”منهنجا ياءُ! هاڻي اسان کي ڪنهن ٻئي پاسي هلڻ جي ضرورت ناهي. هتان هلڻ جون رڳو ٻہ ئي جايون آهن. يا تہ گهر هلجي يا وري ماءُ وٽ هلجي.“ ڌرم داس راءِ ڏني.

سڀ سامان ٻڌو ويو ۽ چُني لال کان اجازت وٺي ديوداس اِلٰه آباد ڏانهن نڪري ويو. هاڻي سندس طبيعت ڪجهہ بهتر هئي. اتي ڪجهہ ڏينهن رهڻ کان پوءِ ديوداس چيو، ”ڌرم داسَ! هاڻي وري ڪنهن نئين جڳهہ تي هلجي، هل تہ بمبئي هلون.“

ڌرم داس، ديوداس جي گهڻي زور ڀرڻ تي هلڻ لاءِ رضامند ٿيو. چيٽ جو مهينو هو. ٻين شهرن جي ڀيٽ ۾ هت گرمي ڪجهہ گهٽ هئي. ان ڪري ديوداس جي طبيعت اڃا بہ وڌيڪ سڌري وئي.

”ديوداس! هاڻي گهر هلڻ گهرجي.“ ڌرم داس چيو.

”نہ، نہ. مان هتي بلڪل آرام سان آهيان. تنهن ڪري هت اڃان ڪجهہ ڏينهن وڌيڪ رهون تہ ڪهڙي خراب ڳالهہ آهي.“ ديوداس جواب ڏنو.

هڪ سال گذري ويو. ٻَڌي جو مهينو هو. هڪ ڏينهن صبح جي مهل ديوداس، ڌرم داس جو سهارو وٺي اسپتال مان ٻاهر آيو. اوطاق تي پهچي ڌرم داس چيو: ”ديوداسَ! هاڻي ماءُ وٽ ئي هلڻ بهتر آهي.“

ديوداس پنهنجا ڳوڙها نہ روڪي سگهيو. نہ ڄاڻ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ کيس ماءُ ياد اچي رهي هئي، هُو اسپتال ۾ جيستائين رهيو، اهو

ٿي سوچيندو رهيو تہ دنيا ۾ سڀ پنهنجا هوندي بہ ڪو پنهنجو ناهي. ماءُ آهي، پاءُ آهي، پيڻ ڪان وڌيڪ پارَوتي ۽ چندرمُکي آهن. سڀ آهن پر ڪو بہ پنهنجو ناهي. ڌرم داس جا ڳوڙها نہ بيهي رهيا هئا ۽ چيائين،

”تو اهو چيو تہ ماءُ وٽ هلڻ گهرجي.“

”نہ، نہ. ڌرم داس ! مان ماءُ کي مُنهن ڏيکارڻ جي قابل ناهيان. هاڻي بہ محسوس ٿيندو آهي تہ اجا اهو وقت ناهي آيو تہ ماءُ وٽ هلجي.“ ديوداس مُنهن ڦيريندي، ڳوڙها اگهندي چيو.

پوڙهو ڌرم داس ٻارن وانگر رڙيون ڪري روئي پيو ۽ چوڻ لڳو،

”اهو ڇا چئي رهيو آهين؟ ديوداس! اجان تہ ماءُ جيئري ويٺي آهي.“

اهو چوڻ سان ڪيئي خيال آيا. هنن ٻنهي انهن جو مطلب سمجهي ورتو.

ديوداس جي حالت تمام خراب ٿي وئي، ڇو تہ سندس جيرو خراب ٿي چڪو هو ۽ انهي سان گڏ کنگهہ ۽ تَپُ بہ شروع ٿي ويو هوس. جسم صفا سُڪي ويو هئس ۽ رڳو هڏن جو پڃرو ٿي ويو هو. اکيون اندر هليون ويون هئس، پر پوءِ بہ انهن ۾ چمڪ موجود هئي. مٿي جا وار ڇڻي ويا هئس، ايتري قدر جو بڇيل وار ڳڻي سگهجن پيا. هٿن جون آڱريون ڏسي نفرت ٿيڻ لڳندي هئي. هڪ تہ اڳ ۾ ئي سنهڙو هو ويتر هاڻي انهي بيماري ۾ اجان بہ وڌيڪ سُڪي ويو هو.

”ديوداسَ! ٽڪيٽ ڪٿان جي وٺان؟“ ڌرم داس اسٽيشن تي پهچي پڇيو.

”گهر جي ئي وٺ. باقي پوءِ ڏٺو ويندو.“ ديوداس سوچڻ کان پوءِ جواب ڏنو.

هنن هگليءَ جي ٽڪيٽ ورتي ۽ گاڏيءَ ۾ چڙهي روانا ٿي ويا. ڌرم داس، ديوداس جي پرسان ويٺو هو. شام ٿيڻ کان پهريون ئي ديوداس جي اکين ۾ ساڙو ٿيڻ لڳو. پوءِ بخار شروع ٿي ويس، هن ڌرم داس کيَ چيو، ”هاڻي تہ گهر پهچڻ بہ مشڪل نظر اچي رهيو آهي، ڌرم داس!“

”ڇا؟ پاءَ!“ ڌرم داس گهبرائيندي پڇيو.

”مون کي وري بخار ٿي ويو آهي، ڌرم داس!“ ديوداس ڪلهڻ جي

ڪوشش ڪندي چيو.

گاڏي ڪاشي کان ٿيندي پٽني وڃي. ديوداس بيهوش پيو هو. پٽني جي ويجهو پهچندي ڪجهه هوش آيس ۽ چوڻ لڳو، ”ڌرم داسَ! هاڻي ماءُ وٽ تہ سچ پر بہ نہ ٿا وڃي سگهون.“

”تہ پوءِ، ياءُ! پٽني ۾ لهون، اتي ڊاڪٽر کي طبيعت ڏيکار تہ بهتر ٿيندو.“ ڌرم داس چيو.

”نہ نہ. هاڻي رهڻ ڏي. اسان کي رڳو گهر وڃڻ گهرجي.“

جڏهن گاڏي پاڊوا اسٽيشن تي پهتي تہ صبح ٿي ويو. رات واري برسات بند ٿي وئي هئي. ديوداس جاڳي پيو، پر ڌرم داس اجا تائين ستو پيو هو. ديوداسَ هورڙيان سندس نرڙ تي هٿ رکيو پر ڪجهه شرم محسوس ڪيو ۽ هُنَ کي نہ اٿاري سگهيو. هُو هوريان دروازو کولي ٻاهر نڪري ويو ۽ پويان گاڏي هلي وئي. ڌرم داس اهڙي طرح ننڊ ڪندو ئي هليو ويو. ديوداس گهبرائيندي اسٽيشن کان ٻاهر نڪري آيو ۽ ٽانگي واري کي گهرائي پڇيو، ”هاٿي پوتا تائين هلندين؟ ياءُ!“

ٽانگي واري هن جي مُنهَن جو جائزو ورتو ۽ چيو، ”بابُوجِي! هن وقت مان نہ ٿو هلي سگهان، رستو تمام گهڻو خراب آهي ۽ وري برسات جي منڌَ ۾ ٽانگو نہ ٿو هلي سگهي.“

”تہ ڇا ڏولي ملي سگهي ٿي؟“ ديوداس ڪجهه ڏک ڀرئي لهجي ۾ پڇيو.

”نہ.“

ديوداس خوف وچان اتي ئي ويهي رهيو ۽ سوچڻ لڳو تہ هاڻي مان نہ وڃي سگهندس. هن جي خراب حالت سندس مُنهَن مان ئي ظاهر هئي. ڪو بہ ماڻهو سولائي سان سمجهي سگهي پيو تہ سندس وقت پورو ٿي ويو آهي.

”بابُو جِي! ڇا ڏاند گاڏي جو انتظام ڪيان؟“ ٽانگي واري پڇيو.

”انهيءَ کي اُتي پهچڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو؟“

”رستو صحيح ناهي. ٽنهن ڪري، بابُوجِي! ٻہ ڏينهن تہ لڳي ويندا.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوداس پنهنجي دل ئي دل ۾ سوال ڪرڻ لڳو. ”ڇا مان ٻن ڏينهن تائين زنده رهي سگهندس؟“ پر مرڻ کان اڳ هو پنهنجي هڪ ڳالهه پوري ڪرڻ پيو چاهي، ته، ”جيئن به ٿئي، هن پيري ته پاروَتي سان ملڻ گهرجي. هاڻي رڳو ڏيڍ اهو آهي ته زندگي جا ڏينهن وڌيڪ ناهن.“

ديوداس ڏاندگاڏي ۾ ويهي رهيو. هلڻ وقت هن کي هڪدم پنهنجي ماءُ جي ساراچي وئي. سندس اکين مان ڳوڙها وهي پيا. اهو چهرو جيڪو اڄ هن کي تمام گهڻو پيارو لڳي رهيو هو، سو چندرمُکي جو هو. جنهن جي سدائين برائي ڪئي وئي هئي. جنهن کي داغ سمجهي نفرت جي نگاهه سان ڏٺو ويو هو. پنهنجي ماءُ کان پوءِ رڳو هن جي ئي ياد اچڻ تي ديوداس جون اکيون پرجي ويون. هاڻي هن سان ملاقات نه ٿي سگهندي. ڪيترن ئي ڏينهن کان سندس ڪا به خبرچار ناهي ملي. پر ايترو ٿيڻ کان پوءِ به ديوداس پاروَتي سان ملڻ ضروري سمجهيو. ديوداس هڪ پيرو قسم کنيو هو ته مرڻ کان پهرين هڪ پيرو پاروَتي وٽ ضرور ايندو. هاڻي اهو وقت ويجهو هو. قسم پورو ٿي رهيو هو.

رستو پڳل ٿتل هو. ڪٿي ڪٿي برسات وارو پاڻي گڏ ٿي ويو هو ۽ ڪٿي وڏا وڏا کڏا پئجي ويا هئا. رستي تي گپ ئي گپ لڳي پئي هئي. ڏاندگاڏي وارو ڪڏهن ته ڦيٿي کي اڳتي ڌڪي پيو ته ڪڏهن ڏاندن کي مار پيو ڏئي. جيئن به ٿئي آخر سئو ميلن جو فاصلو ته طي ڪرڻو آهي نه. تڏي هوا گهلڻ لڳي. ديوداس کي اڄ بخار تمام گهڻو هو.

”باقي ڪيترو پنڌ آهي؟ ياءَ!“ ديوداس هيٺي آواز ۾ پڇيو.

”باقي اَٺ ڪوهه اجا ٿيندا، بابُوجي!“

”جلدي ڪر، منهنجا ياءُ! مان تون کي انعام ڏيندس.“ کيسي مان سئو وارو نوٽ ڪڍندي ديوداس چيو. ”هي ڏس، سئو روپيا ملندئي، پر جلدي ڪر.“

انهي کان پوءِ ديوداس کي ڪو هوش نه رهيو. نه ڄاڻ سڄي رات ڪيئن گذري وئي. هُو بلڪل خاموش پيو هو. صبح جو ڪجهه هوش اچڻ تي هن پڇيو. ”هاڻي اجا ڪيترو پنڌ آهي؟ ڇا رستو اجا ختم نه ٿيندو؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اجا تہ ڇهہ ڪوهہ باقي آهي، بابُوڄي!“ ڏاند گاڏي واري جواب ڏنو.

ديوداس هڪ سرد آهہ ڀريندي رهجي ويو ۽ چوڻ لڳو. ”توري جلدي ڪر. هاڻي وقت پورو ٿي رهيو آهي.“

اها ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ ڏاندگاڏي وارو ان کي سمجهڻ ۾ ناڪام رهيو. پر پوءِ بہ هن ڦڙتي ۽ جوش سان ڏاندن کي مارڻ شروع ڪيو. گاڏي پنهنجي پوري طاقت سان هلڻ لڳي. ديوداس انهي اُڻ تُڻ ۾ هو تہ، ”هاڻي بچي بہ سگهان ٿو يا نہ؟“

منجهند جو گاڏي واري ڏاندن کي گاهہ ڏنو ۽ پاڻ بہ ماني کاڌي ۽ ديوداس کي چيو. ”بابُوڄي! اوهان بہ ڪجهہ کائيندئو؟“

”نہ، ڪجهہ بہ نہ. اڃ لڳي آهي. تورو پاڻي ڏي.“

هن ڪنان ويجهو کان ٿي پاڻي آڻي ديوداس کي ڏنو. شام ٿيڻ کان اڳ هن کي وري بخار ٿي ويو. نڪ مان رت اچڻ لڳس. هن پنهنجي پوري طاقت سان نڪ کي بند ڪيو . هن کي ائين محسوس ٿيو تہ سندس ڏندن مان بہ رت وهي رهيو آهي. هُو وڏا وڏا ساهہ کڻڻ لڳو. غمگين ٿيندي پڇيو. ”اجا ڪيترو اڳتي هلڻو آهي؟“

”اٽڪل بہ ڪوهہ هوندو. رات جون ڏهين بجي تائين ڪيئن بہ ڪري پهچي ويندا سين.“

”ڀڳوان!“ ديوداس آهہ ڀريندي چيو.

”ائين ڇو ڪري رهيو آهين؟ بابوجي!“ گاڏي وارو پڇيو.

ديوداس ڪو بہ جواب نہ ڏنو. گاڏي ساڳي رفتار سان هلي رهي هئي. رات جي ڏهين بجي جو وقت ٿيو هوندو جو ڏاندگاڏي هاٿي پور جي زميندار جي حويليءَ سامهون پپر جي وڻ هيٺان اچي بيهي رهي.

”بابُوڄي! لهان ڇا؟“ ڏاندگاڏي واري پڇيو.

ڪو بہ جواب نہ مليس. ڏاندگاڏي واري وري پڇيو. پر وري بہ ساڳي خاموشي رهي. هُو ڪجهہ گهبرائجي ويو. لالٽين سندس مُنهَن سامهون ڪيائين، شايد بابُوڄي کي ننڊ اچي وئي آهي.

ديوداس اهو سڀ ڪجهہ ڏسندو رهيو. ڳالهائڻ جي لاءِ چپ چورپندو رهيو پر هُو ڪجهہ بہ نہ ڳالهائي سگهيو . ڏاندگاڏي واري سڏ

ڪيس، ”بابُوڄي! بابُوڄي! !“

ديوداس هٿ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام رهيو. ايترو ضرور ٿيو جو سندس اکين مان ڳوڙها وهندا رهيا. ڏاندگاڏي واري کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه اچي رهيو هو. وڻ جي هيٺان ڪجهه گاهه وڇائي هُنَ ديوداس کي سمهاري ڇڏيو.

ٻاهر ڪو ماڻهو ڇيٽو نه هو. سنسان رات هئي. وڏي مشڪل سان ديوداس سئو جو نوٽ ڪڍي ڏاند گاڏي واري کي ڏنو. لالٽين جي روشنيءَ ۾ ڏاند گاڏي واري ڏٺو ته بابُوڄي هن ڏي اشارو ته ڪري رهيو آهي، پر ڳالهائي نه پيو سگهي. ديوداس جي حالت جو اندازو ڪري هُنَ سئو وارو نوٽ رومال جي پلاند ۾ ٻڌي ڇڏيو. ديوداس شال ۾ ويڙهيو پيو هو. لالٽين ٽمڪي رهي هئي ۽ ڏاندگاڏي وارو گم سم ويٺو هو.

صبح ٿيو. زميندار جي حويلي مان ڪجهه ماڻهو ٻاهر نڪتا ته انهن ڏٺو ته هڪ ماڻهو پپر جي وڻ هيٺان مئو پيو آهي. اهو ڏسي ڪين ڏاڍي حيراني ٿي. شڪل صورت مان سٺو ماڻهو لڳي رهيو هو. جسم شال سان ڍڪيل هئس. پيرن ۾ چمڪندڙ بوٽ پاتل هئس. هڪ هٿ ۾ منڊي چمڪي رهي هئس. هوريان هوريان ماڻهو گڏ ٿي ويا. اها خبر زميندار تائين پهچي وئي. هڪ ماڻهو کي ڊاڪٽر ڏي موڪليو ويو ۽ پاڻ انهي هنڌ پهچي ويو. انهن سيني ماڻهن کي ٽِڪَ ٻڌي ڏسندي ديوداسَ جي ٻڙي پرچي آئي، پر هڪ لفظ به سندس زبان مان نه نڪتو. رڳو سندس اکيون آليون ٿي ويون. ڏاندگاڏي وارو جيڪو ٻڌائي سگهي پيو سو هن ٻُڌايو. پر سندس ڳالهين مان ڪو به نتيجو نه پيو نڪري. سڀ ڏسي رهيا هئا ته هي ماڻهو ٻن گهڙين جو مهمان آهي. سندس ساهه بيهي چڪو هو. ترت ئي سندس ڪم پورو ٿي ويندو.

”هاءِ! هاءِ! !“ چوندي سڀ ماڻهو پنهنجي همدردي ظاهر ڪري رهيا هئا.

پارَوتي جڏهن اها خبر ٻڌي ته هن به همدردي ظاهر ڪندي چيو، ”هاءِ!“

ڪنهن تورو پاڻي ڪٽي سندس وات ۾ وڌو. ديوداس پنهنجيون

اڪيون ڪوليون ۽ پوءِ وري بند ڪري ڇڏيون. ڪجهه دير تائين سندس ساهه هلندو رهيو پر انهيءَ کان پوءِ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو.

ماڻهو سوچڻ لڳا ته هاڻي هن جو ڌهو ڪير ڪندو؟ ڪير هن جي ڪريا ڪرم ۾ ويهندو؟ ٿاڻي تي رپورٽ لکرائي وئي. جمعدار اچي جاچ جوچ ڪئي ته خبر پئي ته موتُ جيري جي بيماريءَ جي ڪري ٿيو آهي. نڪ ۽ وات ۾ رت جا داڳ هئس. سندس کيسي مان ٻه خط به مليا. هڪ دوج داسَ جو هو جيڪو هن تال سوناپور مان ديوداس جي نالي موڪليو هو جنهن ۾ لکيل هو ته وڏيڪ پيسا نه ٿا موڪلي سگهجن.

ٻيو خط ڪاشيءَ کان هريمتي ديويءَ لکيو هو ته پنهنجي صحت جي خبرچار ڏي.

ڪاٻي پاسي کان انگريزي ۾ ڪجهه لفظ لکيل هئا. انهن لکيل لفظن ۾ پهريون اکر صحيح طرح ڏسڻ کان پوءِ اندازو هنيو ويو ته سندس نالو ديوداس ئي ٿي سگهي ٿو.

اتڪل ڏيڍ ٻه سئو جي مُلهه واري نيلم جي مُندي هن جي چيچ ۾ هئي. جسم تي ويڙهيل شالَ اتڪل ٻه سئو رُپين جي هئي. هڪ قيمتي ڪوٽ، ڌوتي وغيره سڀ ڪجهه لکيو ويو. زميندار ۽ سندس وڏو پٽ واقعي واري هنڌ موجود هئا. تال سوناپور جو نالو ٻڌي مهيندر کي اهو خيال آيو ته ننڍي امان به انهيءَ ڳوٺ جي آهي، شايد اها سڃاڻندي هجيس.

”ڇا اها مرد جي سڃاڻپ ڪندي؟“ چوڌري ڪاوڙجندي چيو.

”ڇريو اڃا ٻيو ڪنهن کي چيو ويندو آ؟“ جمعدار کلندي چيو.

ڳوٺ جي ڪنهن به ماڻهو هن برهمڻ کي هٿ لائڻ لاءِ تيار نه ٿيو. انهي جي ڪري چمارن کي ئي لاش ڪڍڻو پيو. ڪنهن واهه جي ڪناري ڪٺي لاش جو اَڌُ ساڙيو ويو ۽ باقي اَڌُ پاڻيءَ ۾ اڇلايو ويو. اهو به انهيءَ واهه ۾ جيڪو سُڪي ويو هو. پکي ۽ جانور سندس لاش تي ٽٽي پيا ۽ سندس جسم کائيندي پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا. جڏهن ماڻهن اها ڳالهه ٻڌي ته ’هاءِ رام! هاءِ رام! ! ‘ ڪندا رهيا. نوڪر به رحم کائيندي هاءِ هاءِ ڪندا رهيا. پاڻ ۾ اهي ڳالهيون ڪندا رهيا، ”ڏاڍو ڀلو ماڻهو هو. ڪنهن سٺي گهر جو پيو

لڳي، چون پيا تہ سندس رڳو شال ئي بہ سئو رُپين جي هئي. ڏيڍ بہ سئو رُپين جي مُندڙي هئي ۽ پيو بہ گهڻو ڪجهہ هوس. اهو سڀ جمعدار وٽ آهي. سندس ڪيسي مان بہ خط مليا هئا، اهي بہ انهي جمعدار وٽ آهن."

انهي موت جي خبر صبح پاروَتي کي پئي، پر هن کو بہ ڌيان نہ ڏنو. اڄ ڪلهہ هونءَ بہ سندس رويو بدلجي ويو هو. هُوءَ ڪنهن بہ جهڙي تهڙي ڳالهہ سان مطلب نہ رکندي هئي. پر جڏهن اها ڳالهہ سڄي ڳوٺ ۾ ڦهلجي وئي ۽ گهڻيون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون تہ هڪ ڏينهن شام جي وقت پاروَتي هڪ نوڪرياڻي کي گهرائي پڇيو.

"ڪير مري ويو آهي؟"

"هاءِ! هاءِ! ننڍڙن راڻي! ڪنهن کي بہ خبر ناهي. گذريل جنم ۾ شايد هن جڳهہ تي زمين خريد ڪئي هئس، انهي لاءِ ويچارو هتي مرڻ آيو هو. سردي جي سڄي رات ٻاهر پيو رهيو ۽ صبح جو گذاري ويو."

"تہ پوءِ ويچاري جي خبر نہ پئي سگهي تہ ڪير هو؟" پاروَتي ٿڌي آهہ ڀريندي پڇيو.

"پيو تہ ڪير نہ ٿو ڄاڻي. شايد مهيندر بابو ڄاڻي ٿو. وڏيڪ انهيءَ کان پڇي وٺو." نوڪرياڻي جواب ڏنو.

مهيندر آيو ۽ چوڻ لڳو، "شايد اوهان جي ئي ڳوٺ جو ديوداس مُکرجي پيو لڳي." پاروَتي مهيندر جي ويجهو آئي ۽ سندس مُنهُن ڏي گهوريندي ڏسندي چيو.

"ڇا؟ ڇا ديوداس! اها خبر ڪيئن پئي؟"

"سندس ڪيسي مان بہ خط نڪتا آهن. ڪنهن دوج داس نالي ماڻهو لکيا آهن."

"ها، ها. سندس وڏو ڀاءُ آهي." پاروَتي روئيندڙ آواز ۾ چيو.

"۽ ٻيو ڪاشي مان هريمتي ديوي لکيو هئو."

"ها، اها. سندس ماءُ آهي."

"۽ هٿ تي نالو بہ لکيل هئس."

"اهو هن پهريون ڀيرو ڪلڪتي وڃڻ تي لکرايو هو."

"هڪ نيلم واري مُندڙي هئس."

”ها، ها. اها سندس چاچي ڏني هئس. مان ڄاڻان ٿي. مان هن کي سڃاڻان ٿي.“ اهو چوندي پارَوتي پڇندي هيٺ هلي وئي.

”پڌ، امان! او امان! ! تون ڪاڏي پئي وڃين.“ مهيندر بدحواس ٿيندي چيو.

”ديوداس وٽ.“

”اهو هاڻي اتي ناهي... سندس لاش چمار کڻي ويا.“

”هاءِ! منهنجي امان! !“ چوندي پارَوتي وري پڇندي وئي. مهيندر به سندس پويان پڇندو کيس روڪيندي چوڻ لڳو. ”چري ٿي وئي آهين ڇا؟ امان! ڪاڏي وڃي رهي آهين؟“

پارَوتي ڪاوڙيل نظرن سان هن طرف ڏٺو ۽ چيو. ”تون مون کي چريو سمجهي رهيو آهين، مهيندر! پري ٿي وڃ. منهنجو رستو ڇڏ.“

سندس حالت ڏسي مهيندر هُنَ جو رستو ڇڏي ڏنو ۽ سندس پويان پڇڻ لڳو.

پارَوتي بي وسي مان ٻاهر پڇڻ لڳي. انهيءَ وقت نوڪر ڪم ڪري رهيا هئا. چوڌري عينڪ پائيندي پڇيس، ”ڪير ويو آهي؟“

”ننڍي امان.“ مهيندر جواب ڏنو.

”ڇا ٿيو؟ ڇو وڃي رهي آهي؟“

”ديوڊاس کي ڏسڻ.“ مهيندر جواب ڏنو.

چوڌريءَ رڙ ڪندي چيو. ”اڙي! ڇا توهان سڀني جو دماغ خراب ٿي ويو آهي، ڪاڏي وڃي رهيا آهيو؟ پڇ پڇ، هن کي پڪڙ... او مهيندر!“

نوڪرن چاڪرن پڇڻ ڊڪڻ شروع ڪيو ۽ پارَوتي جو بيهوش جسم اندر کڻي آيا. ٻئي ڏينهن پارَوتيءَ کي ڪجهه هوش آيو پر هُوءَ خاموش رهي. هُوءَ هڪ لفظ به نه ڳالهائي سگهي. هڪ نوڪرياڻي کي اشاري سان گهرائي رڳو ايترو چيو. ”هُو رات جو آيو هو نه؟ ۽ سڄي رات.“

تنهن کان پوءِ هو وري خاموش ٿي وئي.

◆

اها خبر ناهي تہ انهي ڪان پوءِ پارَوتي جو ڪهڙو حال ٿيو؟ هو ڪيئن جيئري رهي؟ اِهو ڄاڻڻ لاءِ دل بہ نہ ٿي چاهي. جيڪڏهن ڏک ٿئي ٿو تہ رڳو ديوداس جي لاءِ، جنهن جي لاءِ اسان ڏکويل آهيون، ائين ئي ناول پڙهڻ وارا بہ ڏکويل هوندا. پر پوءِ بہ جيڪڏهن ديوداس وانگر ڪنهن اَياڳي سان اوهان جي ملاقات ٿئي تہ اُن جي لاءِ ڀڳوان ڪان دعا گهرندا تہ چاهي ڪجھ بہ ٿئي، پر سندس موت ديوداس جهڙو نہ ٿئي. موت اچڻ جو ڪنهن کي ڏک ناهي، پر موت بہ ڪنهن طريقي وارو هجڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن انهيءَ وقت ڪنهن جو پيار ڀريو هٿ سندس مٿي تي گهمي وڃي ۽ هڪ غمگين پيار ڀريل چهرو ڏسندي ڏسندي سندس روح پرواز ڪري وڃي تہ ڪيترو نہ سٺو ٿئي.

”ڪاش هُو مرڻ وقت ڪنهن جي بہ اکين ۾ ڳوڙهو نہ ڏسي سگهي!“

# ڪارنامي جهڙو ترجمو

جتي بنگالي ٻوليءَ جي نوبل انعام يافته شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار رابندر ناٿ ٽاڪر جي نالي ۽ ڪتابن کي ادب ۽ شاعريءَ جا شائق پنهنجي ذهن جي لائبريريءَ ۾ سانڍيندا ۽ سجائيندا رهندا آهن، اتي ٽئگور جي ئي زماني ۽ ٻوليءَ جي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار شرت چندر چٽرجيءَ جي ڪتابن کي به اهي لازمي طور ساڳي شدت واري محبت سان پنهنجي خيالن جي شيلف ۾ سانڍڻ پنهنجو فرض سمجهندا آهن.

زير نظر ڪتاب "ديوداس" شرت جو اهڙو جڳ مشهور ناول آهي، جيڪو نه رڳو ڪيترين ئي ٻولين ۾ ڪلاسڪ جو درجو رکڻ ڪري ترجمو ڪيو ويو آهي، پر ان تي مختلف ٻولين ۾ يادگار ۽ شاهڪار فلم پڻ ٺاهيا ويا آهن. جن اتان جي عوامن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي آهي.

اسانجي سنڌي ٻوليءَ جي اديب ۽ ڪتابن جي شائق مبين چنا "ديوداس" کي هڪ دفعو ٻيهر ترجمو ڪيو آهي. ڪانئس ۽ ورهاڱي کان اڳ شرت جي ٻين سان گڏ هي ناول به ترجمو ڪيو ويو هو. جيڪو به مون سوڀي گيانچندانيءَ جي لائبريريءَ مان ڏاڍي چاهه سان پڙهيو هو ۽ هن جي ٻين ناولن "چرتر هيڻ"، "شريڪانت"، "سُمتي" ۽ ڪهاڻين وانگر هي به منهنجي سوچ ۽ سارَ جو اڄ تائين اٿاٿوتي رهيو آهي.

مبين چنا پنهنجي سهڻي، سليس ۽ ڪٽي ڪٽي ٺيٺ سنڌيءَ ۾ به ترجمي وارو هي ڪم شاندار ۽ ڪارنامي جهڙو ڪيو آهي. جيڪو سنڌي ادب جي ديوانن کي ديوانگيءَ وارين وادين جو سير پهرين سِٽَ جي پڙهڻ سان ئي ائين ڪرائيندو، جو اهي حياتيءَ ڀر ان کي پنهنجي ساهه ۽ سيني ۾ سانڍيو وتندا.

**محمد علي پٺاڻ**

ISBN # 978-969-7914-03-6

Rs. 250/-

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book